ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) سومر 19 آڪٽوبر 2026ع 07 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهہ 30 روپيہ شمارو (65)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

عوام کي تعليم ۽ علاج جي برابر سهولتن کانسواءِ پاڪستان فلاحي رياست بڻجي نہ سگهندو: وزيراعظم شهباز شريف

مالي وسيلن جي کوٽ سبب لکين ذهين ۽ باصلاحيت ٻار پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ڪرڻ کان محروم آهن، دانش اسڪولن ذريعي غريب ۽ مستحق شاگردن کي معياري تعليم جا موقعا فراهم ڪريون پيا

امير ۽ غريب جي هر ٻار کي تعليم ۽ ترقيءَ جا هڪجهڙا موقعا ملڻ گهرجن، قائداعظم جي تصور موجب اهڙو معاشرو قائم ڪرڻ ضروري آهي، جتي ڪنهن بہ ٻار جو مستقبل غربت سبب متاثر نہ ٿئي

دانش اسڪولن مان تعليم حاصل ڪندڙ شاگرد مختلف شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن، اهڙا ادارا محروم طبقن جي ٻارن کي اڳتي وڌڻ ۽ قومي ترقيءَ ۾ حصو وٺڻ جا موقعا فراهم ڪن ٿا

سنڌ، بلوچستان، خيبرپختونخوا، آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان سميت ملڪ جي مختلف علائقن ۾ 27 دانش اسڪول تعمير ٿيل آهن، اسان جو مقصد پٺتي پيل علائقن جي ٻارن تائين معياري تعليم پهچائڻ آهي

اسلام آباد ۾ 30 ايڪڙن تي قائم دانش اسڪول ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ الڳ تعليمي بلاڪ، سائنس، آءِ ٽي ۽ روبوٽڪس جون جديد ليبارٽريون، اي لائبريري ۽ آرٽ روم قائم ڪيا ويا آهن

مختلف علائقن جي 360 ذهين شاگردن کي ميرٽ جي بنياد تي داخلا ڏني وئي آهي، جيڪي ٻار جديد علم، ڊجيٽل مهارتن ۽ تحقيق ذريعي مستقبل جي چئلينجن کي منهن ڏئي سگهن: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي تہ مالي وسيلن جي گهٽتائي لکين ذهين ٻارن جي صلاحيتن جي اظهار ۽ اڳتي وڌڻ جي راهہ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. دانش اسڪولن جو قيام غريب ۽ مستحق ٻارن کي معياري تعليم جا برابر موقعا فراهم ڪرڻ جي ويزن جو حصو آهي. دانش اسڪولن جو مقصد انهن ٻارن کي ملڪ جي مشهور تعليمي ادارن جي برابر ۾ ان کان بهتر تعليم فراهم ڪرڻ آهي تہ جيئن هو پنهنجي محنت، قابليت ۽ صلاحيتن سان ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۾

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف دانش اسڪول جو افتتاح ڪري رهيو آهي

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تعريف جوڳي آهي: سليم مانڊوي والا

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽر سليم

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران بلوچستان دهشتگردن خلاف ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان صوبي جي ضلعن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

18 آڪٽوبر، پاڪستان جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي،پيپلز پارٽيءَ جا ڪارڪن دهشتگرديءَ خلاف جدوجهد کي پنهنجي ذميواري سمجهن ٿا:چيئرمين پيپلز پارٽي

خيبر کان خضدار تائين دهشتگرديءَ جي چئلينج کي منهن ڏيندڙ پاڪستان جي بهادر فوج ۽ پوليس کي نشانو بڻايو پيو وڃي:بلاول ڀٽو

پيپلز پارٽي دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ تشدد خلاف جدوجهد جاري رکندي ۽ ملڪ ۾ جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي

جلاوطني ختم ڪري وطن واپس ايندڙ شهيد بينظير ڀٽو کي دهشتگرديءَ ذريعي نشانو بڻائڻ جي بزدلاڻي ڪوشش ڪئي وئي،جانثار ڪارڪنن پنهنجي جانين جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي قائد جي حفاظت ڪئي ۽ جمهوريت لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون

شهيد راڻي پنهنجي آخري جلسي ۾ چيو هو تہ ڪجهہ قوتون سوات ۾ پاڪستان جي رياستي رٽ ۽ قومي جهنڊي کي ڏسڻ نٿيون چاهين، پيپلز پارٽي حڪومت قائم ڪرڻ کان پوءِ سوات ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن شروع ڪيو ۽ شهيد جو ڪيل واعدو پورو ڪيو

ڪي پي جو وڏو وزير پنهنجي ٽرئيءَ جي دفاع لاءِ تيار ناهي، پر پيپلز پارٽيءَ سان سياسي مقابلي لاءِ تيار آهي،سانحي ڪارساز جهڙن واقعن جي جاچ ۾ ثبوتن جي تحفظ ۽ شفافيت کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي

پيپلز پارٽيءَ جو موقف واضح آهي تہ نون صوبن جو قيام رڳو آئيني ۽ قانوني طريقيڪار تحت ئي ممڪن آهي،محسن نقوي چاهي ٿو تہ پيپلز پارٽي ۽ صدر آصف زرداري جي پاليسي کهڙي آهي

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو)پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ سانحي ڪار ساز جي شهيدن جون قربانيون هميشہ ياد رکيون وينديون

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن جي 19هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

هر ضلعي ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ دعائيہ تقريبون منعقد ڪري شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

پيپلز پارٽي ڪراچي جي ضلعي ڏکڻ پاران خالق ڏنو هال ۾ ڪارساز جي شهيدن جي 19هين ورسي جي تقريب منعقد ڪئي وئي

ڪارساز سانحي ۽ لياقت باغ سانحي کي هڪ ئي سازش جي ڪڙي سمجهون ٿا،شهيد بينظير ڀٽو کي نشانو بڻايو ويو:نثار کهڙو

ڪارساز ۽ لياقت باغ جي سانحن ۾ شهيد بينظير ڀٽو ۽ ڪارڪنن کي شهيد ڪري عوام جي اميدن جو قتل ڪيو ويو

اڳوڻي وڏي وزير ارباب غلام رحيم کهڙي بنياد تي دعوي ڪئي هئي تہ ڪارساز ريلي رات 12 وڳي کان اڳ ختم ٿي ويندي

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، خاتون اول آصفہ ڀٽو، وڏو وزير مراد علي شاهہ، پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو صوبائي وزير سعيد غني، وقار مهدي ۽ ٻيا ڪارساز سانحي جي شهيدن جي يادگار تي دعا گهري رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ)پاڪستان پيپلز پارٽي پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن جي 19هين ورسي سنڌ جي سمورن ضلعي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو جي اڳواڻي ۾ دعا گهري پئي وڃي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران بلوچستان ۾ 8 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

صدر زرداري پاران بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪاروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جا انٽيليجنس بنياد تي آپريشن، 8 دهشتگرد مارجي ويا

ڪوئيٽا جي علائقي پنجپائي ۾ ڪرروائي دوران ٽريفڪ روڪڻ جي ڪوشش ڪندڙ 5 دهشتگرد مارجي ويا

نوشڪي ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻي تي ڪارروائي دوران فائرنگ ۾ 2 دهشتگرد ماريا ويا

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعن ڪوئيٽا، نوشڪي ۽

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ايران جوهري ارادن تان هٿ کڻي نہ تہ تباهہ ڪندڙ ڪارروائي ڀوڳيندو: آمريڪا

تهران فوجي ڪارروائيءَ کان بچڻ لاءِ روايتي ميزائلن جو وڏو ذخيرو تيار ڪري رهيو آهي

واشنگٽن امريڪي فوجين ۽ بحري جهازن تي حملن کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا آهن

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي بچاءَ واري وزير پيٽ هيگسيٿ ايران کي خبردار ڪيو آهي تہ هو پنهنجي جوهري ارادن تان هٿ کڻي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

بلوچستان جي مسئلن جو سياسي بنيادن تي حل ڪيو وڃي: لياقت بلوچ

اختيارن جو هٿرادو ڏيکاءُ صوبي ۾ بحرانن کي وڌيڪ سنگين بڻائي ڇڏيو آهي

بلوچستان جا شاگرد ۽ شاگرديائيون اسان پيارا آهن، سندن عزت ۽ قدر ڪرڻ قومي گهرج آهي

لاهور(م ڊ)لاهور ۾ جماعت اسلامي جي نائب امير لياقت بلوچ سان بلوچستان جي شاگردن ۽ شاگرديائين جي وفد ملاقات

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

فرانس ۾ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرا،143 سال تاريخي هال کي باهہ

ليموج ۾ نقاب پوش مظاهرين پراڻي تاريخي ٽائون هال کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو

مارسيلي شهر ۾ مظاهرين سٽي هال ۾ گهوڙي مجسمو اونڌو ڪري ۽ فرنيچر ڀڃي ڇڏيو

پيرس (م ڊ) فرانس جي شهر ليموج ۾ نقاب پوش مظاهرين 143 سال پراڻي تاريخي ٽائون هال کي باهہ ڏئي ڇڏي،

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون دهشتگردي جي خاتمي واري عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون: صدر زرداري

شهيد بينظير ڀٽو خطري باوجود ثابت قدم رهي، سندس جرئت ۽ بهادري جمهوريت جي علمبردارن لاءِ مشعل راهہ آهي

آئين جي بالادستي، عوام جي حڪمراني ۽ جمهوري قدرن جو تحفظ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي قربانين جي تقاضا آهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري ڪارساز سانحي جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

خضدار ويجهو ماربل فيڪٽري تي هٿياربندن جو حملو، فائرنگ، 18 پورهيت اغوا

ڏورانهين علائقي ’نال‘ ۾ سنگ مرمر جي فيڪٽري تي نامعلوم هٿياربندن چڙهائي ڪري فائرنگ ڪئي

جوابدارن 18 مزدورن کي اغوا ڪري ورتو، فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندڙ هڪ ڄڻو فائرنگ ۾ زخمي

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان جي ضلعي خضدار جي ڏورانهين علائقي ’نال‘ ۾

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو پهريون خلاباز 25 نومبر تي خلائي مشن تي روانو ٿيندو

يونيورسٽي آف ناروال ۾ ملڪ جو پهريون اسپيس ميوزيم قائم ڪيو ويندو: احسن اقبال

چين جي سهڪار سان پاڪستان خلائي تحقيق جي ميدان ۾ نيون بلنديون کي ڇهندو: وفاقي وزير

اسلام آباد/ ناروال (اي پي پي) رڦابندي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم هڪ شاگرديائي جي مٿي تي هٿ رکي آٿت ڏئي رهيو آهي

مالديپ جو صدر 11 سالن کانپوءِ پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪندو

پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ واپار، صحت، تعليم، سياحت، زراعت، دفاع ۾ سهڪار تي ڳالهيون ٿينديون

مختلف شعبن ۾ سهڪار سان گڏ ڪاروباري فورم ۽ معاهدن تي پڻ غور ڪيو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) مالديپ جو صدر

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪارساز سانحو پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو هڪ دردناڪ ۽ ناقابل فراموش باب آهي:مراد علي شاهہ

جمهوريت،عوامي حقن ۽ پنهنجي قائد شهيد بينظير ڀٽو سان وفاداري نڀائيندي ڪارڪنن پنهنجون قيمتي جانيون قربان ڪيون:وڏو وزير

شهيد راڻي جي وطن واپسيءَ تي ڪراچي ۾ سندس تاريخي استقبال لاءِ گڏ ٿيل جيالن تي حملو جمهوريت جي آواز کي دٻائڻ جي بزدلاڻي ڪوشش هئي:ضياءَ لنجار

شهيد پيپلز پارٽيءَ جي جدوجهد، وفاداري ۽ جمهوريت سان اٽوٽ وابستگيءَ جي علامت آهن. انهن جي قربانين کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي:شرجيل ميمڻ

شهيدن جي مشن کي اڳتي وڌائڻ، آئين جي بالادستي، پارليامينٽ جي خودمختياري، وفاق جي مضبوطي ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رهندي:نثار کهڙو

شهيدن جي قربانين کي حقيقي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو جمهوريت جو تسلسل ۽ عوامي خدمت آهي:ناصر شاهہ،سعيد غني،ذوالفقار شاهہ جو گڏيل بيان ۾ اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو جنرل سيڪريٽري

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

روشن خواب
نیا باب

دانش اسکولز، وزیرِ اعظم محمد شہباز شریف کے اُس وژن کی تعبیر ہیں، جہاں باصلاحیت اور مستحق بچوں کے لیے معیاری تعلیم کے دروازے اہلیت اور قابلیت کی بُنیاد پر کھلتے ہیں۔

اب اسی سفر کا ایک نیا باب اسلام آباد میں کھل چکا ہے

دانش اسکول، کُری روڈ، اسلام آباد

وزیرِاعظم شہباز شریف کا عزم جدید اور معیاری تعلیم سب کے لیے

آڈیٹوریم
کھیل کے میدان اور قومی سطح کے کوچز
سائنس اور کمپیوٹر لیبز
جدید ترین کلاس رومز
محفوظ بورڈنگ ماحول
24 گھنٹے طبی سہولت
اسمارٹ گیجٹس اور جدید ٹیکنالوجی
وسیع لائبریری مفت کتب اور یونیفارم

اہلیت • مساوات • معیار • مواقع

Punjab Daanish Schools & Centres of Excellence Authority
URAAN PAKISTAN
Prime Minister's Youth Programme
وزارت اطلاعات و نشریات
حکومت پاکستان
/GovtofPakistan @govtofPak
govtofpakistan www.moib.gov.pk
@GovtofPakistan
PID No. (I) 3569-D/26

پاڪستان طرفان سعودي عرب جي خودمختياري ۽ سلامتي لاءِ مڪمل يڪجهتي ۽ حمايت جو ورجاءُ

پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار، مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو

ٻنهي اڳواڻن ۾ خطي جي تازي صورتحال تي خيالن ڏي وٺ. سعودي عرب تي حوثي حملن جي مذمت

علائقائي معاملن تي رابطا ۽ هم آهنگي وڌائڻ لاءِ آر فور جو ايندڙ اجلاس جلد منعقد ڪرڻ جي اميد ظاهر

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي سان ٽيلي فون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي آچر ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان مطابق ٻنهي پرڏيهي وزيرن خطي جي تازي صورتحال تي خيالن ڏي وٺ ڪئي. ٻنهي اڳواڻن سعودي عرب تي حوثي حملن جي شديد مذمت ڪندي سعودي عرب جي خودمختياري، علائقائي سلامتي ۽ سلامتي لاءِ مڪمل يڪجهتي ۽ حمايت جو ورجاءُ ڪيو. ٻنهي پرڏيهي وزيرن پاڪستان، مصر ترڪيه ۽ سعودي عرب تي ٻڌل آر فور (R - 4)فريم ورڪ تحت تعاون تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ گڏيل لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ علائقائي معاملن تي رابطا ۽ هم آهنگي وڌائڻ لاءِ آر فور جو ايندڙ اجلاس جلد منعقد ڪرڻ جي اميد ظاهر ڪئي.

پاڪستان جي ٻهراڙين ۾ غريب طبقو سماجي ۽ معاشي خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي: عالمي بئنڪ

وچولي ۽ غريب طبقن کي پنهنجي آمدنيءَ جو 70 کان 80 سيڪڙو کاڌي پيتي تي خرچ ڪرڻو پوي ٿو

وچ اوڀر، اتر آفريقا، افغانستان ۽ پاڪستان واري خطي جا ماڻهو روزانو 3 ڊالرن کان گهٽ آمدنيءَ تي گذارو ڪن ٿا

غربت جا ناڪاري رجحان اڃا وڌيڪ وقت به برقرار رهي سگهن ٿا. جنهن سان معاشي مشڪلاتون وڌنديون

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي بئنڪ جي رپورٽ مطابق پاڪستان جي 80 سيڪڙو گهٽ آمدني واري آبادي ٻهراڙي علائقن ۾ رهندڙ آهي جنهن کي مختلف سماجي ۽ معاشي خطرن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ملڪ جو امير طبقو پنهنجي آمدني جو اٽڪل 20 کان 30 سيڪڙو حصو خوراڪ تي خرچ ڪري ٿو جڏهن ته ٻئي پاسي وچولي ۽ غريب طبقن جو هڪ وڏو انگ پنهنجي مجموعي آمدني جو 70 کان 80 سيڪڙو خوراڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ تي خرچ ڪري ٿو. رپورٽ مطابق روزمره استعمال جي شين جي قيمتن ۾ اضافي سبب اهي طبقا وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. عالمي بئنڪ مطابق 21 هين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي دوران وچ اوڀر، اتر آفريقا، افغانستان ۽ پاڪستان جي خطي ۾ غربت ۾ نمايان گهٽتائي واقع ٿي جڏهن ته 2019ع ۾ اها اڳڀرائي متاثر ٿي ڇاڪاڻ ته ڪورونا وائرس جي وبا ڪانپوءِ غربت جي شرح ۾ ٻيهر اضافو ٿيو آهي. عالمي بئنڪ مطابق 2024ع ۾ خطي جي 14.3 سيڪڙو آبادي جي روزانو آمدني 3 ڊالر کان گهٽ هئي جڏهن ته عالمي سطح تي اها شرح 10.4 سيڪڙو هئي. جاڪابل خطي جي ملڪن ۾ 26.9 سيڪڙو آبادي جي روزانو آمدني 4.20 ڊالر هئي جڏهن ته سڄي دنيا ۾ اها شرح 18.9 سيڪڙو هئي. عالمي بئنڪ خدشي جو اظهار ڪيو آهي ته غربت جي شرح جا ناڪاري رجحان 2026ع ۾ برقرار رهي سگهن ٿا. واضح رهي ته پاڪستان ۾ غربت جي شرح ۾ گهٽتائي ۽ آمدني جي وسيلن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ وفاقي حڪومت طرفان ڪيترن ئي منصوبن تي عملدرآمد جاري آهي ته جيئن معاشري جي گهٽ آمدني وارن طبقن جي آمدني ۾ اضافي کي يقيني بڻائي سگهجي.

وزيراعليٰ سنڌ کي مير رضا ڪيس جي سيل ٿيل رپورٽ ملي وئي

سيل ٿيل رپورٽ سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ کولي پيش ڪئي ويندي

سنڌ ڪابينا جو اجلاس اڱاري ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ڪراچي ۾ ٿيندو: ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ)وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه کي مير رضا ڪيس جي سيل ٿيل رپورٽ ملي وئي آهي. وزيراعليٰ سنڌ جي ترجمان عبدالرشيد چنا موجب مير رضا ڪيس جي سيل ٿيل رپورٽ سنڌ ڪابينا جي اجلاس ۾ کولي پيش ڪئي ويندي، جڏهن ته رپورٽ تي عملدرآمد بابت حتمي فيصلو سنڌ ڪابينا ڪندي، ترجمان موجب سنڌ ڪابينا جو اجلاس اڱاري ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ڪراچي ۾ ٿيندو، جنهن ۾ مير رضا ڪيس جي رپورٽ کولي پيش ڪئي ويندي ۽ ان تي عملدرآمد بابت غور ڪيو ويندو

ڪارساز سانحو پاڪستان جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي: سسئي پليجو

محترمه جي وطن واپسيءَ تي نشانو بڻائڻ جي بزدلاڻي ڪوشش ڪئي وئي

19 سالن ڪانپوءِ به سانحي ڪار ساز جي شهيدن جون يادون تازيون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوڻي صوبائي وزير ۽ سينيٽر سسئي پليجو سانحي ڪار ساز جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو آهي ته اسان سانحي ڪارساز جي شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا. هي ڏينهن پاڪستان جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي جڏهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وطن واپسيءَ تي دهشتگردي ذريعي کين نشانو بڻائڻ جي بزدلاڻي ڪوشش ڪئي وئي، پر دشمن قوم جي عظيم اڳواڻ کي نه ڊيڄاري سگهيا ۽ نه ئي جهڪائي سگهيا. سسئي پليجو چيو ته سانحي ڪار ساز جي شهيدن جمهوريت جي بحالي ۽ استحڪام لاءِ تاريخ ساز قربانيون ڏنيون. انهن جون قربانيون جمهوريت جي تاريخ جو هڪ ناقابل فراموش باب آهن جنهن کي قوم هميشه ياد رکندي. هن چيو ته قوم ڪڏهن به اهو وساري نه سگهندي ته شهيدن جمهوريت ۽ عوامي حقن جي خاطر پنهنجيون جانيون قربان ڪيون ۽ آمريت جو رستو روڪڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت کان وٺي ڪارڪنن تائين جمهوريت جي بقا لاءِ قربانين جي هڪ لازوال تاريخ رقم ڪئي وئي آهي.اڳوڻي صوبائي وزير چيو ته 19 سالن ڪانپوءِ به سانحي ڪار ساز جي شهيدن جون يادون تازيون آهن جڏهن ته آمريت جو رستو روڪڻ لاءِ ڪيل جدوجهد پاڪستان جي تاريخ جو اهم حصو آهي. سسئي پليجو وڌيڪ چيو ته اڄ به جيڪڏهن آمريت ۽ جبر جو رستو اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته عوام شهيدن جي لازوال قربانين کي ياد رکندي هر ظلم ۽ ڏاڍ جي اڳيان پٽ بڻجي بيهندو. هن چيو ته اسان سانحي ڪار ساز جي شهيدن کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا ۽ سندن قربانين کي سلام پيش ڪريون ٿا. شهيدن جي جدوجهد ۽ قربانيون ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهن. جيڪي جمهوريت، عوامي حقن ۽ جمهوري قدرن جي تحفظ لاءِ هميشه رهنمائي ڪنديون رهنديون

ڪراچي ۾ فليٽ مان عورت جو لاش ملڻ جو ڪيس مڙس خلاف داخل

واقعي جو ڪيس مقتولا جي مڙس خلاف سندس ڀاءُ جي فرياد تي داخل ڪيو ويو

جوابدار ڏيڍ سال اڳ ٻي شادي ڪئي هئي،پرشاديءَ واري حقيقت لڪائي رکي هئي:پوليس

گرفتار جوابدار کان قتل جي واقعي بابت وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ)ڪراچي جي علائقي احسن آباد ۾ گذريل هفتي فليٽ مان عورت جو لاش ملڻ واري واقعي جو ڪيس مقتولا جي مڙس خلاف سندس ڀاءُ جي فرياد تي داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پوليس ڪيس ۾ نامزد جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب واقعي جو ڪيس سائيٽ سپر هاءِ وي ٿاڻي تي قتل جي قلم تحت داخل ڪيو ويو آهي. ڪيس ۾ مقتولا جي مڙس کي نامزد ڪيو ويو آهي جنهن کي گرفتار ڪري واقعي بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار ڏيڍ سال اڳ عورت سان ٻي شادي ڪئي هئي، پر مبينا طور هن پنهنجي شاديءَ واري حقيقت لڪائي رکي هئي. پوليس موجب هڪ مهينو اڳ به جوابدار مبينا طور پنهنجي زال کي نشي آور دوائون کارايون هيون. جنهن سبب عورت جي طبيعت خراب ٿي وئي هئي ۽ ڪيس اسپتال منتقل ڪيو ويو هو.پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار کان قتل جي واقعي بابت وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته عورت جي موت جو اصل سبب پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ کانپوءِ معلوم ٿي سگهندو. پوليس موجب واقعي جي مختلف پاسن کان جاچ جاري آهي ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ سميت ٻين ثبوتن جي روشنيءَ ۾ وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

ڪراچي ۾ شادي تقريب ۾ شرڪت لاءِ آيل شخص کي هٿيارٻندن قتل ڪري ڇڏيو

سهراب ڳوٺ ۾ واقع نور خان ڳوٺ ۾ فائرنگ 50 سالن جو عثمان مارجي ويو

مقتول لياري مان شادي تقريب ۾ شرڪت لاءِ آيو هو، جوابدارن ڪيس ٻاهر گهرائي گوليون هڻيون: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي سهراب ڳوٺ ۾ واقع نور خان ڳوٺ ۾ فائرنگ جي واقعي دوران هڪ شخص مارجي ويو. پوليس لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو جتي مقتول جي سڃاڻپ 50 سالن جي عثمان طور ٿي. ڊي ايس پي سهراب ڳوٺ اورنگزيب خٽڪ ٻڌايو ته ابتدائي معلومات موجب عثمان لياري مان هڪ شادي جي تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آيو هو. جوابدارن ڪيس ٻاهر گهرايو گوليون هڻي قتل ڪيو ۽ اتان فرار ٿي ويا. مقتول لياري جو رهواسي هو ۽ واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي ٿو پوليس في الحال خاندان کان وڌيڪ معلومات گڏ ڪري رهي آهي.ڪورنگي نمبر اڍائي سيڪٽر 32 A جي ويجهو فليٽ مان ڦندو ٻڌل 25 سالن جي نوجوان شهريار ولد ديوان جو لاش مليو.

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پوري قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي: حنيف عباسي

ملڪ دشمن عنصرن ۽ سندن سهولتڪارن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو

پاڪستان جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ وارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي بلوچستان ۾ ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته ڪوئيٽا، نوشڪي ۽ خضدار ۾ 8 دهشتگردن کي مارڻ سيڪيورٽي فورسز جي وڏي ڪاميابي آهي. ريلوي واري وزارت مان جاري بيان ۾ هن چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ جاري آهي پوري قوم پنهنجي بهادر سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي. وفاقي وزير چيو ته ملڪ دشمن عنصرن ۽ سندن سهولتڪارن کي ڪنهن صورت نه ڇڏيو ويندو دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهيون. وفاقي وزير محمد حنيف عباسي چيو ته پاڪستان جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائڻ وارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو.

ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون: يوسف رضا گيلاني

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ڪارساز سانحي جي ورسي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ڪارساز سانحي جي ڏکوئيندڙ رات اڄ به منهنجي اکين آڏو آهي. مان پاڻ ان ٽرڪ ۾ موجود هئس، شهيدن ۾ ڪجهه اهڙن ماڻهن جون ميتون به شامل هيون جن جي سڃاڻپ ان وقت معلوم نه ٿي سگهي. هن ڏکوئيندڙ سانحي جمهوريت لاءِ ڏنل قربانين جي هڪ دردناڪ تاريخ رقم ڪئي. شهيدن جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون. کين عقيدت جو سلام آهي. سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري بيان موجب سينيٽ چيئرمين شهيد بينظير ڀٽو ۽ جمهوريت خاطر پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ سمورن شهرين کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته ڪارساز سانحو پاڪستان جي سياسي تاريخ جو هڪ ڏکوئيندڙ واقعو آهي جنهن جمهوريت سان وابستگي سياسي استقامت ۽ قومي عزم جي اهڙي داستان رقم ڪئي جنهن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. شهيدن جو رت پاڪستان ۾ جمهوري قدرن جي استحڪام جي جدوجهد جو روشن باب آهي هن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو مشڪلاتن ڌمڪين ۽ سنگين خطرن باوجود پاڪستان اچي عوام سان پنهنجي پختي تعلق ۽ جمهوري جدوجهد ساز پنهنجي پختي وابستگي جو ثبوت ڏنو. ڪارساز سانحي دوران قيمتي انساني جانين جو نقصان پوري قوم لاءِ گهرو صدمو هو جڏهن ته هن سانحي باوجود جمهوريت لاءِ جدوجهد جو عزم ڪمزور نه ٿيو. هن چيو ته اهو واقعو هڪ حقيقت جي ياد ڏياري ٿو ته جمهوري حقن عوامي خودمختياري ۽ سياسي آزادين جو تحفظ وڏين قربانين ۽ ثابت قدمي جي تقاضا ڪري ٿو ڪار ساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون پاڪستان ۾ جمهوري نظام جي تسلسل ۽ آئين جي بالادستي لاءِ اسان جي ذميوارين کي وڌيڪ اجاگر ڪري ٿي.

ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون تاريخ جو نه وسارڻ جوڳو باب آهن: فيصل ڪريم ڪنڊي

پشاور (اي پي پي) خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون پاڪستان پيپلزپارٽي جي تاريخ ۽ جمهوريت جي جدوجهد جا نه وسارڻ جوڳو باب آهن. پنهنجي هڪ پيغام ۾ خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جي استقبال لاءِ آيل جيالن جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ عوام جي حڪمراني واري حق لاءِ پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪيو پاڪستان پيپلزپارٽي شهيدن جي پارٽي آهي. جنهن جي بنيادن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد بينظير ڀٽو ۽ هزارين جيالن جو رت شامل آهي. اهي قربانيون اسان لاءِ عزم، حوصلي ۽ عوامي خدمت جو روشن مثال آهن. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ شهيدن جو مشن، جمهوري قدرن کي هٿي وٺرائڻ ۽ عوامي حقن جي تحفظ جي جدوجهد جاري رهندي. ڪارساز سانحي جي شهيدن کي سلام. انهن جون قربانيون هميشه اسان جي دلين ۾ زنده رهنديون.

12 مئي ۽ اهڙن ٻين واقعن ۾ ملوث ڪردار سڀني جي سامهون آهن: سعيد غني

18 آڪٽوبر ۽ 27 ڊسمبر جا سانحا انهي ئي هڪ سلسلي جي ڪڙي هئا

شهيدن جي قبرن تي حاضري ڀرڻ ۽ فاتحه خواني ڪرڻ ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت جو حڪم آهي ته سمورن شهيدن کي نه رڳو ياد رکيو وڃي، پر انهن جي وارثن سان وڌ کان وڌ رابطو پڻ رکيو وڃي. سانحي 12 مئي ۽ اهڙن ٻين واقعن ۾ ملوث ڪردار سڀني جي سامهون آهن. جڏهن ته 18 آڪٽوبر ۽ 27 ڊسمبر جا سانحا هڪ ئي سلسلي جي ڪڙي هئا. پيپلز پارٽي جي حڪومت اچڻ ڪانپوءِ ٻنهي واقعن جي جاچ ڪرائي وئي ۽ اسڪاٽ لينڊ يارڊ توڙي گڏيل قومن کي به جاچ جي عمل ۾ شامل ڪيو ويو. پر بدقسمتيءَ سان عدالتن ۾ ڪيسن جو نتيجو اهو نڪتو جو جوابدار بري ٿي ويا. اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر سيد وقار مهدي ۽ ٻين پارٽي اڳواڻن سان گڏ اعظم بستي قبرستان ۾ سانحي ڪار ساز جي شهيدن جي قبرن تي حاضري ڀرڻ ۽ فاتحه خواني ڪرڻ ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار سيد نجمي عالم، ضلعي اوير جو صدر اقبال سانڊ، فرحان غني لالا" رحيم سرور غازي ۽ پيپلز پارٽي جا ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. سعيد غني ۽ ٻين اڳواڻن اعظم بستي قبرستان ۾ دفن ٿيل سانحي ڪار ساز جي سٺن شهيدن جي قبرن تي حاضري ڀري، فاتحه خواني ڪئي ۽ کين ڀيٽا پيش ڪئي. صوبائي وزير سعيد غني چيو ته پيپلز پارٽي هر سال 18 آڪٽوبر جي شهيدن جي قبرن تي حاضري ڀري کين ياد ڪندي آهي اعظم بستي قبرستان ۾ پڻ سانحي ڪار ساز جا سٺ شهيد دفن ٿيل آهن هن چيو ته سانحي ڪار ساز ۾ شهيد ٿيلن جي اڪثريت نوجوانن جي هئي، جن جي عمر لڳ ڀڳ 25 سال يا ان کان به گهٽ هئي هن چيو ته سانحي ڪار ساز ڪانپوءِ واقعي واري هنڌ کي ڌوئي صاف ڪيو ويو جڏهن ته راولپنڊي ۾ پڻ محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت واري هنڌ کي واقعي ڪانپوءِ ڌوئي ڇڏيو ويو سعيد غني موجب، اهڙي قسم جي اڻڳهاٽي حملن جي جاچ دوران حتمي نتيجي تي پهچڻ آسان نه هوندو آهي، پر جيڪڏهن واقعي واري هنڌ تان ضروري شاهديون ۽ ثبوت گڏ ڪيا وڃن ها ته جاچ ۾ اهم مدد ملي سگهي پئي. صوبائي وزير چيو ته بدقسمتيءَ سان ان وقت جي حڪومت ٻنهي واقعن ڪانپوءِ ضروري ثبوت گڏ ڪرڻ بدران واقعي واري هنڌ کي فوري طور ڌوئي صاف ڪري ڇڏيو جنهن سبب اهم ثبوت ضايع ٿي ويا. سعيد غني وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت قائم ٿيڻ ڪانپوءِ ٻنهي سانحن جي جاچ ڪرائي وئي ۽ ان عمل ۾ اسڪاٽ لينڊ يارڊ ۽ گڏيل قومن کي پڻ شامل ڪيو ويو. هن چيو ته جاچ دوران ڪيترن ئي مبينا طور ملوث ماڻهن جا نالا عدالتن ۾ پيش ڪيا ويا، پر جوابدارن کي سزا ڏيڻ عدليه جي ذميواري هئي سندس چوڻ هو ته بدقسمتيءَ سان عدالتن انهن سمورن ماڻهن کي بري ڪري ڇڏيو هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته جن جا پيارا قتل ٿيا، شڪ به انهن ئي ماڻهن تي ڪيو وڃڻ لڳو سعيد غني چيو ته بلاول ڀٽو زرداري، آصفه ڀٽو زرداري، بختاور ڀٽو زرداري ۽ انهن سانحن ۾ پنهنجا پيارا وڃائيندڙ وارثن کان وڌيڪ تڪليف ڪنهن کي ٿي سگهي ٿي هن ٻڌايو ته عدالتي فيصلي ڪانپوءِ پيپلز پارٽي ٻيهر ان فيصلي خلاف قانوني رستو اختيار ڪيو آهي ۽ معاملو اڳتي وڌايو پيو وڃي. نئين صوبي يا انتظامي يونٽن جي قيام بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ سعيد غني چيو ته ڪنهن به صوبي جي وسيلن تي ڪيترو حق صوبي جو ۽ ڪيترو وفاق جو آهي، ان جو تعين آئين ۾ موجود آهي. ان ڪري وسيلن جي ورڇ ۽ اختيارن بابت سمورا معاملا آئين ۽ قانون جي دائري ۾ رهندي حل ٿيڻ گهرجن

ايف آءِ اي پاران اميگريشن فراڊ جي متاثر شهري کي 11 لک رپيا واپس

ڪنسلٽنٽ اميگريشن ۾ مدد جي نالي تي اجمل کان رقم وصول ڪئي هئي:ايف آءِ اي

اينٽي هيومن ٽريفڪنگ جاچ دوران رقم هٿ ڪري متاثر شهري کي واپس ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ)ايف آءِ اي پاران اميگريشن فراڊ جي متاثر شهري کي 11 لک رپيا واپس. وفاقي جاچ اداري ايف آءِ اي جي اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل ڪراچي اميگريشن فراڊ جي متاثر شهري اجمل خان کي 11 لک رپيا واپس ڪرايا. ايف آءِ اي جي ترجمان موجب، هڪ مبينا اميگريشن ڪنسلٽنٽ ڪينيڊا جي اميگريشن ۾ مدد جي نالي تي اجمل خان کان رقم وصول ڪئي هئي. جاچ دوران رقم هٿ ڪري متاثر شهري کي واپس ڪئي وئي. ٻحرين ورڪ ويزا فراڊ ڪيس ۾ جوابدار گرفتار. ايف آءِ اي انساني اسمگلنگ جي هڪ ٻئي ڪيس ۾ ياسين خان کي گرفتار ڪيو. ترجمان موجب، جوابدار تي هڪ شهري کي ٻحرين جو ورڪ ويزا ڏيارڻ جي نالي تي اٺ لک رپيا وٺڻ جو الزام آهي. جنهن مان پنج لک ويهه هزار رپيا اڳواٽ وصول ڪيا ويا هئا. ويزا بابت شڪ پيدا ٿيڻ ڪانپوءِ شهري کي سفر جي اجازت نه ملي، جنهن بعد معاملو ايف آءِ اي تائين پهتو. ڪيس جي وڌيڪ جاچ جاري آهي. ظفر سينٽر ۾ مبينا غيرقانوني ڪال سينٽر پڪڙيو ويو 11 جوابدار گرفتار نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) ڪراچي زون شاهراهه فيصل تي ظفر سينٽر جي پهرين منزل تي قائم هڪ مبينا غيرقانوني انٽرنيشنل ڪال سينٽر تي ڇاپو هڻي جتان مالڪ ياسر گلگتي سميت 11 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو اين سي سي آءِ اي موجب، ڪال سينٽر ذريعي آمريڪي شهرين کي مبينا طور جعلي بينڪن ۽ مالي ادارن جا نمائندا بڻجي فون ڪيا ويندا هئا.جوابدارن تي شهرين کان ڳجهي بينڪنگ معلومات، سوشل سيڪيورٽي نمبرن، ڪريڊٽ ۽ ڊيبٽ ڪارڊن جي تفصيلن ۽ ٻين ذاتي معلومات حاصل ڪرڻ جا الزام آهن

ڪراچي ۾ شاهين فورس جو ڦورن سان مقابلو، هڪ جوابدار مارجي ويو

ڪورنگي ۾ پراڻي برمي ڪالوني ويجهو ڦرلٽ ڪندڙ جوابدارن سان پوليس جو مقابلو ٿيو

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ جوابدار شهباز ولد انور مارجي ويو، هٿيار ۽ ڦريل موبائيل فون هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي عوامي ڪالوني ٿاڻي جي حد ڪورنگي سيڪٽر 27 ۾ پراڻي برمي ڪالوني جي ويجهو ٻه هٿيارٻند ڦورو شهرين کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، جڏهن اطلاع ملڻ تي شاهين فورس پوليس جا اهلڪار موقعي تي پهچي ويا. پوليس کي ڏسي جوابدارن شهري مرڪز علي کان موبائيل فون ڦر ڪيو ۽ فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. پوليس اهلڪارن سندن پيڇو ڪيو پيڇو ڪرڻ دوران جوابدارن پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني. پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ جوابدار مارجي ويو مارجي ويل جوابدار جي سڃاڻپ شهباز ولد انور طور ٿي آهي. مارجي ويل جوابدار جي قبضي مان هڪ 30 بور جو پستول، گوليون ۽ شهري کان ڦريل موبائيل فون هٿ ڪيو ويو آهي جوابدار جي لاش کي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيل ٻئي جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار جي اڳوڻي ڏوهاري رڪارڊ جي پڻ تصديق ڪئي پئي وڃي

ڪارساز سانحي جي ڏينهن جمهوريت جي دشمنن عوام جي اميدن تي حملو ڪيو: شرميلا فاروقي

18آڪٽوبر 2007ع تي شهيد بينظير ڀٽو جي حفاظت لاءِ جيالن جانين جا نذرانا پيش ڪيا

شهيدن جو رت جمهوريت، عوامي حقن ۽ پيپلز پارٽيءَ جي جدوجهد جي تاريخ ۾ هميشه روشن رهندو

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي ميمبر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي اطلاعات سيڪريٽري شرميلا فاروقي ڪارساز سانحي جي ورسي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا 18 آڪٽوبر 2007ع پاڪستان جي تاريخ جو اهو افسوسناڪ ڏينهن آهي. جڏهن جمهوريت جي دشمنن عوام جي اميدن تي حملو ڪيو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وطن واپسي تي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائيندي جيالن پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪيو پي پي ميڊيا سيل سان جاري پيغام ۾ شرميلا فاروقي چيو ته شهيدن جو رت جمهوريت، عوامي حقن جي حڪمراني ۽ پيپلز پارٽي جي جدوجهد جي تاريخ ۾ هميشه روشن رهندو هن چيو ته ڪارساز سانحي جي شهيدن ثابت ڪيو ته پيپلز پارٽي جا ڪارڪن جمهوريت ۽ عوام جي حقن لاءِ هر قرباني ڏيڻ تي تيار آهن. دهشتگردي ۽ انتهاپسندي خلاف پاڪستان جي جدوجهد ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي قرباني هڪ ناقابل فراموش باب آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي شهيدن جي مشن کي اڳتي وڌائيندي آئين، جمهوريت، رواداري ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج X حيدرآباد
(روبرو جناب فراز ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات Zulqaif ڌيءَ محمد لقمان زال محمد آصف رهندڙ گهر نمبر GW/1914 گرو نگر تلاب نمبر 3 حيدرآباد... پلينٽف... بخلاف... محمد آصف ولد غلام حسين رهندڙ گهر نمبر 110 محلا الياس آباد پلاٽ نمبر 108 مارڪيٽ حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي نڪاح ٽوڙائڻ ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-10-23 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج X حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج مٽجهند
فيملي سوٽ نمبر 22 سال 2026

مسمات Sahijan زال شهمير ذات رند رهندڙ رني ڪوٽ روڊ نزد سيوهڻ تعلقو مانجهند ضلع ڄامشورو... پلينٽف... بخلاف... عبدالڪريم ولد احمد علي ذات رند رهندڙ ٿانو ارباب خان تعلقو ٿانو بولا خان ضلعو ڄامشورو ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته21-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج مٽجهند

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I سعيد آباد
(روبرو جناب عبدالستار)
فيملي سوٽ نمبر 11 سال 2026

عبدالله سليمان ولد محمد سليمان ذات ميمڻ رهندڙ وارڊ نمبر 01 ميمڻ محلا سعيد آباد ضلعو مٽياري... ايپليڪينٽ... بخلاف... (1) مسمات زينب ڌيءَ محمد سليمان (2) مسمات حاجره (Hujra) ڌيءَ محمد سليمان (3) عبدالرحمن شهزاد ولد محمد سليمان (4) مسمات اقصيٰ سليمان ڌي محمد سليمان (5) مسمات ڪلثوم ڌيءَ محمد سليمان (6) مسمات حفظه (Hafsa) ڌيءَ محمد سليمان (7) مسمات ثمرا ڌيءَ محمد سليمان (8) عبدالرحيم ولد محمد سليمان سيريل نمبر 1 کان 8 سڀ مسلم بالغ رهندڙ وارڊ نمبر 01 ميمڻ محلا سعيد آباد ضلعو مٽياري (9) عبدالقيوم ولد محمد سليمان (عمر 17 سال) (10) مسمات آسيه ڌي محمد سليمان (عمر 16 سال) (11) بيبي نسا ڌي محمد سليمان (عمر 14 سال) سيريل نمبر 09 کان 11 مائنر معرفت پاڻ عبدالله سليمان (12) جنرل پبلڪ ايٽ لارج... اپونٽس

مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7,10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته20-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I سعيد آباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون بينا بانو توصيف زال محمد توصيف شناختي ڪارڊ نمبر 4130409057644 حيدرآباد ورڪن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد ۾ واقع پلاٽ نمبر 222 ايراضي 400 مربع گز جو سودو ان جي حقيقي مالڪ نالي اعجاز اصغر ولد محمد اصغر شناختي ڪارڊ نمبر 4130338542757 سان ڪيو آهي ان بابت اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي مذڪوره پلاٽ جي خريد و فروخت ته ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوت سان سوسائٽي آفيس حيدرآباد ورڪن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدرآباد کي تحريري طور تي آگاهه ڪري مقرر معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ سوسائٽي انتظاميه ٽرانسفر جي ڪارروائي مڪمل ڪندي

بينا بانو توصيف معرفت راجپوت اسٽيٽ ايجنسي
لطيف آباد نمبر7 حيدرآباد 03003247949

بقايا 1 روزاني عبرت

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وطن واپسيءَ تي سندس استقبال لاءِ آيل جيالن پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪري پنهنجي قائد جي حفاظت ڪئي. پيپلز پارٽي دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ تشدد خلاف جدوجهد جاري رکندي ۽ ملڪ ۾ جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي. هن اهڙن خيالن جو اظهار 18 آڪٽوبر سانحي ڪار ساز جي 19هين ورسيءَ جي موقعي تي منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي آصفه ڀٽو زرداري پڻ بلاول ڀٽو زرداريءَ سان گڏ موجود هئي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته 18 آڪٽوبر پاڪستان جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي. جڏهن جلاوطني ختم ڪري وطن واپس ايندڙ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي دهشتگرديءَ ذريعي نشانو بڻائڻ جي بزدلاڻي ڪوشش ڪئي وئي. ان موقعي تي پيپلز پارٽيءَ جي جانثار ڪارڪنن پنهنجي جانين جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي قائد جي حفاظت ڪئي ۽ ملڪ جي جمهوريت لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون. هن چيو ته سانحي ڪار ساز جي شهيدن جو رت ان ڳالهه جي شاهدي ڏئي ٿو ته دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جمهوريت جي عزم کي ڪمزور نٿيون ڪري سگهن پيپلز پارٽيءَ جا ڪارڪن دهشتگرديءَ خلاف جدوجهد کي پنهنجي ذميواري سمجهن ٿا ۽ ملڪ ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندا رهندا. دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۽ سوات ۾ پاڪستان جو جهنڊو بلند ڪرڻ بابت ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي آخري جلسي ۾ به چيو هو ته ڪجهه قوتون سوات ۾ پاڪستان جي رياستي رٽ ۽ قومي جهنڊي کي ڏسڻ نٿيون چاهين پيپلز پارٽيءَ 2008ع ۾ حڪومت قائم ڪرڻ کان پوءِ سوات ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن شروع ڪيا ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو سان ڪيل واعدو پورو ڪيو هن چيو ته دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي عوام، پاڪ فوج، پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن بي مثال قربانيون ڏنيون.پاڪستان دهشتگردن کي تاريخي شڪست ڏني ۽ اهڙا نتيجا حاصل ڪيا، جيڪي عالمي سطح تي انتهائي اهم هئا. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ماضيءَ ۾ پاڪستان جي جيلن ۾ قيد دهشتگردن کي آزاد ڪرڻ جا جيڪي فيصلا ڪيا ويا، اڄ انهن غلط فيصلن جا نتيجا ڀوڳي رهيو آهي اسان ٻيهر اهڙي صورتحال ڏانهن وڌي رهيا آهيون، جتي ڪجهه قوتون سوات مان پاڪستان جو جهنڊو لاهڻ چاهين ٿيون خيبر کان خضدار تائين دهشتگرديءَ جي چيلينج کي منهن ڏنو پيو وڃي جڏهن ته پاڪستان جي بهادر فوج ۽ پوليس کي نشانو بڻايو پيو وڃي. هن چيو ته خيبر پختونخواهه ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا ڳڻتيءَ جوڳا آهن، پر اتي جي حڪومت جو رويو ذميوارانو هجڻ گهرجي. ڪي پي جو وڏو وزير پنهنجي ڌرتيءَ جي دفاع لاءِ تيار ناهي، پر پيپلز پارٽيءَ سان سياسي مقابلي لاءِ تيار آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽيءَ جو موقف آهي ته ملڪ جي سلامتي ۽ امن تي ڪا به سوديبازي نه ٿيڻ گهرجي ۽ پاڪستان جي سرزمين کي دهشتگرديءَ لاءِ استعمال ٿيڻ کان پاڪ ڪرڻ لاءِ گڏيل جدوجهد ضروري آهي. بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽيءَ ماضيءَ ۾ خيبر پختونخواهه ۾ گورنر راڄ جي تجويز ان پسمنظر ۾ ڏني هئي ته صوبي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي ۽ دهشتگرديءَ خلاف اثرائتا قدم کنيا وڃن. دهشتگردي کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ بدران ان خلاف واضح ۽ گڏيل موقف اختيار ڪرڻ گهرجي هن چيو ته سانحي ڪار ساز جهڙن واقعن جي جاچ ۾ ثبوتن جي تحفظ ۽ شفافيت کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي ان واقعي بابت پيپلز پارٽيءَ جا خدشا رهيا آهن. تنهنڪري دهشتگرديءَ جي واقعن کي سنجيدگيءَ سان وٺڻ ۽ ذميوارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ گهرجي سياسي مفاهمت ۽ جمهوريت بابت بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پيپلز پارٽيءَ جي تاريخ قربانين جدوجهد ۽ سياسي مفاهمت سان ڀرپور آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور کان وٺي شهيد محترمه بينظير ڀٽو تائين پارٽيءَ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ مختلف سياسي قوتن سان گڏجي جدوجهد ڪئي هن چيو ته تحريڪ بحاليءَ جمهوريت (ايم آر ڊي) دوران به اهڙين سياسي جماعتن سان گڏجي جدوجهد ڪئي وئي، جيڪي ماضيءَ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جون مخالف رهيون هيون. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جمهوريت جي مضبوطيءَ لاءِ سياسي مفاهمت جو رستو اختيار ڪيو ۽ سياسي اختلافن باوجود گڏيل مقصدن لاءِ ڳالهين کي اهميت ڏني بلاول ڀٽو زرداري چيو ته 1988ع ۾ حڪومت ڏاهڻ لاءِ به شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي سياسي سمجهوتا ڪرڻا پيا جيڪڏهن چونڊون شفاف ٿين ها ته شايد ڪيس ۾ پاڳي ٽي اڪثريت ملي سگهي ها، پر هن ذاتي مفادن بدران جمهوري نظام ۽ عوام جي مستقبل کي ترجيح ڏني هن چيو ته ارڙهين آئيني ترميم به سياسي مفاهمت، اتفاق راءِ ۽ سڀني ڌرين جي گڏيل مشاورت سان منظور ڪئي وئي جمهوريت ۾ ڳالهين وچڙي رستي ۽ گڏيل اتفاق راءِ جي وڏي اهميت آهي. سياسي سمجهوتي جو مطلب اصولن تان هٿ کڻڻ نه پر مشاورت ذريعي اهڙو رستو اختيار ڪرڻ آهي جيڪو عوام ۽ ملڪ جي مفاد ۾ هجي هن وڌيڪ چيو ته موجوده سياسي صورتحال ۾ سياسي حڪمت عملي اهڙي هجڻ گهرجي جنهن سان عوام کي بنيادي مسئلن تي رليف ملي ۽ سياسي جماعتون پنهنجي منشور تي عملدرآمد ڪري سگهن منشور ۽ بنيادي اصولن جو دفاع ڪرڻ سان گڏ عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ به سياست جي اهم ذميواري آهي صوبن جي قيام بابت بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو موقف واضح آهي ته نون صوبن جو قيام رڳو آئيني ۽ قانوني طريقيڪار تحت ئي ممڪن آهي هن چيو ته محسن نقوي ڄاڻي ٿو ته پيپلز پارٽي ۽ صدر آصف علي زرداري جي پاليسي ڪهڙي آهي صدر جي صحيح کان سواءِ اهو عمل ممڪن ناهي. هن سوال اٿاريو ته جيڪڏهن نون صوبن جي قيام بابت ڳالهه رڳو سياسي بيان بازي نه آهي ته پوءِ جتي اتفاق راءِ موجود آهي اتي صوبن جي قيام لاءِ عملي قدم ڇو نٿا کنيا وڃن؟ گلگت ۾ جيڪڏهن اهڙي ڪا رڪاوٽ ناهي ته پوءِ اتي صوبو قائم ڪرڻ بابت اڳڀرائي ڇو نٿي ڪئي وڃي؟ هن زور ڏنو ته اهڙن معاملن ۾ آئيني گهرجن قانوني طريقن ۽ سياسي اتفاق راءِ کي نظر ۾ رکڻ ضروري آهي مولانا فضل الرحمان جي بيانن ۽ دهشتگرديءَ بابت ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مولانا فضل الرحمان کي اپوزيشن اڳواڻ طور حڪومت تي سياسي تنقيد ڪرڻ جو پورو حق حاصل آهي، پر دهشتگرديءَ جي معاملي تي به کين کلي ۽ واضح نموني ڳالهائڻ گهرجي هن چيو ته مولانا فضل الرحمان جي جماعت جا ماڻهو پڻ دهشتگردن جي حملن ۾ شهيد ٿيا آهن، تنهنڪري دهشتگرديءَ خلاف گڏيل ۽ مضبوط موقف اختيار ڪرڻ سڀني سياسي جماعتن جي ذميواري آهي بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا پيش اچي رهيا آهن اهڙي صورتحال ۾ دهشتگرديءَ کي سياسي بحث جو حصو بڻائڻ بدران ان جي خاتمي لاءِ سنجيده قدم کڻڻ گهرجن بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پيپلز پارٽي هميشه آئيني ۽ قانوني طريقيڪار تحت فيصلا ڪرڻ جي حمايت ڪئي آهي. جڏهن ته ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جهڙن معاملن ۾ به آئين ۽ قانون جي پاسداري ضروري آهي آخر ۾ هن چيو ته پيپلز پارٽيءَ جا ڪارڪن سانحي ڪار ساز جي شهيدن جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نٿا سگهن شهيدن جو مشن جمهوريت جي مضبوطي، عوام جي حقن جي تحفظ ۽ پاڪستان کي دهشتگرديءَ کان پاڪ ڪرڻ آهي. پيپلز پارٽي ان مشن کي اڳتي وڌائيندي رهندي ۽ ملڪ ۾ امن، استحڪام ۽ جمهوري ادارن جي مضبوطيءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي

بقايا 2 روزاني عبرت

هيڊڪوارٽرن ۾ عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي.ان ڏس ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پاران سنڌ جي هر ضلعي ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ دعائيه تقريبون منعقد ڪري شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي پيپلز پارٽي ڪراچي جي ضلعي ڏکڻ پاران خالق ڏنو هال ۾ ڪارساز جي شهيدن جي 19هين ورسي جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو، جاويد ناگوري ۽ ٻين اڳواڻن ۽ عورتن توڙي مرد ڪارڪنن شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو ته ڪارساز سانحي ۽ لياقت باغ سانحي کي هڪ ئي سازش جي ڪڙي سمجهون ٿا جنهن سازش تحت شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي نشانو بڻايو ويو هن چيو ته ڪارساز سانحي ۾ جمهوريت جي قافلي جي ٽرڪ تي بيٺل پيپلز پارٽي جي سموري قيادت کي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي هئي ان سازش کي سمجهندي شهيد بينظير ڀٽو ٽرڪ تي سوار پارٽي جي ٻين اڳواڻن کي چيو ته پارٽي جا سمورا اڳواڻ هڪ ئي وقت ٽرڪ جي مٿان سائنس گڏ بيهي نه رهن ڇو ته سازشي عنصر ڪيس سميت سندس سموري پارٽي جي قيادت کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا پر ٽرڪ ۾ موجود پارٽي جي سمورن اڳواڻن شهيد بينظير ڀٽو کي چيو ته سڀئي اڳواڻ سائنس گڏ ٽرڪ تي بيٺل رهندا. هن چيو ته ڪارساز ۽ لياقت باغ جي سانحن ۾ شهيد بينظير ڀٽو ۽ ڪارڪنن کي شهيد ڪري عوام جي اميدن جو قتل ڪيو ويو هن چيو ته ڪارساز سانحي ۾ 180 کان وڌيڪ ڪارڪنن پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا ۽ 500 کان وڌيڪ ڪارڪن زخمي ٿيا اسان انهن شهيدن ۽ زخمين کي ڀيٽا ۽ خراج تحسين پيش ڪريون ٿا.هن چيو ته 18 آڪٽوبر تي ڪارساز سانحي واري هنڌ جنهن ٽرڪ تي شهيد بينظير ڀٽو ۽ پيپلز پارٽي جا اڳواڻ موجود هئا ان ٽرڪ جي اڳيان شاهراهه فيصل جون اسٽريٽ لائيٽون ڪنهن جي چوڻ تي بند ڪيون ويون هيون؟ ۽ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير ارباب غلام رحيم ڪهڙي بنياد تي دعوا ڪئي هئي ته ڪارساز ريلي رات 12 وڳي کان اڳ ختم ٿي ويندي ؟ ان بابت به جاچ ٿيڻ گهرجي.هن چيو ته سيڪيورٽي خدشن باوجود شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي گهربل سيڪيورٽي فراهم نه ڪئي وئي هئي ۽ سانحي ڪارساز واري هنڌ واردات واري جاءِ کي ڌوئي فارنزڪ شاهديون مٽايون ويون هيون.نثار احمد کهڙو چيو ته پيپلز پارٽي پنهنجي قيادت ۽ ڪارڪنن جي شهادتن باوجود "جمهوريت بهترين انتقام آهي" جي نعري هيٺ ملڪ ۾ آئين قانون ۽ پارليامينٽ جي بالادستي ۽ جمهوريت جي تسلسل لاءِ پنهنجو جمهوري ڪردار ادا ڪري رهي آهي ڇاڪاڻ ته ملڪ جي سمورن مسئلن جو حل جمهوريت جي تسلسل ۾ ئي آهي

بقايا 3 روزاني عبرت

پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري بلوچستان ۾ پارٽي سرپرستي ۾ سرگرم 8 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته صوبي ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون قربانيون ساراهه جوڳيون آهن آچر ڏينهن پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته بلوچستان ۾ دهشتگردي ۽ بدامني پکيڙڻ جي هر ڪوشش ناڪام بڻائڻ قومي سلامتي لاءِ اهم آهي لڳ ڀڳ 20 پوليس اهلڪارن کي اغوا ڪرڻ دهشتگردن جو بزدلاڻو فعل آهي. بلاول ڀٽو زرداري مغوي پوليس اهلڪارن جي حفاظت سان بازيابي لاءِ فوري ۽ موثر قدم کڻڻ تي زور ڀريندي چيو ته بلوچستان ۾ امن امان جي قيام ۽ عوام جي تحفظ لاءِ سمورا لاڳاپيل ادارا مربوط ڪوششون ڪن

بقايا 4 روزاني عبرت

آصف علي زرداري بلوچستان جي ضلعن ڪوئيٽا، نوشڪي ۽ خضدار ۾ ڪن مختلف انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز دوران پارٽي سرپرستي ۾ سرگرم 8 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي آچر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان مطابق صدر مملڪت آصف علي زرداري ڪوئيٽا جي علائقي پنجپائي ۾ مقامي ٽريفڪ ۾ خلل وجهڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائڻ ۽ دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشورانه صلاحيتن کي ساراهيو صدر مملڪت نوشڪي ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻي خلاف اثرائتي ڪارروائي ۽ دهشتگردن کي مارڻ تي به سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ خضدار ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي نشانو بڻائڻ ۽ 490 ڪلوگرام ڌماڪيدار مادو هٿ ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي وقت سر ڪارروائي جي تعريف ڪئي صدر مملڪت چيو ته دهشتگردن جي غير ملڪي سرپرستن ۽ سندن مقامي سهولتڪارن جي سازشن کي ناڪام بڻايو ويندو

بقايا 5 روزاني عبرت

خضدار ۾ 17 آڪٽوبر 2026ع تي انٽيليجنس جي بنياد تي 3 آپريشنز ۾ 8 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو پاڪ فوج جي سنڌ سماءَ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) مان آچر ڏينهن جاري پريس رليز مطابق اهي ڪارروايون فتنه الهندوستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪيون ويون. جنهن جي نتيجي ۾ پارٽي حمايت يافته 8 دهشتگرد ماريا ويا. 17 آڪٽوبر 2026ع تي ڪوئيٽا جي علائقي پنجپائي ۾ دهشتگردن مقامي ٽريفڪ کي روڪڻ لاءِ روڊ تي رڪاوٽون بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي سيڪيورٽي فورسز ناڪام بڻائي ڇڏيو ۽ پارٽ جي حمايت يافته 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو ٻئي پاسي نوشڪي ضلعي جي علائقي کي ڪليئر ڪرائڻ جي ڪارروائي دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي هڪ ٺڪاڻي جو پتو لڳايو شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ پارٽي حمايت يافته ٻن دهشتگردن کي ماريو ويو ۽ ان دوران دهشتگردن وٽان هٿيار ۽ بارود به هٿ ڪيو ويو اهڙي طرح خضدار ضلعي ۾ انٽيليجنس جي بنياد تي ڪيل هڪ ڪارروائي ۾ سيڪيورٽي فورسز فوري ۽ جارحاڻا قدم کڻندي دهشتگردن جي ٺڪاڻي کي نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ پارٽي حمايت يافته هڪ دهشتگرد مارجي ويو ان ڪارروائي دوران وڏي مقدار ۾ (490 ڪلوگرام) ڌماڪيدار مادو به هٿ ڪيو ويو آءِ ايس پي آر مطابق علائقي ۾ موجود ڪنهن به ٻئي دهشتگرد جي خاتمي لاءِ سينيٽائيزيشن ڪارروايون جاري آهن پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان "عزم استحڪام" جي ويزن تحت دهشتگردي خلاف جاري مهم پوري قوت سان جاري رهندي، ته جيئن ملڪ مان غير ملڪي حمايت يافته دهشتگردي جي لعنت کي ختم ڪري سگهجي

بقايا 6 روزاني عبرت

ٻي صورت ۾ کيس آمريڪا جي تباهه ڪندڙ فوجي ڪارروائي کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو آمريڪي رياست ٽينيسي جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ فوجي رزرو آفيسرن جي سکيا واري اداري جي شاگردن کي خطاب ڪندي پيٽ هيگسيٿ چيو ته ايران کي جلد فيصلو ڪرڻو پوندو ته اهو ڳالهين جي ميز تي اچي پنهنجي جوهري ارادن تان هٿ کڻي ٿو يا آمريڪي فوجي ڪارروائي کي منهن ڏئي ٿو. آمريڪي بچاءَ واري وزير چيو ته تهران فوجي ڪارروائيءَ کان بچڻ لاءِ روايتي ميزائلن جو وڏو ذخيرو تيار ڪري رهيو آهي جڏهن ته سندس جوهري ارادا پڻ برقرار آهن. هن جو چوڻ هو ته مخالف ڌرين کي ڳالهين لاءِ راضي ڪرڻ خاطر آمريڪي فوجي طاقت ضروري آهي پيٽ هيگسيٿ ايران تي حزب الله ۽ يمن جي حوثي گروهه کي مالي مدد فراهم ڪرڻ جو الزام پڻ هنيو سندس چوڻ موجب، واشنگٽن آمريڪي فوجين ۽ بحري جهازن تي حملن کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا آهن. آمريڪي بچاءَ واري وزير صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي پاليسين جو ذڪر ڪندي چيو ته آمريڪا لاطيني آمريڪا ۾ ايران چين ۽ روس جي اثر رسوخ کي محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي هن وينزويلا ۾ آمريڪي ڪارروائيءَ کي پڻ اهم قرار ڏيندي چيو ته ان جا ڊگهي مدي وارا اثر پوندا. سندس چوڻ موجب، تيل جي وڏن ذخيرن سبب وينزويلا آمريڪا لاءِ حڪمت عمليءَ جي لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو

بقايا 7 روزاني عبرت

ڪئي جنهن دوران شاگردن تعليمي مسئلن ۽ بلوچستان جي صورتحال بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي لياقت بلوچ چيو ته عوامي راءِ سان حاصل ڪيل اختيارن جو هتراڌو ڏيکاءُ بلوچستان ۾ بحرانن کي وڌيڪ سنگين بڻائي ڇڏيو آهي هن چيو ته بلوچستان جا مسئلا سياسي بنيادن تي حل ڪيا وڃن بلوچستان جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون کين تمام گهڻا پيارا آهن. سندن عزت ۽ قدر ڪرڻ قومي گهرج آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

جنهن سبب عمارت جي ڇت ڪري پئي مارسيلي شهر ۾ مظاهرين سٽي هال ۾ گهڙي مجسمو اونڌو ڪري ڇڏيو ۽ فرنيچر ڀڃي ڇڏيو جڏهن ته ليل شهر ۾ ميئر جي آفيس ۾ پڻ ڀڃ ڊاهه ڪئي وئي. پيرس سميت مختلف شهرن ۾ مظاهرين ۽ پوليس آمهون سامهون ٿي ويا. پوليس مظاهرين کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ لاءِ ڳوڙها آڻيندڙ گئس ۽ پاڻيءَ جون توپون استعمال ڪيون احتجاج مهانگائي، حڪومتي پاليسين ۽ پوليس جي مبينا تشدد خلاف ڪيا ويا. فرانس جي وزيراعظم موجب، سڄي ملڪ ۾ 1200 کان وڌيڪ مظاهرين کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته 150 پوليس اهلڪار زخمي ٿيا.

بقايا 9 روزاني عبرت

ڪردار ادا ڪري سگهن سڄي ملڪ ۾ دانش اسڪولن جو دائرو وسيع ڪيو پيو وڃي ۽ هن وقت مختلف علائقن ۾ 27 دانش اسڪول تعمير هيٺ آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن آچر ڏينهن هتي اسلام آباد ۾ دانش اسڪول جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو وزيراعظم چيو ته هو اڄ هتي صرف پاڪستان جي وزيراعظم جي حيثيت سان نه پر عوام جي هڪ خادم جي حيثيت سان موجود آهي ۽ تقريب ۾ ڏيکاريل دستاويزي فلمون شاگردن جا تاثرات ۽ دانش اسڪولن مان پڙهي پاس ٿيل شاگردن جي ڪاميابين کيس بي حد متاثر ڪيو آهي هن خيبرپختونخوا سان تعلق رکندڙ خاص صلاحيتن واري هڪ شاگرديائي جو مثال ڏيندي چيو ته هن زندگي ۾ ڏکيائين باوجود اميد نه ڇڏي ۽ ثابت قدمي سان پنهنجي جدوجهد جاري رکي، سندس والد محنتي ۽ تعليم دوست پاڪستاني آهي جڏهن ته هن وٽ پنهنجي ڌيءَ کي تعليم ڏيارڻ لاءِ گهربل مالي وسيلا نه هئا. وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۾ لکين ذهين ۽ با صلاحيت ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون موجود آهن جيڪي پنهنجي محنت، قابليت ۽ مسلسل ڪوشش سان نه صرف پنهنجي زندگي بدلائي سگهن ٿا پر پاڪستان کي سڄي دنيا ۾ ترقي يافته ملڪن جي صف ۾ شامل ڪرڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. غريب خاندانن جا والدين شديد گرمي ۽ سيءَ ۾ فصلن ۽ ڪارخانن ۾ محنت ڪري حلال روزي ڪمائين ٿا، پر ان باوجود انهن لاءِ تعليم، صحت ۽ زندگي جون ٻيون ضروري بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ مشڪل هوندو آهي. هن چيو ته جڏهن هو پنجاب ۾ خادم هو ته ان جي ذهن ۾ اهو سوال پيدا ٿيو ته امير خاندانن جا ٻار ايچي سن ڪاليج جهڙن مشهور تعليمي ادارن ۾ داخلا حاصل ڪري سگهن ٿا، جڏهن ته ملڪ جي ڏورانهن علائقن آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي غريب خاندانن جا ذهين ٻار اهڙن ادارن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو تصور به نه ٿا ڪري سگهن. وزيراعظم چيو ته ان ئي ويزن تحت 2010ع ۾ سندس ٽيم دانش اسڪولن جي قيام جو فيصلو ڪيو ته جيئن معاشري جي محروم طبقن جي ٻارن کي به معياري تعليم جا اهي ئي موقعا ملي سگهن جي امير خاندانن جي ٻارن کي حاصل آهن دانش اسڪولن جو مقصد ايچي سن ڪاليج ۽ ٻين مشهور گرامر اسڪولن جي معيار جي برابر تعليم فراهم ڪرڻ ئي نه پر ان کان بهتر تعليمي معيار حاصل ڪرڻ به هو. هن بهاولپور سان تعلق رکندڙ شاگرديائي جو ذڪر ڪندي چيو ته ننڍپڻ ۾ ئي سندس والد وفات ڪري ويو هو ۽ کيس محسوس ٿيو ته هن جا سمورا خواب ختم ٿي ويا آهن، پر الله تعاليٰ ان لاءِ ڪاميابي جي راهه هموار ڪئي ۽ هو ڊاڪٽر بڻجي ڏکويل انسانيت جي خدمتن جي قابل ٿي. هن هڪ اهڙي نوجوان جو به ذڪر ڪيو جيڪو دانش اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر بڻيو ان جي والده به تقريب ۾ موجود هئي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي قيام لاءِ لکين ماڻهن قربانيون ڏنيون رت جا دريا پار ڪيا ۽ پنهنجا گهر ڇڏيا ته جيئن سامراجي غلامي مان نجات حاصل ڪري قائداعظم محمد علي جناح جي قيادت ۾ هڪ اهڙي ملڪ ۾ زندگي گذاري سگهن جتي نا انصافي جو خاتمو ٿئي ۽ هر شخص پنهنجي محنت، قابليت، امانت ۽ ديانت جي بنياد تي مقام حاصل ڪري سگهي هن چيو ته قائداعظم پاڪستان ۾ هر ٻار کي برابر موقعا ملڻ گهرجن چاهي هو امير خاندان سان تعلق رکندڙ هجي يا غريب گهراڻي سان، يتيم هجي يا مزدور جو ٻار، جيستائين سمورن ٻارن کي تعليم ۽ علاج جا برابر موقعا فراهم نه ڪيا ويندا ان وقت تائين پاڪستان کي قائداعظم جي تصور مطابق ملڪ نه ٺاهي سگهندو. وزيراعظم دانش اسڪولن ۾ مختلف صوبن ۽ علائقن مان آيل شاگردن جي تجربن جو حوالو ڏيندي چيو ته بلوچستان سان تعلق رکندڙ هڪ شاگرد ٻڌايو ته جڏهن هو ڊيرا غازي خان جي دانش اسڪول پهتو ته ان کي خدشو هو ته پنجاب ۾ ان سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ويندو پر اتي ان کي ٻين صوبن جي ٻارن کي اهڙي شفقت ۽ اپنائيت ملي جيئن هڪ ماءُ پنهنجي ٻارن سان پيش ايندي آهي هن چيو ته دانش اسڪول انهن ٻارن کي اهو احساس ڏياري ٿو ته اهو ئي اصل پاڪستان آهي جتي سڀ برابر آهن ۽ سڀ هڪ آهن، چاهي انهن جو تعلق بلوچستان، پنجاب، سنڌ، خيبرپختونخوا آزاد ڪشمير يا گلگت بلتستان سان هجي هن چيو ته دانش اسڪولن مان هزارين شاگرد پڙهي پاس ٿيا آهن ۽ اهي ڊاڪٽر انجنئير پوليس آفيسر بيورو ڪريٽس سيلز مئنيجرز ۽ استادن سميت مختلف شعبن ۾ پنهنجون خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن دانش اسڪول پنجاب ايجوڪيشن انڊومنٽ فنڊ، جيڪو هاڻي پاڪستان ايجوڪيشن انڊومنٽ فنڊ بڻجي چڪو آهي، قائداعظم جي ان خواب جي تعبير آهن ته ڪراچي کان پشاور تائين هر ٻار کي اڳتي وڌڻ جا برابر موقعا حاصل هجن. وزيراعظم چيو ته دانش اسڪولن جو دائرو هاڻي پنجاب مان نڪري سڄي ملڪ ۾ ڦهلجي رهيو آهي ۽ آزاد جمون ڪشمير گلگت بلتستان بلوچستان سنڌ ۽ ڪي پي جي مختلف علائقن ۾ 27 دانش اسڪول تعمير هيٺ آهن انهن منصوبن لاءِ وسيلا فراهم ڪيا ويا آهن ۽ لاڳاپيل ٽيمون ڏينهن رات محنت ڪري رهيون آهن هن چيو ته دانش اسڪولن ۾ ڏکڻ وزيرستان، ڪرڪ، ڊيرا اسماعيل خان پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ گلگت بلتستان جي علائقن اسڪردو سان تعلق رکندڙ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن اهي شاگرد پاڪستان جي خوبصورت گلدستي وانگر آهن ۽ دانش اسڪولن ذريعي قومي يڪجهتي ۽ برابري جو پيغام وڌيڪ ڦهلجي رهيو آهي وزيراعظم منصوبي تي ڪم ڪندڙ ٽيم وفاقي وزيرن خالد مقبول صديقي احسن اقبال عطاءُ الله تارڙ شزا فاطمه خواجه، وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين رانا مشهود احمد خان تعليم واري سيڪريٽري نديم محمود سميت لاڳاپيل عملدارن جي ڪوشش کي ساراهيو هن انهن وزيرن سيڪريٽرين ڊپٽي ڪمشنرن چيف سيڪريٽريز ۽ وڏن وزيرن جو به ٿورو مڃيو جن دانش اسڪولن لاءِ زمينن جي چونڊ ۽ ٻين انتظامي معاملن ۾ تعاون ڪيو هن هدايت ڪئي ته دانش اسڪولن ۾ آءِ ٽي ۽ مصنوعي ذهانت جون ليبارٽريون قائم ڪرڻ ۽ جديد علم ۽ ٽيڪنالاجي تائين شاگردن جي پهچ کي هٿي ڏيڻ تي ڌيان ڏنو وڃي ته جيئن نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون جديد مهارتون حاصل ڪري پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ پنهنجي صلاحيتن کي مڃرائي سگهن ان کان اڳ وزيراعظم محمد شهباز شريف دانش اسڪول جي افتتاحي تقريب ۾ شرڪت جي موقعي تي ڪلاس رومز سائنس، آءِ ٽي اينڊ روبوٽڪس ليبز ۽ آرٽ روم جو دورو ڪيو جتي هن شاگردن کي فراهم ٿيندڙ تعليمي سهولتن تي اطمينان جو اظهار ڪيو وزيراعظم دانش اسڪول ۾ تعليم هيٺ شاگردن سان ملاقات ڪئي وزيراعظم مشڪل حالتن باوجود تعليم ڪندڙ ٻارن جي جذبي کي ساراهيو ان موقعي تي ٻارن وزيراعظم کي پنهنجي وچ ۾ ڏسي خوشي جو اظهار ڪيو وزيراعظم کي دانش اسڪول بابت بريفنگ ڏني وئي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته دانش اسڪول اسلام آباد 30 ايڪڙ ايراضي تي قائم ڪيو ويو آهي، شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ ڌار ڌار اڪيڊمڪ بلاڪس بڻايا ويا آهن هر بلاڪ ۾ 24 ڪلاس رومز آءِ ٽي سائنس ۽ روبوٽڪس ليبز بڻايون ويون آهن اي لائبريري ۽ آرٽ روم به بڻايا ويا آهن اسڪول ۾ هر ڪلاس ۾ 120 ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ملڪ جي مختلف علائقن مان 360 هوشيار شاگردن کي 100 سيڪڙو ميرٽ تي داخل ڪيو ويو آهي 38 استادن کي ڀرتي ڪيو ويو آهي. ضرورت مطابق تدريسي اسٽاف ۾ اضافو ڪيو ويندو ان موقعي تي تعليم وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي سنڌ سماءَ وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ۽ وزيراعظم يوٿ پروگرام جو چيئرمين رانا مشهود احمد خان به وزيراعظم سان گڏ موجود هئا.

بقايا 10 روزاني عبرت

مانڊوڙ والا بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي تي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي پ پ پ ميڊيا سيل مان جاري بيان ۾ هن چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تعريف جوڳي آهي هن چيو ته دهشتگردن خلاف اثرائتيون ڪارروايون بلوچستان ۾ امن امان جي قيام لاءِ اهم آهن هن چيو ته ڪارروائين دوران دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار بارود ۽ ڌماڪيدار مادو هٿ ڪيو ويو هن چيو ته دهشتگردي ذريعي بلوچستان ۾ بدامني پکيڙڻ جون ڪوششون ناڪام بڻائيون وينديون ملڪ دشمن عنصرن جا ناپاڪ ارادا پاڪستان جي امن ۽ استحڪام کي نقصان نٿا پهچائي سگهن هن چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ سيڪيورٽي ادارن جون پيشيوراڻيون صلاحيتون ۽ مسلسل ڪارروايون واکاڻ جوڳيون آهن ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام جي قيام ۽ عوام جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون خدمتون ۽ قربانيون ساراهه جوڳيون آهن

بقايا 11 روزاني عبرت

ڪوئيٽا، نوشڪي ۽ خضدار ۾ پارٽي حمايت يافته فتنه الهندوستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي وزيراعظم آفيس جي پريس ونگ پاران جاري بيان مطابق وزيراعظم ڪوئيٽا، نوشڪي ۽ خضدار ۾ پارٽي حمايت يافته فتنه الهندوستان جي دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشنز کي ساراهيو ۽ انهن آپريشنز ۾ 8 پارٽي حمايت يافته دهشتگردن کي جهنم رسيد ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو وزيراعظم چيو ته عزم استحڪام جي ويزن تحت سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي خلاف نمايان ڪاميابيون حاصل ڪري رهي آهي ۽ ملڪ مان هر قسم جي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته آئين جي بالادستي، عوام جي حڪمراني ۽ جمهوري قدرن جو تحفظ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي قربانين جي تقاضا آهي ايوان صدر جي ميڊيا ونگ مان جاري ڪيل بيان موجب صدر مملڪت آصف علي زرداري ڪارساز سانحي کي 19 سال مڪمل ٿيڻ تي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون پاڪستان جي قومي تاريخ جو روشن باب آهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو جان جي خطري باوجود ثابت قدم رهي، سندس جرئت ۽ بهادري جمهوريت، امن ۽ انصاف جي علمبردارن لاءِ مشعل راهه آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون دهشتگردي ۽ انتهاپسندي جي خاتمي واري عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون صدر مملڪت سانحي جي شهيدن جي بلند درجن ۽ متاثر ڪٽنبن لاءِ صبر جي دعا پڻ ڪئي

بقايا 13 روزاني عبرت

سنگ مرمر (ماربل) جي هڪ فيڪٽري تي نامعلوم هٿيارٻندن حملو ڪري اتي ڪم ڪندڙ 18 مزدورن کي اغوا ڪري ورتو حملي دوران گولي لڳڻ سبب هڪ مزدور زخمي ٿي پيو جڏهن ته حملو ڪندڙ فيڪٽري مان ٻه گاڏيون ۽ هڪ لوڊر (گاڏي) پڻ پاڻ سان گڏ کڻي ويا. ايڪسپريس نيوز موجب خضدار پوليس جي هڪ اهلڪار نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته واقعو شهر کان تقريباً 35 کان 40 ڪلوميٽر پري، 'بيسار' جبلن جي ويجهو پيش آيو اها ماربل فيڪٽري نيشنل پارٽي جي اڳوڻي صوبائي وزير سردار اسلم بزنجو ۽ سندس پٽ شاهه مير بزنجو جي ملڪيت آهي. اهلڪار موجب، ڇنڇر جي رات دير سان درجن جي تعداد ۾ هٿيارٻند ماڻهو گاڏين ۽ موٽرسائيڪلن تي سوار ٿي اتي پهتا، فيڪٽري ۾ داخل ٿيا ۽ مزدورن کي زبردستي پاڻ سان گڏ کڻي ويا جڏهن هڪ مزدور فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته حملو ڪندڙن فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ هو ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو زخمي مزدور جي سڃاڻپ راشد جي نالي سان ٿي آهي. طبي ذريعن موجب هو هاڻي خطري کان ٻاهر آهي. ابتدائي معلومات مطابق اغوا ٿيل مزدورن جو تعلق ضلعي خضدار جي مختلف علائقن سان آهي پوليس ٻڌايو ته حملو ڪندڙ فيڪٽري مان ٻه گاڏيون ۽ هڪ لوڊر کڻي فرار ٿي ويا. هينئر تائين ڪنهن به هٿيارٻند گروپ هن واقعي جي ذميواري قبول نه ڪئي آهي. هي واقعو هڪ انتهائي نازڪ وقت تي پيش آيو آهي، ڇاڪاڻ ته ان کان هڪ ڏينهن اڳ ضلعي مستونگ ۾ به هڪ واقعو پيش آيو هو جتي نامعلوم هٿيارٻندن هڪ مسافر وين مان 20 پوليس اهلڪارن کي اغوا ڪري ورتو هو. اهي اهلڪار رخشان ڊويزن سان تعلق رکن ٿا انهن ٻنهي واقعن صوبي ۾ امن امان جي صورتحال بابت خدشن کي وڌيڪ وڌائي ڇڏيو آهي سيڪيورٽي فورسز علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري ڏنو آهي، جڏهن ته پوليس ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي اغوا ٿيل مزدورن جي جلد بازيابي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن

بقايا 14 روزاني عبرت

بابت وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته اسپارڪو جي سهڪار سان نارووال ۾ پهريون ڀيرو عالمي ورلڊ اسپيس ويڪ 2026ع ملهايو ويو جنهن جو مقصد نوجوان نسل ۾ خلائي علم سائنسي تحقيق ۽ جديد ٽيڪنالاجي بابت شعور اجاگر ڪرڻ آهي رٿابندي واري وزارت مطابق نارووال ۾ ورلڊ اسپيس ويڪ جي پڄاڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي احسن اقبال چيو ته 25 نومبر تي پاڪستان جو پهريون خلاباز چين جي خلائي مرڪز مان خلائي مشن تي روانو ٿيندو جڏهن ته پاڪستان 2035ع تائين چنڊ تي لينڊنگ جو هدف مقرر ڪيو آهي چين جي سهڪار سان پاڪستان خلائي تحقيق جي ميدان ۾ نين بلندين کي ڇهندو وفاقي وزير چيو ته خلائي ٽيڪنالاجي زراعت، مواصلات، موسمياتي تبديلين، تعليم ۽ قومي سلامتي سميت زندگي جي مختلف شعبن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي هن چيو ته خلائي تحقيق مستقبل جي ترقي، سائنسي دريافتن ۽ انساني علم کي هٿي ڏيڻ لاءِ اڻٽر آهي احسن اقبال چيو ته قرآن مجيد انسان کي ڪائنات جي تخليق تي غور ۽ فڪر ڪرڻ جي دعوت ڏئي ٿو ان ڪري نوجوانن ۾ سائنسي تجسس، تحقيق ۽ علم حاصل ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن چيو ته مسلمان سائنسدان ماضي ۾ فلڪيات ۽ سائنسي تحقيق ۾ نمايان مقام رکندا هئا ۽ پاڪستان کي علم ۽ تحقيق جي ميدان ۾ پنهنجي قيادت ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻو پوندو وفاقي وزير اسلام آباد سائنس فيسٽيول ۾ يونيورسٽي آف نارووال جي پهرين پوزيشن کي نوجوانن جي صلاحيتن جو ثبوت قرار ڏيندي چيو ته پاڪستان جا نوجوان علم ۽ تحقيق ذريعي نين بلندين تائين پهچي رهيا آهن هن چيو ته ماضي ۾ مالي ڏکيائين سبب اعليٰ تعليم کان محروم رهجي ويل شاگرد اڄ سڄي ملڪ ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪري رهيا آهن احسن اقبال اعلان ڪيو ته نوجوانن ۾ خلائي علم ۾ دلچسپي وڌائڻ ۽ سائنسي شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي آف نارووال ۾ پاڪستان جو پهريون اسپيس ميوزيم قائم ڪيو ويندو وفاقي وزير چيو ته حڪومت جديد ٽيڪنالاجي ۽ ايڀرنڊ سائنسي شعبن ۾ نوجوانن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪري رهي آهي ته جيئن پاڪستان جا نوجوان پنهنجين صلاحيتن ۽ علم جي طاقت سان نين بلندين ڏانهن اڏام ڪري سگهن

بقايا 15 روزاني عبرت

ڊاڪٽر محمد معيزو 20 کان 22 آڪٽوبر تائين پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪندو دوري دوران ٻه طرفن لاڳاپن جي سمورن پهلوئن جو جائزو وٺڻ ڪانسواءِ واپار سيڙپڪاري، صحت، تعليم سياحت، زراعت، دفاع، بحري سلامتي ۽ موسمياتي تبديلي سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار کي هٿي وٺرائڻ تي ڳالهيون ڪيون وينديون. پرڏيهي آفيس جي ترجمان طرفان جاري بيان مطابق مالديپ جو صدر وزيراعظم محمد شهباز شريف جي دعوت تي پاڪستان جو دورو ڪري رهيو آهي. جڏهن ته ان سان گڏ خاتون اول ساجده محمد، ڪابينا جا وزير ۽ اعليٰ عملدارن تي ٻڌل وفد به پاڪستان ايندو مالديپ جو صدر پنهنجي دوري دوران صدر مملڪت آصف علي زرداري سان ملاقات ڪندو مالديپ جو صدر وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ڊار ۽ وفد جي سطح تي ڳالهيون به ڪندو ٻئي اڳواڻ واپار سيڙپڪاري، صحت، تعليم سياحت، زراعت، دفاع، بحري سلامتي ۽ موسمياتي تبديلي سميت مختلف شعبن ۾ تعاون کي هٿي وٺرائڻ جو جائزو وٺندا ۽ گڏيل دلچسپي جي علائقائي ۽ عالمي معاملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪندا.

بقايا 16 روزاني عبرت

سينيٽر وقار مهدي، صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه صوبائي وزير سعيد غني، صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه ۽ وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت خاص معاون ڊاڪٽر شام سنڌر آڏواڻي سميت ٻين اڳواڻن سانحي ڪار ساز جي شهيدن کي شاندار لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو آهي.اڳواڻن پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو ته سانحو ڪار ساز پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو هڪ دردناڪ ۽ ناقابل فراموش باب آهي جنهن ۾ جمهوريت، عوامي حقن ۽ پنهنجي قائد شهيد محترمه بينظير ڀٽو سان وفاداري نڀائيندي ڪارڪنن پنهنجون قيمتي جانيون قربان ڪيون هنن چيو ته 18 آڪٽوبر 2007ع تي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وطن واپسيءَ تي ڪراچي ۾ سندس تاريخي استقبال لاءِ گڏ ٿيل جيالن تي دهشتگرد حملو جمهوريت جي آواز کي دٻائڻ جي بزدلاڻي ڪوشش هئي، پر شهيدن جون قربانيون عوام جي جمهوري عزم کي ڪمزور ڪرڻ بدران وڌيڪ مضبوط بڻائي ويون. اڳواڻن چيو ته سانحي ڪار ساز جا شهيد پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي جدوجهد، وفاداري ۽ جمهوريت سان اڻٽٽ وابستگيءَ جي علامت آهن انهن جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي ۽ سندن خاندانن جي ڏکن ۾ پارٽي قيادت ۽ ڪارڪن برابر جا شريڪ آهن هنن چيو ته صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ شهيدن جي مشن کي اڳتي وڌائيندي آئين جي بالادستي، پارليامينٽ جي خودمختياري، وفاق جي مضبوطي ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رهندي. گڏيل بيان ۾ چيو ويو ته دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ نفرت جي سياست جو خاتمو امن، برداشت، رواداري ۽ بين المذاهب هم آهنگيءَ جو فروغ وقت جي اهم ضرورت آهي ملڪ جي ترقي ۽ استحڪام لاءِ جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ ۽ سمورن شهرين، خاص طور تي اقليتن سميت محروم طبقن جي حقن جو تحفظ يقيني بڻائڻ ضروري آهي.اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سانحي ڪار ساز جي شهيدن جي قربانين کي حقيقي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو جمهوريت جي تسلسل عوامي خدمت ۽ شهيدن جي نظريي تي ثابت قدم رهڻ آهي شهيدن جو رت رائيگان نه ويندو ۽ سندن لازوال قربانيون ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه رهنديون هنن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ سانحي ڪار ساز جي سمورن شهيدن جي مغفرت فرمائي سندن درجا بلند ڪري ۽ پونئرن کي صبر جميل عطا فرمائي آمين

Monday 19 October 2026

سومر 19 آڪٽوبر 2026ع

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

بلوچستان ۾ بدامنيءَ جي باهہ ۽ امن لاءِ اٽڪر قدم

صفحو 4

محمود شاهہ

پاڙي وارن سان جيئڙي ٿي ملي وٺو

صفحو 4

نور سنڌي

ڇا مدينا ماڇياڻي سمن جي دور جي زوال جو سبب بڻي؟

صفحو 4

رياض احمد سومرو

لڏپلاڻ بابت اندر جو اظهار

صفحو 4

سانگي ٿاڻي جي حد ۾ ڪمند جي فصل مان نوجوان جو انتهائي ڳنڀير حالت ۾ لاش هٿ

لاش جي سِسي موجود نہ هئي، لاش جا ٻيا حصا بہ ٽڪرن ۾ ورهايل ۽ ڳريل حالت ۾ مليا

هٿ آيل لاش لڳ ڀڳ هڪ مهينو پراڻو آهي، لاش کي ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي: پوليس

نوجوان جي سڃاڻپ برڪت علي ولد ارباب ڪلهوڙو طور ڪئي وئي آهي، جيڪا سندس وارثن ڪئي آهي

وارثن گمشدگي جي رپورٽ داخل ڪرائي هئي، وڌيڪ تفصيل ۽ موت جا اصل ڪارڻ جاچ ڪانپوءِ سامهون اچڻ جا امڪان آهن

پنوعاقل(ن ع)سانگي ٿاڻي جي حد هنگورو پل پرسان ڪمند جي فصل مان هڪ نوجوان جو انتهائي ڳنڀير حالت ۾ لاش هٿ آيو آهي، جنهن جي سِسي موجود نہ هئي جڏهن تہ لاش جا ٻيا حصا بہ ٽڪرن ۾ ورهايل ۽ ڳريل حالت ۾ مليا آهن. سانگي پوليس موجب، ڪمند جي فصل مان هٿ آيل لاش لڳ ڀڳ هڪ مهينو پراڻو آهي، لاش کي ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب، فوتي نوجوان جي سڃاڻپ برڪت علي عرف راضل ولد حاجي ارباب ڪلهوڙو طور ڪئي وئي آهي، جنهن جي سڃاڻپ سندس وارثن ڪئي آهي. واقعي بابت وڌيڪ تفصيل ۽ نوجوان جي موت جا اصل ڪارڻ جاچ ڪانپوءِ سامهون اچڻ جا امڪان آهن. وارثن پاران 9 تاريخ تي گمشدگي جي رپورٽ داخل ڪرائي وئي هئي، نوجوان جي موت جو ڪارڻ اڃا تائين معلوم نہ ٿي سگهيو

پنوعاقل نوجوان جي حياتي جي تصوير

پيپلزپارٽي جون جمهوريت لاءِ قربانيون سڀ کان وڌيڪ ڏنيون آهن: غلام مرتضيٰ شاهہ

صدر آصف علي زرداري جي پاليسين سبب ملڪ ۾ جمهوريت جو تسلسل آهي

ڪنڊيارو(ن ع)پاڪستان پيپلزپارٽي عوامي جماعت آهي جمهوريت لاءِ قربانيون پ پ پ سڀ کان وڌيڪ ڏنيون آهن اهڙو اظهار چيئرمين ٽائون ڪاميٽي ڪنڊيارو سيد غلام مرتضيٰ شاهہ شهر جي عمرپور محلا ۾ سماجي ڪارڪن نويد احمد ملاح پاران ڏنل آجياڻي ۾ ڪيو سيد غلام مرتضيٰ شاهہ چيو تہ صدر آصف علي زرداري جي پاليسين سبب ملڪ ۾ جمهوريت جو تسلسل آهي هن چيو تہ پاڪ فوج جي قربانين تي فخر آهي پاڪ آرمي دنيا جي بهادر فوج آهي ملڪ جو عوام پاڪ فوج سان گڏ آهي ان موقعي تي علي گل راڄپر اسد ملاح ممتاز ملاح عبدالغفور مگريو ۽ موجود هيا

ايل ايل بي ٽن ۽ پنجن سالن جي پروگرامن سان لاڳاپيل 1184 اميدوارن جو تعليمي رڪارڊ غيرقانوني قرار ڏنو ويو آهي: لطيف يونيورسٽي

جاچ ڪميٽيءَ يونيورسٽيءَ جي سرڪاري رڪارڊ ۽ لاڳاپيل الحاق يافتہ ڪاليجن جي دستاويزن جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ڪجهہ تعليمي رڪارڊ شڪي قرار ڏنا

يونيورسٽيءَ سرڪيولر ۽ آخري عوامي نوٽيس جاري ڪري لاڳاپيل اميدوارن کي 15 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوت پيش ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي

درخواستن ۽ دستاويزن جي تفصيلي جاچ ڪئي، جنهن ڪانپوءِ نتيجو ڪڍيو ويو تہ اعتراض هيٺ آيل رڪارڊ يونيورسٽيءَ جو حصو نہ آهن

امتحاني نتيجا، ٽرانسڪرپٽ، عارضي سرٽيفڪيٽ، ڊگري سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا سمورا تعليمي دستاويز غيرمؤثر ۽ رد ٿيل تصور ڪيا ويندا

سکر(بيورو رپورٽ)شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو نوٽيفڪيشن ايل ايل بي جي 1184 اميدوارن جو تعليمي رڪارڊ غيرقانوني قرار ڏيڻ ۽ ٻيا تعليمي دستاويز تسليم نہ ڪرڻ جو انڪشاف ان سلسلي ۾ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور طرفان 16 آڪٽوبر 2026ع تي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، ايل ايل بي ٽن سالن ۽ پنجن سالن جي پروگرامن سان لاڳاپيل 1184 اميدوارن جو تعليمي رڪارڊ غيرقانوني قرار ڏنو ويو آهي ۽ نوٽيفڪيشن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ جي 11 اپريل 2026ع تي ٿيل 92هين اجلاس ۾ منظور ڪيل ٺهراءُ نمبر 04 ۽ 05 جي روشنيءَ ۾ جاچ ڪميٽي قائم ڪئي وئي هئي ڪميٽي ايل ايل بي ٽن سالن واري پروگرام (2016ع، 2017ع ۽ 2018ع جي داخلا وارن بيچن) ۽ ايل ايل بي پنجن سالن واري پروگرام (2017ع جي بيچ) جي امتحاني رڪارڊ جي ڇنڊڇاڻ ڪئي جاچ ڪميٽيءَ يونيورسٽيءَ جي سرڪاري رڪارڊ ۽ لاڳاپيل الحاق يافتہ قانوني ڪاليجن جي دستاويزن جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ڪجهہ تعليمي رڪارڊ شڪي قرار ڏنا، جن بابت خدشو ظاهر ڪيو ويو تہ اهي قانوني اختيار ڪانسواءِ يونيورسٽيءَ جي امتحاني رڪارڊ ۾ شامل ڪيا ويا هئا نوٽيفڪيشن موجب، قدرتي انصاف جي اصولن تحت يونيورسٽيءَ 7 جولاءِ 2026ع تي سرڪيولر ۽ آخري عوامي نوٽيس جاري ڪري لاڳاپيل اميدوارن کي 15 ڏينهن اندر پنهنجن تعليمي رڪارڊن جي قانوني حيثيت ثابت ڪرڻ لاءِ دستاويزي ثبوت پيش ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي ڪميٽيءَ اميدوارن ۽ لاڳاپيل قانوني ڪاليجن پاران جمع ڪرايل درخواستن ۽ دستاويزن جي تفصيلي جاچ ڪئي جنهن ڪانپوءِ نتيجو ڪڍيو ويو تہ اعتراض هيٺ آيل رڪارڊ يونيورسٽيءَ جي قانوني تعليمي رڪارڊ جو حصو نہ آهن نوٽيفڪيشن ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي تہ ايل ايل بي ٽن سالن واري پروگرام جا 658 اميدوار متاثر ٿيا آهن. ايل ايل بي پنجن سالن واري پروگرام جا 526 اميدوار متاثر ٿيا آهن ٻنهي پروگرامن جي مجموعي طور 1184 اميدوارن جو تعليمي رڪارڊ غيرقانوني ۽ ناقابل قبول قرار ڏنو ويو آهي يونيورسٽيءَ واضح ڪيو آهي تہ اهڙي غيرمجاز رڪارڊ جي بنياد تي تيار ڪيل يا حاصل ڪيل امتحاني نتيجا، ٽرانسڪرپٽ، عارضي سرٽيفڪيٽ، ڊگري سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا سمورا تعليمي دستاويز شروعات کان ئي غيرمؤثر ۽ رد ٿيل تصور ڪيا ويندا ۽ انهن کي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور پاران قانوني طور جاري ڪيل دستاويز تسليم نہ ڪيو ويندو نوٽيفڪيشن يونيورسٽيءَ جي مجاز اختياريءَ جي حڪم تي رجسٽرار پاران جاري ڪيو ويو آهي جڏهن تہ جاڻ ۽ ضروري ڪارروائيءَ لاءِ ان جون ڪاپيون وائيس چانسلر جي سيڪريٽري، ڪنٽرولر امتحانات، هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاڪستان بار ڪائونسل سنڌ بار ڪائونسل ۽ ٻين صوبائي بار ڪائونسلن سميت لاڳاپيل قانوني ڪاليجن جي سربراهن ڏانهن پڻ موڪليون ويون آهن

سکر ۾ نيشنل جونيئر بيڊمنٽن چيمپيئن شپ جو آغاز ٿي ويو

سيڪريٽري اسپورٽس منور مهيسر ۽ ڪمشنر عابد سليم قريشي افتتاح ڪيو

جونيئر بيڊمنٽن چيمپيئن شپ جا مقابلا 18 کان 22 آڪٽوبر 2026ع تائين جاري رهندا

مقابلن ۾ نوجوان رانديگرن کي پنهنجون صلاحيتون مڃرائڻ ۽ تجربو حاصل ڪرڻ جا موقعا ملندا: مقرر

سکر (بيورو رپورٽ)سنڌ حڪومت جي ميزباني هيٺ نيشنل جونيئر بيڊمنٽن چيمپيئن شپ 2026ع جو اسپورٽس ڪلب سکر ۾ آغاز ٿي ويو جنهن جو افتتاح سيڪريٽري اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز سنڌ منور علي مهيسر ۽ ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي ڪيو جونيئر بيڊمنٽن چيمپيئن شپ جو ميلو حڪومت سنڌ جي رانديگرن ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي سهڪار سان سنڌ بيڊمنٽن ايسوسيئيشن جي اهتمام هيٺ منعقد ڪيو پيو وڃي چيمپيئن شپ جا مقابلا 18 کان 22 آڪٽوبر 2026ع تائين جاري رهندا افتتاحي تقريب ۾ سنڌ جي رانديگرن واري کاتي بابت پارليامانی سيڪريٽري ۽ ايم پي اي سنڌ اسيمبلي صائمہ آغا، ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس مير محمد، ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر اخلاق ميمڻ سنڌ اسپورٽس سان لاڳاپيل نمايان شخصيتن سعيده شيخ، فرحان شاهہ احمد علي راجپوت سميت ٻين شرڪت ڪئي چيمپيئن شپ ۾ پوري ملڪ کان نوجوان رانديگر حصو وٺي رهيا آهن مقابلن ۾ حصو وٺندڙ ٽيمن ۾ سنڌ، بلوچستان، خيبر پختونخوا، پنجاب، گلگت بلتستان پاڪستان آرمي، پاڪستان واپڊا، سوئي گيس ۽ اسلام آباد جون ٽيمون شامل آهن افتتاحي تقريب جو آغاز تلاوتِ قرآن پاڪ ۽ قومي ترانی سان ٿيو جڏهن تہ اسڪولي ٻارڙن ملي نغمن تي پرفارمنس ڏئي ڪري خوب داد حاصل ڪئي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌبابت رانديگرن جي پارليامانی سيڪريٽري ۽ ايم پي اي سنڌ اسيمبلي صائمہ آغا، سيڪريٽري اسپورٽس منور علي مهيسر ۽ ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي چيو تہ قومي سطح جي اهڙن مقابلن ۾ نوجوان رانديگرن کي پنهنجون صلاحيتون مڃرائڻ ۽ تجربو حاصل ڪرڻ جا موقعا ملندا جڏهن تہ رانديگرن ۽ نوجوانن جي حوصلا افزائي لاءِ منعقد ڪيل هن چيمپيئن شپ جي ميزباني سکر لاءِ اعزاز آهي سنڌ وڌيڪ چوڻ هو تہ رانديگرن جي مقابلن جي انعقاد سان نوجوانن ۾ سکڻ ۽ سيکارڻ جي صلاحيتن ۾ واڌارو ٿئي ٿو سيڪريٽري اسپورٽس جو چوڻ هو تہ جونيئر بيڊمنٽن چيمپيئن شپ جي فاتح ٽيمن سميت رانديگرن ۾ تحفا ۽ ٽرافيون ورهايون وينديون جڏهن تہ انهيءَ موقعي تي مهمان رانديگرن ۽ رانديگرياڻين کي سکر جي تاريخي ماڳن جو سير پڻ ڪرايو ويندو

حيدرآباد: پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردياڻيون سرٽيفڪيٽن سان گڏ بيٺل آهن

پيپلز ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ طرفان ڪارساز شهيدن جي ياد ۾ تقريب

قرآن خواني ڪرائي شهيدن ۽ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي

شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو اڄ بہ عوام جي ڪروڙين دلين تي راڄ ڪري ٿي: نثار وساڻ

سنجهورو(نت ر)پيپلز ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ طرفان 18آڪٽوبر ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ پيپلز خاصخيلي جهول ۾ قرآن خواني دعائي تقريب ٿي گذري جنهن ۾ ڪارساز جي شهيدن لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي ۽ شهيدن ۽ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي دعائي تقريب ۾ پ پ پ ڪلچرل ونگ شهيد بينظير آباد ڊويزن جي صدر نثار احمد وساڻ پ پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ جي صدر عبدالستار خاصخيلي سياف ضلعي سانگهڙ جي صدر خادم حسين خاصخيلي پ پ پ ڪلچرل ونگ ضلعت سانگهڙ جي نائب صدر پائي خان لغاري غلام سرور بروهي آصف ڪوڪر خان وساڻ مير حسن سهيل بلوچ حاجي هارون جمال بگٽي ڪامران ۽ ٻين پ پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي جي ورڪرن پ پ پ سياف جي ورڪرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي پ پ پ شهيد بينظير آباد ڊويزن جي صدر نثار احمد وساڻ پ پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ جي صدر عبدالستار خاصخيلي سياف ضلعي سانگهڙ جي صدر خادم حسين خاصخيلي تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ 18آڪٽوبر تي شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو وطن واپس اچڻ تي ڪراچي پهچڻ تي سندس تاريخي استقبال ڪيو ويو جتي عوامي سمنڊ سندس استقبال ڪيو پر وقت جي آمرن کان شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جو تاريخي استقبال برداشت نہ ٿيو ڪار ساز تي شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي تاريخي استقبال تي حملو ڪيو ويو جنهن ۾ سوين پ پ پ ڪارڪن شهيد ٿيا ويا وقت جي آمر جو نالو نشان ختم ٿي ويو پر شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو اڄ بہ عوام جي ڪروڙين دلين تي راڄ ڪري ٿي

سنجهورو پيپلز ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ طرفان ڪارساز شهيدن جي ياد ۾ منعقد تقريب جو ڏيک

ڪنڊيارو آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران آفر آرڊر جاري نہ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪنڊيارو(ن ع)ڪنڊيارو آءِ بي اي ٽيسٽ پاس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن پاران آفر آرڊر جاري نہ ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو.ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اميدوارن سيد دانش شاهہ عبدالرزاق خاصخيلي، طاهر راڄپر رستم گهانگهرو سرفراز چنڙ ۽ ٻين چيو تہ ٽيسٽ پاس ڪرڻ باوجود آفر آرڊر جاري نہ ڪيا وڃن پنج سال ويٽنگ ۾ رکڻ سبب نوجوان اوور ايج ٿي ويا آهن جن جو مستقبل خطري ۾ آهي هنن چيو سنڌ اسيمبلي جي ايوان ۾ مسلسل ويٽنگ اميدوارن لاءِ حڪومتي جماعت پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم پي ايز سميت مختلف سياسي جماعتن جي چونڊيل نمائندن پاران آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ويٽنگ اميدوارن کي ايڊجسٽ ڪرڻ لاءِ آواز اٿاريو ويو جنهن کان پوءِ سنڌ اسيمبلي جي ايوان ۾ ڪوليفائيڊ ويٽنگ اميدوارن جو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ متفقا طور پارليامانی ڪاميٽي جوڙي وئي جنهن ۾ ضلع نوشهروفيروز مان مورو تڪ تان چونڊيل ايم پي اي صوبائي وزير ضياء الحسن لنجار بہ شامل آهي هنن چيو تہ ڪراچي سميت مختلف هنڌن تي ويٽنگ اميدوارن جو احتجاج جاري آهي هنن پارليامانی ڪاميٽي جي چيئرمين سيد اويس قادر شاهہ ۽ ضلع نوشهروفيروز مان چونڊيل ايم پي اي صوبائي وزير ضياء الحسن لنجار کان مطالبو ڪيو تہ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس پي ايس ٽي , جي ايس ٽي اميدوارن کي ايڊجسٽ ڪري سندن مستقبل بچايو وڃي

NATIONAL PRESS CLUB
KANDIA
ڪنڊيارو آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران آفر آرڊر جاري نہ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

انجنيئر ملڪ محمد مزمل پي سي بي حيدرآباد ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويو

بدين(ڊ ر)بدين جو انجنيئر ملڪ محمد مزمل پي سي بي حيدرآباد ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويو پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي سي بي) جي ريجنل چونڊن 2026ع ۾ ضلعي بدين سان تعلق رکندڙ انجنيئر ملڪ محمد مزمل وڏي اڪثريت سان حيدرآباد ڊويزن ڪرڪيٽ جي جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي تي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي.

گهوٽڪي ۾ ايل پي جي گئس سرڪاري اگهہ کان گهڻي مهانگي وڪرو ٿيڻ لڳي

سرڪاري اگهہ 279 رپيا 34 پئسا في ڪلو مقرر هئڻ باوجود مارڪيٽ ۾ 430 کان 450 رپيا في ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳي

مهانگائيءَ جي ستايل شهرين کي ڪو بہ رليف نہ ملي سگهيو، 151 کان 171 رپيا وڌيڪ ادا ڪرڻا پئجي رهيا آهن: شهري

مقرر اگهہ کان وڌيڪ رقم وصول ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن عوام کي وڌندڙ مهانگائيءَ مان ڪجهہ رليف ملي سگهي

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ مهانگائيءَ جي ستايل شهرين کي ڪو بہ رليف نہ ملي سگهيو ايل پي جي گئس سرڪاري اگهہ کان گهڻي وڌيڪ قيمت تي وڪرو ٿيڻ لڳي، جڏهن تہ لاڳاپيل انتظاميا جي خاموشي شهرين جون پريشانيون وڌيڪ وڌائي ڇڏيون آهن. آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) پاران ايل پي جي گئس جو سرڪاري اگهہ 279 رپيا 34 پئسا في ڪلوگرام مقرر هئڻ باوجود گهوٽڪي ۽ ڀرپاسي جي مختلف علائقن ۾ ايل پي جي گئس 430 کان 450 رپيا في ڪلوگرام تائين وڪرو ڪئي پئي وڃي. اهڙيءَ ريت صارفين کي في ڪلو گئس تي سرڪاري اگهہ کان لڳ ڀڳ 151 کان 171 رپيا وڌيڪ ادا ڪرڻا پئجي رهيا آهن. شهرين جو چوڻ آهي تہ سرڪاري اگهن جي اعلان باوجود ايل پي جي گئس مهانگي اگهہ تي وڪرو ٿيڻ عوام تي اضافي مالي بار آهي، جڏهن تہ گهريلو صارف اڳ ئي وڌندڙ مهانگائي سبب سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن. شهرين سوال اٿاريو آهي تہ سرڪاري اگهہ مقرر هجڻ باوجود ان تي عمل ڇو نٿو ڪرايو وڃي ۽ ناجائز منافعي خوري ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڇو نٿي ڪئي وڃي. شهرين ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ ايل پي جي گئس سرڪاري اگهن تي وڪرو ڪرائڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن، دڪانن تي سرڪاري اگهن جون لسٽون لڳرايون وڃن ۽ مقرر اگهہ کان وڌيڪ رقم وصول ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن عوام کي وڌندڙ مهانگائيءَ مان ڪجهہ رليف ملي سگهي

FAREWELL PARTY
Celebrating Life Time
ٽنڊوڄام ۾ سينيئر استاد محمد اڪبر خانزادي جي رٽائرمينٽ تي الوداعي تقريب ۾ شيلڊ ڏني پئي وڃي

ٽنڊوڄام ۾ سينيئر استاد محمد اڪبر خانزادي جي رٽائرمينٽ تي الوداعي تقريب

اڪبر خانزادي استاد جي حيثيت سان پنهنجيون ذميواريون بهترين طريقي سان سرانجام ڏنيون: علي محمد جمالي

مون اڪبر خانزادي کي هميشہ درس و تدريس جي عمل ۾ مشغول ڏٺو آهي: نثار احمد رتڙ

اڪبر خانزادي جي رٽائرمينٽ سان اسڪول جي تدريسي شعبي ۾ وڏو خال پوندو: جنيد چوهاڻ

ٽنڊوڄام(ن ر)ٽنڊوڄام هاءِ اسڪول نمبر 1 جي سينيئر استاد محمد اڪبر خانزادي جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب دوران رٽائر ٿيندڙ استاد محمد اڪبر خانزادي کي استادن ۽ شاگردن پاران زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ويو اسڪول جي اڳوڻي هيڊ ماستر علي محمد جمالي چيو تہ محمد اڪبر خانزادي استاد جي حيثيت سان پنهنجيون ذميواريون بهترين طريقي سان سرانجام ڏنيون وڪس شاگردن سان ڪميونيڪيشن جي اعليٰ مهارت هئي اسڪول جي ايس ايم سي چيئرمين نثار احمد رتڙ چيو تہ مون اڪبر خانزادي کي هميشہ درس و تدريس جي عمل ۾ مشغول ڏٺو آهي اسڪول هيڊ ماستر جنيد چوهاڻ چيو تہ اڪبر خانزادي جي رٽائرمينٽ سان اسڪول جي تدريسي شعبي ۾ وڏو خال پوندو محمد اڪبر خانزادي انهي موقعي تي ڳالهائيندي چيو تہ هن اسڪول ۾ مون 22 سال ڊيوٽي ڏني آهي جيڪو منهنجي زندگي جو سرمايو آهي انهي موقعي تہ آصف سراڻ محمد خان پٺاڻ رضا حسن سراڻ ۽ ٻين استادن ۽ شاگردن پڻ خطاب ڪيو انهي موقعي اسڪول جي اسٽاف پاران اڪبر خانزادي کي سندس خدمتن جي اعتراف ۾ يادگاري شيلڊ پيش ڪئي انهي کان اڳ استادن ۽ ٻين مهمانن پاران کيس سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪون پارايون ويون ۽ شاگردن پاران گلن جي ورکا ڪئي وئي

آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ويٽنگ اميدوارن پاران آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ اسان جي جائز مطالبن تي اڃا تائين ڪو بہ ڌيان نٿو ڏنو وڃي: ظهير عباس

مسئلو حل ڪرڻ لاءِ ڪميٽي بہ جوڙي پر ان جو هن وقت تائين ڪو بہ مثبت نتيجو ناهي آيو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)تعليم کاتي سنڌ ۾ جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي سکر آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس ويٽنگ لسٽ اميدوارن آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف ظهير عباس،فهد شيخ،عارف ڪليري ،سعديہ، ثمينہ بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو تہ جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي 40پلس مارڪون ڪندڙ اميدوار گذريل ڪيترن ئي مهينن کان پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ اسان جي جائز مطالبن تي اڃا تائين ڪو بہ ڌيان نٿو ڏنو وڃي.چيو تہ تعليم کاتي موجب سنڌ ۾ 15هزار وڌيڪ ماستري جون جايون خالي پيل آهن سوين اسڪول استادن کان محروم آهن پر ان باوجود اسان 40پلس مارڪس پاس اميدوارن کي نوڪرين نہ ڏيڻ معاشي قتل عام برابر آهي. هنن چيو سنڌ حڪومت 40پلس اميدوارن جو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ ڪميٽي بہ جوڙي پر ان جو هن وقت تائين ڪو بہ مثبت نتيجو ناهي آيو جنهن سبب اميدوارن ۾ سخت ڳڻتي ۽ پريشاني ڇانيل آهي. هنن چيو اسان جون نوڪري واريون عمرون گذري رهيون آهن پر اهليت جي بنياد پاس ٿيڻ باوجود نوڪرين کان محروم آهيون. هنن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري،سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ تعليم کاتي جي صوبائي وزير کي اپيل ڪئي 40پلس مارڪس پاس جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي اميدوارن جو نوٽيس وٺي نوڪريون ڏئي پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بے نظیر بھٹو کا خواب ادھورا کیوں؟
قوم کے معمار سڑکوں پر!
اپیل
SNE, STR
40+ PST/JEST
حيدرآباد آءِ بي اي پاس اميدوار آفر آرڊر نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جي ملازمن پاران احتجاجي مظاهرو

ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهہ 106 ڏينهن پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو

پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي: اڳواڻ

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جي ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهہ 106 ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله ، محمد نديم شاهد خان،جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو تہ حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو تہ 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نہ ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو تہ ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر تنخواہ ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي.هنن چيو تہ اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود تنها ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ وزير بلديات کي اپيل ڪئي تہ ملازمن جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

پنوعاقل ۾ مرحوم غلام مصطفيٰ بوزدار ۽ ڪارساز سانحي شهيدن جي ياد ۾ تقريب

شهيدن سان گڏ غلام مصطفيٰ بوزدار جي روح کي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي

بابر مصطفيٰ بوزدار ۽ پارٽي جي ٻين اڳواڻن ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي

پنوعاقل(ن ع)پنوعاقل ۾ مرحوم حاجي غلام مصطفيٰ بوزدار جي 12هين ورسي ۽ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ تقريب منعقد،پنوعاقل جي بوزدار هائوس تي پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم پي اي مرحوم حاجي غلام مصطفيٰ بوزدار جي 12هين ورسي ۽ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي،پيپلزپارٽي ضلعي سکر جي انفارميشن سيڪريٽري بابر مصطفيٰ بوزدار ۽ پارٽي جي ٻين اڳواڻن پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي،تقريب ۾ پيپلزپارٽي جي اڳواڻ قادر خان ڏاريجو سميت پارٽي جي ٻين اڳواڻن شهرين ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي،تقريب دوران ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ سان گڏ مرحوم حاجي غلام مصطفيٰ بوزدار جي روح کي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن خواني پڻ ڪرائي وئي

پنوعاقل ۾ مرحوم غلام مصطفيٰ بوزدار ۽ ڪارساز سانحي شهيدن جي ياد ۾ منعقد تقريب جو ڏيک

آغا خان يونيورسٽي نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن جي مان ۾ اعزازي تقريب

قابليت،مقصد ۽ امڪانن کي نئين جِلا: نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن جي مان ۾ تقريب منعقد ڪئي

شاگرد رڳو تعليمي ڪاميابي سبب ساراهہ جا حقدار ناهن،پر صلاحيتن سبب پڻ واکاڻ جوڳا آهن: ڊاڪٽر هما بقائي

ڪراچي(پ ر)آغا خان يونيورسٽي امتحاني بورڊ (اي ڪي يو - اي بي) طرفان 2026ع ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن جي مان ۾ "اندر جي روشني" جي عنوان سان اعزازي تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ انهن شاگردن جي تعليمي ڪاميابين کي ساراهيو ويو جن جي محنت، قابليت ۽ مستقبل لاءِ اميدن ۽ امنگن جو عڪس سندن ڪاميابين ۾ نظر اچي ٿو هيءَ تقريب اي ڪي يو - اي بي جي 2027ع ۾ پنهنجي سلور جوبلي مڪمل ڪرڻ ڏانهن سفر جو هڪ اهم وک آهي.ان موقعي تي بورڊ تعليمي معيار بهتر بڻائڻ امتحاني جائزي جي نظام کي مضبوط ڪرڻ ۽ سڄي پاڪستان جي شاگردن لاءِ اعليٰ تعليم جا موقعا وڌائڻ واري پنهنجي 25 سالن واري سفر کي مڪمل ڪندو 26 هزار کان وڌيڪ شاگردن اي ڪي يو اي بي جي امتحانن ۾ حصو ورتو انهن مان قومي ۽ علائقائي سطح تي نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ 124 شاگردن کي اعزازن سان نوازيو ويو،جن ۾ سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ (ايس ايس سي) ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ (ايڇ ايس ايس سي) جي سطح تي هڪ هڪ مجموعي طور بہ قومي پوزيشنون ماڻيندڙ شاگرد پڻ شامل هئا ان ڪانسواءِ سڄي ملڪ مان 450 کان وڌيڪ شاگردن کي مختلف مضمونن ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي اعزاز ڏنا ويا.تقريب ۾ اي ڪي يو - اي بي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر نويد يوسف، خاص مهمان ملينيم انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي اينڊ انٽرپرينيورشپ (مائيٽ) جي ريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر هما بقائي ۽ اعزازي مهمان انٽر بورڊز ڪوآرڊينيشن ڪميشن (آءِ بي سي سي) جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر غلام علي ملاح سميت عطيو ڏيندڙن استادن والدين ۽ شاگردن جي اڳيان ڪئي،نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن جي اعزاز ۾ ڳالهائيندي پروفيسر ڊاڪٽر هما بقائي چيو تہ اهي شاگرد رڳو پنهنجي تعليمي ڪاميابين سبب ئي ساراهہ جا حقدار ناهن پر انهن صلاحيتن سبب پڻ واکاڻ جوڳا آهن جيڪي هنن اسڪول جي تعليم کان اڳتي ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ سکيو آهن هن چيو تہ کيس پڪ آهي تہ اهي نوجوان پنهنجي تعليمي ۽ عملي زندگيءَ جي ايندڙ مرحلي لاءِ ڀرپور نموني تيار آهن

ٽنڊوالهيار ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ڪلچر ونگ طرفان ڪوٺايل تقريب ۾ دعا گهري پئي وڃي

سکر پوليس چورن خلاف ڪارروائي ڪندي لکين رپين جي ماليت جو چوري ٿيل ڊيزل هٿ ڪري ورتو

آباد ٿاڻي جي پوليس 12 جوابدارن کي گرفتار ڪري ڊيزل سان ڀريل 6 مزدا گاڏيون تحويل ۾ وٺي ڇڏيون

گاڏين ۾ ناهيل ٽينڪن مان 2700 ليٽر چوري ٿيل ڊيزل هٿ ڪيو ويو،چوري جو ڊيزل مختلف هنڌن تي وڪرو ڪندا هئا: پوليس

سهٽو بنگلاڻي،طارق ٻرڙو،پائيند دراني،نادر گاڏهي، شمن چانڊيو، بدر جمالي،عنايت بروهي،هارون شمالاڻي، ڪريم، شر اڪبر،گلزار ۽ عزيز گرفتار ڪيا ويا

گرفتار جوابدارن خلاف آباد ٿاڻي تي پاڪستان پينل ڪوڊ تحت داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس ڊيزل چورن خلاف ڪارروائي ڪندي لکين رپين جي ماليت جو چوري ٿيل ڊيزل هٿ ڪري ورتو آهي پوليس 12 جوابدارن کي گرفتار ڪري ڊيزل سان ڀريل 6 مزدا گاڏيون تحويل ۾ وٺي ڇڏيون، جڏهن تہ گاڏين ۾ ناهيل ٽينڪن مان 2700 ليٽر چوري ٿيل ڊيزل هٿ ڪيو ويو آهي سکر پوليس جي ترجمان موجب ايس ايس پي سکر احمد چوڌري PSP, QPM جي هدايتن تي غيرقانوني سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروايون جاري آهن ان سلسلي ۾ ڊي ايس پي عبدالقادر سومرو جي سربراهي ۾ آباد ٿاڻي جي ايس ايڇ او ڳجهي اطلاع تي پنهنجي حد ۾ ڪارروائي ڪندي ڊيزل سان ڀريل 6 مزدا گاڏين سميت 12 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو.سکر پوليس ترجمان موجب گرفتار جوابدارن جي مزدا گاڏين ۾ ناهيل خاص ٽينڪن مان 2700 ليٽر چوري ٿيل ڊيزل هٿ ڪيو ويو آهي. گرفتار جوابدارن ۾ سهٽو بنگلاڻي، طارق ٻرڙو پائيند خان دراني، نادر علي گاڏهي، شمن علي چانڊيو بدرالدين جمالي، عنايت الله بروهي، هارون شمالاڻي، عبدالڪريم شر اڪبر بنگلاڻي، گلزار گاڏهي ۽ عزيز الله گاڏهي شامل آهن. پوليس جي شروعاتي جاچ موجب جوابدارن ٻڌايو آهي تہ هو آئل ٽيوب ۽ پيٽرول پمپن تان ڊيزل چوري ڪري شهر جي مختلف هنڌن تي غيرقانوني طور وڪرو ڪندا هئا. پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف آباد ٿاڻي تي ڪيس نمبر 231/2026 ۽ 232/2026 ڪلم 379، 411 ۽ 34 پاڪستان پينل ڪوڊ تحت داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

سکر پوليس ڪارروائي ۾ ڊيزل چوري ۾ ملوث گرفتار جوابدار

پنوعاقل لڳ ڪينٽ ٿاڻي جي ويجهو گهر مان لکين رپين جي چوري

پنوعاقل(ن ع)پنوعاقل لڳ ڪينٽ ٿاڻي جي ويجهو گهر مان لکين رپين جي چوري ڪينٽ ٿاڻي کان ڪجهہ ئي مفاصلي تي گذريل رات نامعلوم چور مجاهد سماٽڙ جي گهر جي اوطاق واري ڪمري جا تالا ٽوڙي سونا زيور لکين رپيا روڪ رقم نياڻين جي ڏاج سميت قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا.واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪيو ۽ تفصيل معلوم ڪيا. پوليس متاثرن کي خاطري ڪرائي تہ واقعي جي جاچ ڪري چوري ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو ويندو.

ٺري ميرواهہ ۾ شهيد بينظير ڀٽو شاپنگ سينٽر جي تعميرات جو سنگ بنياد رکيو پيو وڃي

ٺري ميرواهہ ۾ شهيد بينظير ڀٽو شاپنگ سينٽر جي تعميرات جو سنگ بنياد رکيو ويو

شاپنگ سينٽر جي تعمير سان علائقي جي ماڻهن کي روزگار جا نوان موقعا فراهم ٿيندا: ساجد ٻانڀڻ

شهيد راڻي جي مشن تي عمل ڪندي عوام جي ڀلائي ۽ علائقي جي ترقيءَ لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن

ٺري ميرواهہ (ن ع)پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي رئيس ساجد علي خان ٻانڀڻ پراڻي ٺري ميرواهہ ٽائون ڪاميٽي آفيس جي پلاٽ تي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي نالي سان منسوب شاپنگ سينٽر جي نئين عمارت جي تعمير جو سنگ بنياد جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي رئيس ساجد علي خان ٻانڀڻ چيو تہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي نالي سان شاپنگ سينٽر تعمير ڪيو پيو وڃي، جنهن جو مقصد علائقي جي ماڻهن، خاص طور تي نوجوانن، عورتن ۽ مردن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اولين ترجيح عوام کي روزگار جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ ۽ ماڻهن جي معاشي حالت بهتر بڻائڻ آهي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي مشن تي عمل ڪندي عوام جي ڀلائي ۽ علائقي جي ترقيءَ لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو تہ شاپنگ سينٽر جي تعمير مڪمل ٿيڻ کان پوءِ مقامي ماڻهن کي ڪاروبار جا موقعا ملندا، جنهن سان نہ رڳو بيروزگاري گهٽائڻ ۾ مدد ملندي، پر شهر جي معاشي سرگرمين ۾ پڻ اضافو ٿيندو ايم پي اي رئيس ساجد علي خان ٻانڀڻ چيو تہ تڪ ۾ روڊن جي تعمير ۽ مرمت، صحت ۽ تعليمي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن جيئن عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪري سگهجن ۽ شهرين جا مسئلا حل ٿي سگهن تقريب ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ٺري ميرواهہ گل فيصل الاهي ٽائون ڪميٽي ٺري ميرواهہ جو چيئرمين ريحان جوڳي، فقير امتياز لاشاري ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

سانحہ ڪار ساز جي شهيدن جي ياد ۾ صالح پٽ ۾ دعائيہ تقريب

سنڌ جي ورهاست جي ڳالهہ بہ ٻڌڻ جي لاءِ تيار ناهيون،محسن نقوي ڪهڙو بہ بيان ڏئي لازمي ناهي اهو ٿي وڃي: اويس شاهہ

سانحہ ڪار ساز جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪريون ٿا، سندن قربانيون جمهوريت جي تاريخ جو روشن باب آهن

جيالن تي جيڪي ظلم ۽ ڏاڍ ڪيا ويا انهن کي جيالن برداشت ڪيو، انهن جو تصور ڪرڻ بہ ڏکيو آهي

سنڌ جي ورهاڱي ۽ گورنر راڄ جون ڳالهيون ممڪن ناهن، سنڌ جي ورهاڱي خلاف سنڌ اسيمبلي اڳ بہ قرارداد منظور ڪري چڪي آهي

سنڌ جي حالتن جو خيبرپختونخواهہ جي حالتن سان ڀيٽڻ مناسب ناهي، سنڌ پاڪستان جي ٻين صوبن کان امن امان ۾ بهتر آهي

سکر(بيورو رپورٽ)اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اويس شاهہ پاران سانحہ ڪار ساز جي شهيدن جي ياد ۾ صالح پٽ ۾ دعائيہ تقريب جو منعقد ڪئي تقريب ۾ ٽائون ۽ يونين ڪائونسلن جي چيئرمينن سميت پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ قرآن خواني فاتحہ خواني ۽ نياز جو پڻ اهتمام ڪيو ويو تقريب کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس شاهہ چيو سانحہ ڪار ساز جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪريون ٿا، سندن قربانيون جمهوريت جي تاريخ جو روشن باب آهن 18 آڪٽوبر جو ڏينهن ياد ڪري جمهوريت پسندن جون اکيون اڄ بہ آليون ٿي وڃن ٿيون 19 سال اڳ جمهوريت تي شب خون هنيو ويو جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ ڪارڪنن وڏيون قربانيون ڏنيون اڄ انهن شهيدن کي ياد ڪريون ٿا، جيڪي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي وطن واپسيءَ تي سندس استقبال لاءِ پهتا هئا. سانحہ ڪار ساز جي شهيدن جي قرباني ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهجي هن وڌيڪ چيو تہ پيپلز پارٽي جا جيالا جمهوريت جي اصولن ۽ قدرن کي ساڻ کڻي اڳتي وڌن ٿا، پيپلز پارٽي جي قيادت توڙي ڪارڪن ملڪ ۾ برابري، امن ۽ پائيداري جو نظام قائم ڪرڻ چاهين ٿا. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جا جيالا جمهوريت ۽ عوامي خدمت جو مشن اڳتي وڌائيندا پيا هلن شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو عوامي حقن ۽ پنهنجي مشن خاطر جان جو نذرانو پيش ڪيو پاڪستان پيپلز پارٽي جي جيالن تي جيڪي ظلم ۽ ڏاڍ ڪيا ويا انهن کي جيالن برداشت ڪيو، انهن جو تصور ڪرڻ بہ ڏکيو آهي هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو تہ احتجاج ڪرڻ هر ڪنهن جو جمهوري حق آهي پر احتجاج دوران اهڙو عمل نہ ٿيڻ گهرجي، جنهن سان امن امان کي خطرو لاحق ٿئي. سانحہ ڪار ساز جي شهيدن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ 19 سالن کان پوءِ بہ عدالتن ڏانهن نهاري رهيا آهيون اسان کي پنهنجي عدالتن تي مڪمل اعتماد آهي اميد آهي تہ انصاف ضرور ملندو. سنڌ جي ورهاڱي ۽ گورنر راڄ بابت صحافي جي سوال تي سيد اويس شاهہ جو ردعمل ۾ چيو تہ سنڌ جي ورهاڱي ۽ گورنر راڄ جون ڳالهيون ڪنهن بہ صورت ۾ ممڪن ناهن سنڌ جي ورهاڱي خلاف سنڌ اسيمبلي اڳ بہ قرارداد منظور ڪري چڪي آهي محسن نقوي ڪجهہ بہ بيان ڏئي سگهي ٿو پر ضروري ناهي تہ سندس هر ڳالهہ حقيقت بڻجي ڪنهن جي مرضي آهي تہ جيڪو وٽيس سو بيان ڏئي، پر سنڌ جي ورهاڱي جهڙو عمل ٿيڻ وارو ناهي اسان هاڻي سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ بہ تيار ناهيون سنڌ جي حالتن جو خيبرپختونخواهہ جي حالتن سان ڀيٽڻ مناسب ناهي سنڌ پاڪستان جي ٻين صوبن کان امن امان ۾ بهتر آهي

سکر سنڌ اسيمبلي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهہ صالح پٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي

شهدادپور ۾ روڊ بلاڪ ڪرڻ ۽ ڌمڪيون ڏيڻ جي الزام هيٺ ٻہ الڳ ڪيس داخل

شهدادپور(ن ع)شهدادپور ڳوٺ سردار عبدالشڪور بروهي وٽ پوليس خلاف احتجاج، نعريبازي ڪرڻ ۽ روڊ بلاڪ ڪري ٽريفڪ معطل ڪرڻ واري واقعي جو شهدادپور پوليس بروهي اتحاد جي فيصلا ڪميٽي جي چيئرمين سردار اعظم بروهي مولوي حنيف بروهي، محمد يوسف بروهي، پوليس اهلڪار ثناءُ الله بروهي، پوليس اهلڪار بابو بروهي، رحيم بخش، غلام علي سميت 8 ڄڻن ۽ 30 کان 40 نامعلوم ماڻهن خلاف روڊ بلاڪ ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪري ورتو آهي.ٻئي طرف ايس ايڇ او شهدادپور حنيف مهر جي فرياد تي سردار اعظم بروهي خلاف ٽيليفون ڪال ذريعي ڌمڪيون ڏيڻ ٿاڻي کي نقصان پهچائڻ جي ڌمڪي ۽ نامناسب رويو اختيار ڪرڻ جي الزامن هيٺ الڳ ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي پوليس موجب ٻنهي ڪيسن جي وڌيڪ جاچ جاري آهي واضح رهي تہ چار ڏينهن اڳ شهدادپور– ٽنڊوآدم روڊ تي ڳوٺ سردار عبدالشڪور بروهي وٽ مزدا ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ ٽڪر ٿيڻ سبب سردار اعظم بروهي جو ڀاءُ رمضان بروهي فوت ٿي ويو هو واقعي بعد پوليس مزدا ۽ ان جي ڊرائيور کي تحويل ۾ ورتو هو جوابدار کي لاڪ اپ ۾ نہ رکڻ واري معاملي تي بروهي برادري پاران احتجاج ڪيو ويو جنهن دوران مظاهرين روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ ٽريفڪ معطل ٿي وئي جڏهن تہ ايس ايڇ او شهدادپور حنيف مهر جو چوڻ هو تہ فريادي ڌر نہ تہ فوتي جو پوسٽ مارٽم ڪرايو آهي ۽ نہ ئي ڪيس يا اين سي داخل ڪرائي آهي جڏهن تہ مزدا ۽ ان جو ڊرائيور پوليس جي تحويل ۾ آهن

نظير شهزاد ادب ۽ صحافت جي دنيا جو روشن ستارو هو: مختيار ملڪ

سکر (بيورو رپورٽ)نظير شهزاد ادب ۽ صحافت جي دنيا جو روشن ستارو هو جيڪو جوانيءَ ۾ جدا ٿي ويو اهڙن خيالن جو اظهار ناميارِي شاعر ۽ براڊڪاسٽر مختيار ملڪ ناميارِي ڪهاڻيڪار شاعر ۽ صحافي نظير شهزاد جي 33 هين ورسي تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي ڪيو هن تقريب ۾ نظير شهزاد جي ڪهاڻي ڪتاب "پرين ۽ گهاٽ" جي مهورت پڻ ڪئي وئي، جنهن کي راحيل ٻڙديءَ مرتب ڪيل آهي نظير شهزاد ادبي فورم ۽ پوٽ پبلشنگ هائوس جي گڏيل سهڪار سان سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي خيرپور ۾ منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي مختيار ملڪ وڌيڪ چيو تہ خيرپور کان سکر ۽ ڳوٺ الهداد ٻڙديءَ تائين نظير سان ساٿ رهيو سندس وڇوڙو هڪ گهاءُ وانگر هيو هو جذباتي هيو پر منافق نہ هيو هن جون ڪهاڻيون فن جو خوبصورت نمونو آهن هن غير روايتي صحافت ڪئي

سڄاول ۾ پ پ اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جي مان ۾ شاندار آجياڻو

واپارين ۽ شهرين مامون لاڏو چوڪ تي شاندار آجياڻي واري تقريب منعقد ڪئي

شهرين، واپارين،سماجي اڳواڻن،پ پ ڪارڪنن،نوجوانن ۽ مختلف برادرين جي معززين شرڪت ڪئي

سڄاول جي ماڻهن جي خدمت رڳو ڳالهين سان نہ پر عملي ڪم ڪري ڏيکارڻ سان ٿيندي آهي: لطيف ميمڻ

سڄاول (ڊ ر)پاڪستان پيپلز پارٽي جي عوامي ۽ سرگرم نوجوان اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جي مان ۾ سڄاول جي واپارين ۽ شهرين پاران مامون لاڏو چوڪ تي شاندار آجياڻي واري تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سوين شهرين، واپارين، سماجي اڳواڻن، پ پ ڪارڪنن نوجوانن ۽ مختلف برادرين جي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب دوران عبداللطيف ميمڻ تي گلن جي ورکا ڪري شاندار آجيان ڪئي وئي، جڏهن تہ پروگرام جي ميزبان عبدالواحد ڪٽي، شڪيل پان، فاروق ميمڻ ۽ ٻين کيس سنڌي ٽوپي، اجرڪ ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪري محبت ۽ احترام جو اظهار ڪيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي پ پ جي اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ چيو تہ سڄاول جي ماڻهن جيڪا محبت، عزت ۽ اعتماد ڪيو آهي اهو سندس لاءِ وڏو اعزاز آهي سڄاول جي ماڻهن جي خدمت رڳو ڳالهين سان نہ پر عملي ڪم ڪري ڏيکارڻ سان ٿيندي آهي هن چيو تہ سڄاول لاءِ جيڪي ترقياتي ڪم ڪرايا آهن اهي اڃا ڪافي ناهن، جيڪڏهن سڄاول جي ماڻهن لاءِ جان بہ ڏيڻي پئي تہ ان لاءِ بہ حاضر آهيان هن چيو تہ سڄاول شهر ۾ پيور بلاڪ روڊ جي تعمير بابت ڏهہ سال اڳ ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر زبير چنا کي تجويز ڏني هئي، جنهن تي عمل ٿيڻ سان شهر ۾ پيور بلاڪ روڊ تعمير ٿيو هن وڌيڪ چيو تہ ٻہ سال اڳ برسات دوران وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي سڄاول دوري وقت کيس درخواست ڪئي تہ شهر اندر اچي صورتحال جو جائزو وٺي، جنهن تي وڏي وزير سندس درخواست قبول ڪندي سڄاول پارڪ وٽان دورو ڪيو ان کان پوءِ ڪان بائي پاس سڄاول ٻٽراج موري کان ڊپٽي ڪمشنر آفيس تائين ڊبل روڊ جي تعمير جو ڪم ڪيو ويو عبداللطيف ميمڻ چيو تہ صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري ۽ صوبائي وزير محمد خان ملڪاڻي جي سهڪار سان سڄاول کان ٽنڊو محمد خان روڊ جي ترقياتي اسڪيمون پڻ منظور ڪرايون ويون آهن هن چيو تہ جيڪڏهن ڪم ڪرڻ جي نيت هجي تہ عوام جي ڀلائي لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهجي ٿو هن اعلان ڪيو تہ سڄاول ۾ 200 بسترن واري اسپتال جي منظوري حاصل ڪئي وئي آهي، جنهن جو ڪم جاري آهي. صوبائي وزير محمد خان ملڪاڻي جي سهڪار سان اسپتال کي جلد مرڪ حوالي ڪيو ويندو جڏهن تہ سڄاول ۾ يونيورسٽي ڪيمپس قائم ڪرائڻ لاءِ پڻ ڀرپور ڪوششون ڪيون وينديون رهنديون ان موقعي تي شهرين سڄاول ۾ دل جي بيمارين جي علاج لاءِ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيزز (اين آءِ سي وي ڊي) جو يونٽ قائم ڪرڻ ۽ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ نوان پاڻيءَ جا تلاءَ تعمير ڪرائڻ جا مطالبا پڻ پيش ڪيا تقريب ۾ ڊاڪٽر عاطف اقبال ميمڻ، سيد شاهزيب شاهہ بخاري، رئيس عبدالله خان لغاري، امان الله ڪٽي، ڊاڪٽر حاجي محمد ڪٽي، محمود ڪٽي، سيٺ اويس عبدالرحمان ميمڻ، ڊاڪٽر عثمان سرويچ، زبير جعفراڻي، پ ٽ الف اڳواڻ محمد عمر ميمڻ، لطف الله ميمڻ، ڊاڪٽر وزير ميمڻ، سيٺ آصف ميمڻ، زاهد حسين ڪڏي، سيد شفقت شاهہ متياري، عارف ابڙو، ابراهيم سوهو، حاجي مظفر لغاري سميت ٻين شرڪت ڪئي تقريب دوران شهرين پاران سڄاول ۾ ترقياتي ڪمن ۽ عوامي سهولتن جي فراهمي بابت اميدن جو اظهار ڪيو ويو

سڄاول پ پ اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جي مان ۾ منعقد آجياڻي جو ڏيک

ٽنڊوڄام ۽ آسپاس دڪاندارن ۽ چڪي وارن اٽي جا اگهہ ڇوٽ چاڙهي ڇڏيا

اٽو 150 کان 170 رپيا في ڪلو وڪرو ڪيو پيو وڃي،ڏهاڙي دار ۽ غريب طبقي جي پهچ کان مٿي

ٽنڊوڄام(ت ر)ٽنڊوڄام ۽ آسپاس ۾ دڪاندارن ۽ اٽي جي چڪي وارن اٽي جا اگهہ ڇوٽ چاڙهي ڇڏيا آهن جنهن سبب شهري سخت ڏکي ۾ اچي ويا آهن، جڏهن تہ اٽو ڏهاڙي دار ۽ غريب طبقي جي پهچ کان مٿي ٿي ويو آهي ٽنڊوڄام ۾ اٽو 150 کان 170 رپيا في ڪلو وڪرو ڪيو پيو وڃي. دڪاندارن ۽ چڪي مالڪن جو چوڻ آهي تہ ڪڻڪ ۽ اٽو مٿان کان ئي مهانگو ملي رهيو آهي. جڏهن تہ خوراڪ کاتي جي عملدار جو چوڻ آهي تہ چڪي مالڪن کي اڃا سرڪاري ڪڻڪ جاري نہ ڪئي وئي آهي ۽ چڪي مالڪ مارڪيٽ مان مهانگي ڪڻڪ خريد ڪري رهيا آهن اهڙي صورتحال بعد غريب ۽ مسڪين ماڻهن لاءِ پنهنجي ٻچن لاءِ ٻن وقتن جي ماني گيهي جو بندوبست ڪرڻ بہ ممڪن نہ رهيو آهي. جڏهن تہ اڃا تائين واسطيدار عملدار بہ تحرڪ ۾ نہ آيا آهن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پهلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 19 آڪٽوبر 2026ع

بلوچستان ۾ بدامنيءَ جي باهه ۽ امن لاءِ اٽل قدم

بلوچستان ۾ پيش آيل دهشتگرديءَ جي واقعن صوبي ۾ امن امان جي صورتحال بابت ڳڻتي وڌائي ڇڏي آهي. خضدار ضلعي جي ڏورانهين علائقي نال ۾ هٿياربندن پاران سنگِ مرمر جي ڪارخاني تي حملو ڪري 18 پورهيتن کي اغوا ڪرڻ ۽ هڪ پورهيت کي گولي هڻي زخمي ڪرڻ وارو واقعو انتهائي ڏکوئيندڙ آهي. هٿياربند ڪارخاني مان ٻه گاڏيون ۽ هڪ لوڊر به پاڻ سان کڻي ويا. هي واقعو رڳو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ چئلينج ناهي پر انهن پورهيتن جي خاندانن لاءِ به سخت پريشانيءَ جو سبب بڻيو آهي، جيڪي پنهنجي گهرن جو چلهو ٻارڻ لاءِ محنت مزدوري ڪن ٿا. هڪ ڏينهن اڳ مستونگ ضلعي ۾ مسافر وين مان رخشان ڊويزن سان واسطو رکندڙ 20 پوليس اهلڪارن کي اغوا ڪرڻ واري واقعي به صورتحال کي وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳو بڻائي ڇڏيو آهي. انهي واقعن مان ظاهر ٿئي ٿو ته بلوچستان جي ڪجهه علائقن ۾ هٿياربند گروهه اڃا تائين ماڻهن جي جان ۽ مال لاءِ خطرو بڻيل آهن. خضدار شهر کان لڳ ڀڳ 35 کان 40 ڪلوميٽر پري بيسار جبل ڀرسان قائم سنگِ مرمر جي ڪارخاني تي رات جي وقت درجنين هٿياربندن گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن تي پهچي حملو ڪيو. ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن کي زبردستي پاڻ سان وٺي ويا. هڪ پورهيت راشد فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته مٿس فائرنگ ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ سندس ٽنگ ۾ گولي لڳي. طبي ڄاڻ موجب زخمي پورهيت جي حالت خطري کان ٻاهر آهي. اغوا ٿيل پورهيتن جو واسطو خضدار جي مختلف علائقن سان ٻڌايو وڃي ٿو. هن واقعي جي ذميواري اڃا تائين ڪنهن به هٿياربند گروهه قبول نه ڪئي آهي، جڏهن ته سيڪيورٽي ادارن ڳولا ۽ جاچ جون ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون آهن. مليل ڄاڻ موجب 17 آڪٽوبر تي ڪوئيٽا جي علائقي پنجپائي ۾ دهشتگردن مقامي آمدرفت کي روڪڻ لاءِ رستي تي رنڊڪون وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي سيڪيورٽي فورسز ناڪام بڻايو. ان ڪارروائيءَ دوران پنج دهشتگرد مارجي ويا. نوشڪي ۾ ڳولا واري ڪارروائيءَ دوران ٻن دهشتگردن جي مارجڻ ۽ هٿيار توڙي بارود هٿ اچڻ جا اطلاع آهن. خضدار ۾ ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪيل هڪ ٻي ڪارروائيءَ ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو جڏهن ته 490 ڪلوگرام ڌماڪيدار مادو هٿ اچڻ جي به ڄاڻ ڏني وئي آهي. اهڙيءَ ريت مختلف ڪارروائين ۾ ڪل اٺ دهشتگردن جي مارجڻ جا اطلاع سامهون آيا آهن.

بلوچستان قدرتي وسيلن سان مالا مال صوبو آهي پر ڪيترن ئي علائقن ۾ غربت، بيروزگاري، بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ ترقيءَ جي اڻبرابري ماڻهن جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي. رڳو سيڪيورٽي ڪارروائين سان هر مسئلي جو مستقل حل ممڪن ناهي. امن لاءِ قانون جي حڪمراني، انصاف جي فراهمي، سياسي ڳالهه ٻولهه ۽ عوامي ڀلائيءَ تي ٻڌل پاليسيون به لازمي آهن. رياست جي ذميواري آهي ته عام شهرين، پورهيتن، واپارين ۽ مسافرن کي تحفظ فراهم ڪري ۽ ڪنهن به علائقي کي هٿياربندن جي رحم ڪرم تي نه ڇڏي. بلوچستان ۾ ٿيندڙ انهن واقعن جو هڪ ٻيو اهم پاسو اهو به آهي ته دهشتگرديءَ جو شڪار عام ماڻهو ٿين ٿا، جڏهن ته ان جا معاشي اثر سڄي صوبي تي پون ٿا. ڪارخانا، واپار، آمدرفت ۽ روزگار جا وسيلا متاثر ٿين ٿا. سيڙپڪاريءَ ۾ گهٽتائي اچي ٿي ۽ مقامي ماڻهن جون مشڪلاتون وڌن ٿيون. جيڪڏهن پورهيت پنهنجي ڪم واري هنڌ تي به محفوظ نه هوندا ته ترقيءَ جا منصوبا ڪيئن اڳتي وڌندا؟ ان ڪري صنعتي علائقن، شاهراهن، مسافرن ۽ مزدورن جي تحفظ لاءِ اثرائتا انتظام ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح هئڻ گهرجي. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته خضدار ۽ مستونگ مان اغوا ٿيل سمورن ماڻهن جي بازيابيءَ لاءِ ڳنڀير ۽ تيز قدم کنيا وڃن. ڏوهارين کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ اهڙن واقعن جي ورجاءَ کي روڪڻ لاءِ سيڪيورٽيءَ جو نظام وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي. ساڳئي وقت مقامي ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺي سندن مسئلن جي حل لاءِ سنجيده ڪوششون ڪيون وڃن ڇو ته بلوچستان ۾ امن رڳو هڪ صوبي جي ضرورت ناهي پر سڄي ملڪ جي ترقي، استحڪام ۽ خوشحاليءَ سان جڙيل آهي. دهشتگرديءَ جو خاتمو، پورهيتن جي حفاظت ۽ عوام کي انصاف ڏيڻ ئي پائيدار امن ڏانهن حقيقي اڳڀرائي ثابت ٿي سگهي ٿي.

لڏپلاڻ بابت اندر جو اظهار

رياض احمد سومرو

(حصو پهريو)

اهو به هڪ اهم سوال آهي ته جيڪي هندو سنڌ ڇڏي نه ويا، تن جي فيصلي کي ڪيئن سمجهجي؟ ڪجهه ماڻهن لاءِ پنهنجو ڌرم، خانداني روايتون ۽ مذهبي برادري بنيادي اهميت رکندا هئا، ٻين لاءِ سنڌ سان وابستگي، اباڻو گهر، زمين، ڪاروبار، ٻولي، دوستيون ۽ نسلن جا تعلق به ايترا ئي اهم هئا. ڪنهن لاءِ اهي سڀ ڳالهيون هڪ ٻئي سان جڙيل هيون. ماڻهوءَ جي دل ۽ دماغ ۾ وطن، ڌرم ۽ معاشي تحفظ جا قدر هميشه هڪ ئي ترتيب ۾ ناهن هوندا. سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙن ماڻهن بابت روايتون ۽ قصا به ٻڌايا ويندا رهيا آهن جن سنڌ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني ۽ جن مان ڪِن بابت چيو وڃي ٿو ته هنن مسلمان ٿيڻ جو رستو اختيار ڪيو. پر اهڙن واقعن بابت ڪنهن مخصوص فرد، خاندان يا واقعي جا نالا، دستاويز ۽ معتبر شاهديون سامهون رکڻ ضروري آهن. ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جي ڌرم جي تبديليءَ وارن سڀني واقعن کي هڪ ئي دور يا هڪ ئي سبب سان ڳنڍڻ درست نه ٿيندو. سنڌ ۾ ڌرم جي تبديليءَ جي تاريخ ورهاڱي کان گهڻو اڳ شروع ٿي چڪي هئي ۽ مختلف زمانن ۾ ان جا سماجي، روحاني، خانداني ۽ سياسي پسمنظر مختلف رهيا آهن. جيڪڏهن ڪنهن شخص واقعي پنهنجو ڌرم تبديل ڪيو ته اهو سوال ضرور اٿاري سگهجي ٿو ته سندس فيصلي ۾ ڪهڙا عنصر شامل هئا. پر جيڪڏهن اسان بنا ثبوت اهو نتيجو ڪيون ته هن پنهنجو ڌرم رڳو ان ڪري تبديل ڪيو جو ڪيس پنهنجو ڪاروبار ۽ ملڪيت وڌيڪ پياري هئي ته ڇا اسان ان شخص جي اندروني ڪيفيت کي سمجهڻ کان سواءِ سندس نيت جو فيصلو نه ڪري رهيا آهيون؟ ممڪن آهي ته ڪنهن لاءِ پنهنجي ڌرتيءَ تي رهڻ سڀ کان وڏي خواهش هجي، ڪنهن لاءِ خاندان سان گڏ رهڻ، ڪنهن لاءِ پنهنجي روزگار ۽ اباڻي گهر کي نه ڇڏڻ ۽ ڪنهن لاءِ ڌرم جي تبديليءَ جو فيصلو ذاتي روحاني يا سماجي سببن سان جڙيل هجي. ڪنهن مخصوص واقعي ۾ معاشي مفاد جو ڪردار ثابت ٿئي ته ان جو ذڪر ڪرڻ گهرجي پر هر اهڙي فيصلي کي هڪ ئي مقصد سان منسوب ڪرڻ مناسب ناهي. ساڳئي وقت اهو به ضروري آهي ته اسين ڌرم ۽ ملڪيت وچ ۾ چونڊ کي رومانوي انداز ۾ پيش نه ڪريون. انسان پنهنجي مذهبي سڃاڻپ سان محبت ڪري سگهي ٿو پر پنهنجي گهر، زمين ۽ خاندان جي مستقبل بابت فڪر ڪرڻ به ڪا غيرانساني ڳالهه ناهي. جيڪڏهن ڪنهن شخص لاءِ پنهنجي ڌرتيءَ تي رهڻ جو مطلب پنهنجي ٻولي، دوستن، خاندان ۽ نسلن جي تاريخ سان ڳنڍيل رهڻ هو ته ان جي فيصلي کي رڳو ملي مفاد جو تلو ڏيڻ سندس انساني تجربن کي محدود ڪرڻ ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي شخص لاءِ ڌرم جي حفاظت خاطر لڏپلاڻ ڪرڻ ضروري محسوس ٿيو ته ان جي فيصلي کي به بزدلي يا وطن سان بي وفائيءَ جو تلو ڏيڻ مناسب ناهي. اصل ۾ وطن جي محبت ۽ ڌرم جي وابستگي به اهڙيون حقيقتون آهن، جيڪي ڪڏهن هڪ ٻئي سان هم آهنگ هونديون آهن ۽ ڪڏهن ماڻهوءَ کي ڏکئي انتخاب جي سامهون آڻينديون آهن. ڪنهن لاءِ ڌرم سندس روحاني سڃاڻپ جو مرڪز هوندو آهي ته ڪنهن لاءِ وطن جي ٻولي، ثقافت، دوستيون ۽ اجتماعي زندگيءَ جا رشتا سندس وجود جو لازمي حصو هوندا آهن. انهن مان ڪنهن هڪ کي چونڊڻ سان لازمي طور ٻئي سان نفرت ثابت نٿي ٿئي. انساني زندگيءَ ۾ ڪيترائي فيصلا اهڙين حالتن ۾ ڪيا ويندا آهن جتي هر رستو ڪنهن نه ڪنهن نقصان سان جڙيل هوندو آهي.

ورهاڱي جي الميي کي سمجهڻ لاءِ اسان کي اهو به ڏسڻو پوندو ته سنڌ ۾ رهجي ويل هندن ۽ هندستان ڏانهن لڏي ويل سنڌي هندن جا تجربا ڪيئن مختلف هئا؟ رهجي ويل ماڻهن کي نئين رياست ۾ پنهنجي مذهبي اقليت جي حيثيت سان زندگيءَ گذارڻ لاءِ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. لڏي ويل ماڻهن کي نئين ملڪ ۾ پنهنجي ٻولي، ثقافت، روزگار ۽ رهائش جا مسئلا درپيش آيا. سنڌ کان لڏي ويل ڪيترن ئي خاندانن لاءِ هندستان ۾ نئين سر زندگيءَ جي اڏاوت هڪ ڏکوئيندڙ ۽ ڏکيو سفر هو. انهن حقيقتن کي ڏسندي اهو سوال به پيدا ٿئي ٿو ته ڇا ڪنهن ماڻهوءَ جي خوشحاليءَ مان سندس ماضيءَ جي دوستين جي اهميت گهٽجي وڃي ٿي؟ جيڪڏهن ڪو شخص ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ ڪاروبار ڪري خوشحال ٿي ويو ته ڇا ان جو مطلب اهو آهي ته ڪيس سنڌ جي پراڻن دوستن ۽ پاڙيسرين جي ياد نه ايندي هوندي؟ جيڪڏهن ڪو مسلمان ورهاڱي کان پوءِ ڪنهن ڇڏيل گهر يا دڪان ۾ آباد ٿي ويو ته ڇا ان جو مطلب اهو آهي ته ان گهر جي پراڻن رهواسين سان سندس ڪڏهن به ڪو انساني تعلق نه هو؟ معاشي حالتون ماڻهن جي زندگين کي تبديل ڪري سگهن ٿيون پر انهن تبديلين مان هر فرد جي اندروني احساسن جو فيصلو نٿو ڪري سگهجي. اهو جملو ته جيڪڏهن پاڪستان نه ٺهي ها ته تون اڄ انهيءَ ڪار تي نوٽيءَ چڙهي گهمين ها. واڻيا توکي ايترو خوشحال ٿيڻ ڏين ها ڇا؟ هڪ اهڙي مفروضي تي ٻڌل آهي جنهن ۾ تاريخ جي هڪ ممڪن صورت کي يقيني نتيجي طور پيش ڪيو وڃي ٿو. پاڪستان جي قيام کان پوءِ ملڪيتن جي منتقلي، لڏپلاڻ، نون ڪاروباري طبقن جي اڀار ۽ معاشي موقعن جي ورهاست ۾ وڏيون تبديليون آيون. ڪجهه ماڻهن کي نوان موقعا مليا. ڪجهه ماڻهن جي پراڻي معاشي حيثيت ختم ٿي ۽ ڪجهه ماڻهن جي ملڪيتن تي ناجائز قبضا پڻ ٿيا. تاريخي تحقيق ۾ سنڌ مان لڏي ويل هندن جي ڇڏيل زمينن ۽ شهري ملڪيتن جي نئين سر ورهاست جو ذڪر ملي ٿو. تنهن ڪري معاشي ترقيءَ کي رڳو ڪنهن هڪ سياسي واقعي جي نتيجي طور پيش ڪرڻ بدران، ان جي مختلف سببن جو جائزو وٺڻ گهرجي. تعليم، سرمائي، زمين، رياستي پاليسين، شهري ترقي، واپار، روزگار ۽ سماجي لاڳاپن سڀني جو معاشي حيثيت تي اثر پوندو آهي. اهو چوڻ ته پاڪستان نه ٺهي ها ته ڪو به مسلمان خوشحال نه ٿئي ها، هڪ غيرثابت ٿيل مفروضو آهي. جيئن اهو چوڻ ته ورهاڱي کان اڳ سڀ واڻيا مسلمانن جي ترقيءَ جا مخالف هئا. تاريخ کي هڪ ئي رنگ ۾ رڱڻ برابر آهي. پر شايد هن سڄي بحث جو سڀ کان اهم پاسو دوستيءَ جو فلسفو آهي. ڇا دوستيءَ جو بنياد رڳو ڳنڍيل مذهب، ذات، قوم يا معاشي مفاد تي هوندو آهي؟ جيڪڏهن ائين هجي ها ته مختلف مذهبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وچ ۾ سچيون دوستيون پيدا ئي نه ٿين ها. سنڌ جي ڳنڍيل سماجي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي مثال ۽ يادگيريون ملن ٿيون، جن ۾ مسلمان ۽ هندو هڪ ٻئي جا استاد، شاگرد، پاڙيسري، ڪاروباري ساٿي ۽ ذاتي دوست رهيا. انهن لاڳاپن ۾ ڪڏهن اختلاف به ٿيا پر اختلافن جي موجودگيءَ سان دوستيءَ جي هر صورت ڪوڙي نٿي بڻجي وڃي. دوستيءَ جي اصل آزمائش تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن سياسي حالتون انسانن کي ڌار ڌار سڃاڻپن ۾ ورهائڻ لڳنديون آهن. هڪ طرف دوستيءَ جي ياد هوندي آهي (هلندڙ)

پاڙي وارن سان جيئڙي ئي ملي ونو


محمود شام

منهنجي هم وطنن ۾ اڃا به نقصان جو احساس موجود آهي. الله تعاليٰ جا لک لک شڪر آهن جو اسان جي قافلي جو سرمايو اڃا مڪمل طور ختم نه ٿيو آهي.

گذريل هڪ ٻن هفتن دوران رڳو اسلام آباد ۽ راولپنڊي وارن جا ڏينهن ئي ڏاڍا مصروف نه گذريا پر اسان به گهڻو مصروف رهياسين. اسان پنهنجي هم ڄمار ايندڙ نسلن، ماٽرن، ڀيڻن ۽ ڌيئرن جي اکين ۾ نهاريندا رهياسين. انهن اکين ۾ تمام گهڻي چمڪ ۽ روشني آهي. ڪي اکيون ته اهڙيون به آهن جن ۾ ڪاوڙ جي چڻنگ ۽ باهه به نظر اچي ٿي. ڪي اکيون اهڙيون آهن جيڪي باهه ٻارڻ لاءِ بيقرار آهن. جڏهن ته ڪن اکين ۾ جذبو آهي، سو به اهڙو جنهن جو ڪو مٽ ئي ڪونهي.

ڪلهه اڄ جو ڏينهن هو پٽن، ڌيئرن، پوٽن، پوٽين، ڏوهٽن، ڏوهٽين، ننهن ۽ نائين سان گڏ منجهند جي ماني کائڻ ۽ گهڻيون ڳالهيون ڪرڻ جو. ڏينهن اولاد جي ذهنن ۾ ڪيترائي سوال هوندا آهن. اوهان به پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ رڌل هوندا آهيو ۽ ٻار به پنهنجن ڪمن ۾ لڳل هوندا آهن. ان ڪري هفتي ۾ هڪ ڏينهن ضرور اهڙو ڪيو، جڏهن اوهان پنهنجي ٻارن سان گڏ ويهو ۽ سندن ذهنن ۾ پيدا ٿيل مونجهارن کي ختم ڪريو.

اڄوڪو زمانو ڏاڍو نازڪ آهي. هر ڪنهن جي هٿ ۾ سمارٽ فون آهي جنهن ۾ هر سوال جو جواب موجود آهي پر اهي جواب اوهان جي ماحول، تهذيب ۽ ثقافت جي حوالي سان ناهن هوندا. انهن ۾ گهڻو ڪري اولهه، خاص طور آمريڪا جو نظريو شامل هوندو آهي. انهن جوابن ۾ غيرجانبداريءَ جي کوٽ هوندي آهي. حقيقتن کان پاسو ڪيو ويندو آهي ۽ پنهنجا خيال وڌائي پيش ڪيا ويندا آهن. ان ڪري ٻارن جي سوالن جا جواب اوهان طرفان ڏيڻ به ضروري آهن.

حڪمرانن جي ذميواري ڄڻ ته رڳو اها وڃي بچي آهي ته پنهنجن سياسي مخالفن لاءِ زندگي تنگ ڪن، سندن جائز اختيار به کسي وٺن ۽ ڪين توڙي سندن ساٿين کي هڪ هڪ مانيءَ لاءِ سڪايل رکن. جيڪڏهن ڪو مهذب ملڪ هجي جنهن جي مقتدر طبقي ۽ حڪمرانن ۾ خدا جو خوف هجي ته اهڙي ملڪ ۾ جڏهن اها خبر پوي ته هر سئو ماڻهن مان 48 ڄڻا غربت جو شڪار آهن. تڏهن حڪمرانن کي ننڊ ئي نه اچڻ گهرجي. ڪين غربت جي دشمن خلاف ڍال بڻجي بيهڻ گهرجي پر هتي ته غربت ختم ڪرڻ لاءِ ملندڙ امدادي رقمون به پنهنجن ڪيسن ۾ پريون وڃن ٿيون.

مهيني ۾ هڪ پيرو پنهنجي دسترخوان کي اڃا به وسيع ڪريو. پنهنجن پاڙن ۽ ڀيڻن کي سندن ٻارن سميت مانيءَ تي سڏايو. منهنجي اوهان کي اها ئي گذارش پاڙي وارن سان لاڳاپا نڀائڻ بابت به آهي. اسان جي چوڌاري ڪيترائي ڏکوئيندڙ واقعا ٿي رهيا آهن. خاص طور وڏن شهرن ۾، جتي لکين ماڻهو رهن ٿا. ٻين شهرن مان به ننڍا ننڍا ڪٽنب روزگار ۽ بهتر موقعن جي ڳولا ۾ اچي آباد ٿين ٿا. اهي ماڻهو ڪيترين ئي اميدون ۽ آسون کڻي پنهنجا اباڻا ماڳ ڇڏي اچن ٿا.

ڪراچي، لاهور، ملتان، حيدرآباد ۽ پشاور جهڙا شهر وڏي دل وارا آهن. اهي ٻاهران ايندڙ ماڻهن جو آڌرڀاءُ ڪن ٿا ۽ انهن مان ڪجهه ماڻهن کي روزگار به ملي وڃي ٿو. پر جيڪڏهن انهن ماڻهن کي پنهنجن شهرن، ننڍن ڳوٺن ۽ وسندين ۾ ئي عزت وارو روزگار ملي وڃي ته پوءِ اهي اجنبي شهرن ڏانهن جو رخ ڪندا؟

سڀ کان پهرين ننڍن شهرن ۾ رهندڙ اسان جي هم وطنن کي گهرجي ته هو پنهنجن پاڙي وارن ۽ ماڻٽن جي ضرورتن جو خيال رکن. ڪين وڏن شهرن جي بيحسيءَ جي حوالي نه ڪن. جيڪڏهن پنهنجن شهرن ۾ ڪارخانا لڳايا وڃن، مقامي فصلن کي نظر ۾ رکندي روزگار جا وسيلا پيدا ڪيا وڃن ۽ اتان جي معدني وسيلن موجب صنعتون قائم ڪيون وڃن ته پوءِ ماڻهن جو پنهنجا شهر ڇڏي وڃڻ وارو لاڙو پاڻمرادو ختم ٿي سگهي ٿو. اسان جي قومي سياسي جماعتن جي بي ڌيانيءَ ۽ محدود سوچ، ان سان گڏ سرڪاري ادارن جون ڪوتاهيون ماڻهن کي پنهنجا شهر ڇڏڻ تي مجبور ڪري رهيون آهن. اهي ماڻهو پنهنجن پاڙن ۽ اباڻن ماڳن کان پري ٿين ٿا. جڏهن وڏن شهرن ۾ به ڪين سک ۽ سهارو نٿو ملي، تڏهن پنهنجي ملڪ کي ڇڏڻ جي خواهش سندن دلين ۾ بيقراري پيدا ڪري ٿي.

حڪمرانن، چونڊيل نمائندن ۽ رٿائون ٺاهيندڙن جي ڏوهه جهڙي بي ڌيانيءَ ماڻهن جي وڏي اڪثريت کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. اوهان ٻڌو به هوندو ۽ پڙهيو به هوندو ته عالمي بئنڪ جي هڪ رپورٽ موجب، هن خطي جي غربت ۾ ورتل ماڻهن جو اڌ پاڪستان ۾ رهي ٿو. اها به انتهائي سخت غربت آهي. جنهن ۾ ماڻهن جي روزاني آمدني ڇهه ست سئو رپيا به نه رهي آهي. جڏهن ته سندن روزانو جا خرچ ڪيترن ئي هزارن تائين پهچن ٿا.

حڪمرانن جي ذميواري ڄڻ ته رڳو اها وڃي بچي آهي ته پنهنجن سياسي مخالفن لاءِ زندگي تنگ ڪن، سندن جائز اختيار به کسي وٺن ۽ ڪين توڙي سندن ساٿين کي هڪ هڪ مانيءَ لاءِ سڪايل رکن. جيڪڏهن ڪو مهذب ملڪ هجي، جنهن جي مقتدر طبقي ۽ حڪمرانن ۾ خدا جو خوف هجي ته اهڙي ملڪ ۾ جڏهن اها خبر پوي ته هر سئو ماڻهن مان 48 ڄڻا غربت جو شڪار آهن. تڏهن حڪمرانن کي ننڊ ئي نه اچڻ گهرجي. ڪين غربت جي دشمن خلاف ڍال بڻجي بيهڻ گهرجي پر هتي ته غربت ختم ڪرڻ لاءِ ملندڙ امدادي رقمون به پنهنجن ڪيسن ۾ پريون وڃن ٿيون.

خدا ني ان ڪو عطا ڪي هي خواجڪي
ڪه جنهين
خبر نهين روش بنده پروري ڪيا هي

اهڙي بي وسيءَ واري دور ۾ پاڙي وارن جو خيال رکڻ ۽ پنهنجن هم وطنن جي ڏکن سورن ۾ شريڪ ٿيڻ اڃا به وڌيڪ ضروري ٿي پيو آهي.

ڪراچيءَ جي هڪ ٻئي غريب علائقي ۾ هڪ ڪٽنب جي موت جو واقعو سامهون آيو آهي ته حيران آهيان ته جڏهن ماڻهو جيئرا هوندا آهن ۽ سندن وجود مان محبت ۽ پنهنجائپ جي خوشبو ايندي آهي. تڏهن اسان کي انهن ڏانهن ڇڪ محسوس ڇو نه ٿيندي آهي؟ اسان سندن در تي دستڪ نٿا ڏيون. انهن خوشبوئن کي پنهنجي دل ۾ ڇو نٿا سمايون؟ جڏهن انهن پاڙي وارن جي جسمن مان ساهه نڪري چڪو هوندو آهي ۽ ڄوڙاري بدبوءِ پکڙجي ويندي آهي. تڏهن اسان سندن گهرن جا دروازا ڀڃي اندر داخل ٿيون ٿا ۽ موت جو منظر ڏسڻ لاءِ بيقرار ٿي ويندا آهيون. پر ان وقت انهن وڇڙي ويل ماڻهن لاءِ اسان جي ٻوڙ ٻڪ جو ڪو به فائدو نه رهندو آهي.

منهنجي اوهان کي رڳو اها گذارش آهي ته هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيرو پنهنجي پاڙي واري کان سندس حال احوال ضرور پڇو. شاهه لطيف، بلها شاهه، سلطان باهو، رحمان بابا ۽ مست توڪلي به اسان کي اهو ئي سبق ڏيندا رهيا آهن.

جيڪڏهن اوهان جي آسپاس ڪو ڪٽنب اهڙي بدحاليءَ کي منهن ڏئي رهيو آهي ته انهن بي وس ماڻهن جي اذيت جا ذميوار رڳو حڪمران ناهن پر اسان ۽ اوهان به آهيون. ان علائقي جو ڪائونسلر به. يونين ڪائونسل جو چيئرمين به. شهر جو ميئر به. صوبي جو وڏو وزير ۽ گورنر به. وزيراعظم ۽ صدر به. علمي معاملن کي سنڀالڻ جون دعوائون ڪندڙ آمريڪي صدر به ۽ اهي سمورا ملڪي صدر، وزيراعظم به جيڪي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ کي خطاب ڪرڻ لاءِ ڪروڙين ڊالر خرچ ڪري سيپٽمبر مهيني ۾ نيويارڪ ۾ گڏ ٿيندا آهن. خاص طور عرب ملڪن جي بادشاهن، اميرن ۽ صدرن کي پنهنجي شهرين جي بي وسيءَ سان گڏ فلسطينين تي ٿيندڙ ظلمن ۽ سندن تباهيءَ جو جواب به ڏيڻو پوندو.

خبر ناهي، منهنجي اندر جو احساس موڙن کي ڇو غربت، محنت ۽ مظلوميت جي موضوعن ڏانهن وٺي ويو. منهنجو ارادو ته اهو هو ته سينيئر صحافي ۽ ايڊيٽر شيخ عزيز کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ منعقد ٿيل تقريب جو ذڪر ڪريان. مان سندس فرمانبردار پٽ طارق عزيز شيخ جو شڪريو ادا ڪرڻ پڻ چاهيو ٿو ۽ شيخ عزيز صاحب جي ڌيئرن جو به، جن پنهنجي عظيم والد جي ورسي نهايت شاندار نموني ملهائي. ان کان پوءِ هڪ ٻئي فرمانبردار پٽ فريد ايس. ايم. مسعود، ناول "نجم السحر" جي پڌرائيءَ لاءِ هڪ سهڻي محفل سجائي. هن ناول کي لکڻ کان ڪراچيءَ پهچڻ ۾ ستر سال لڳي ويا. آرٽس ڪائونسل جي جوش مليح آبادي لائبريريءَ ۾ اها هڪ نهايت باوقار تقريب هئي، جتي فاطمه حسن لفظن جي حرمت جو خيال رکي ٿي.

ڪراچي پريس ڪلب جي "جوهر به ڪنري" واري سلسلي ۾ اسان جي به اُن ڏهاڪن تي پکڙيل صحافتي ۽ ادبي ڪوششن جي ڪهاڻي ٻڌي وئي. ان کان پوءِ تعليم جي ماهر نوشابه صديقي، ابراهيم جليس، ابن انشا ۽ زاهده حنا جي ڪالم نويسيءَ کي پيٽا ڏيڻ لاءِ هڪ نهايت شاندار تقريب جو بندوبست ڪيو. جميل جالبي لائبريريءَ جي شاندار ماحول ۾ ڊاڪٽر سيد جعفر احمد، حميره اطهر، ياسمين سلطانا فاروقي ۽ شهريار جليس پنهنجون يادگيريون لکت ۾ پيش ڪيون. حالتن جي تيزيءَ ۽ سختيءَ سبب اهي سهڻا لمحا اوهان تائين پهچائي نه سگهيس. دنيا جو حال به اهڙو ئي آهي. جو ماڻهو محبت جهڙي ضروري شيءِ کي به وساري ويهن ٿا. اهڙي موقعي تي سعدي شيرازي ياد اچي ٿو:

چنان قحط سالي شد اندر دمشق
ڪه ياران فراموش ڪرنده عشق

پر بدحالي ۽ افراتفريءَ جي باوجود، اسان جي مقتدر طبقي جي عشق ۽ محبت جون سرگرميون اڃا به جاري آهن.

ڇا مدينا ماڇياڻي سمن جي دور جي زوال جو سبب بڻي؟


نور سنڌي

سنڌ جي تاريخ ۾ سمن جو دور رڳو هڪ حڪمران خاندان جو زمانو نه پر ٺٽي جي علم، ادب، واپار، فن تعمير ۽ سياسي وقار جو به اهم دور هو. پوءِ آخر اهڙو ڇا ٿيو جو اهو اقتدار آهستي آهستي ڪمزور ٿيو ۽ آخرڪار ارغونن جي اچڻ سان سمن جي حڪمراني ختم ٿي وئي؟ هن سوال جو جواب ڳوليندي تاريخ جي آخري صفحن ۾ هڪ عورت، مدينا ماڇياڻيءَ جو نالو بار بار سامهون اچي ٿو. جيڪا ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي راڻي ۽ ڄام فيروز جي ماءُ هئي. سندس سياسي اثر کي سمن جي آخري دور جي بحران سان ڳنڍيو ويو آهي. تاريخ ۾ اچي ٿو ته هن پنهنجي پٽ جي تخت کي بچائڻ لاءِ شاهه بيگ ارغون سان رابطو ڪيو ۽ جنهن طاقت کي مدد لاءِ سڏيو ويو، ساڳي طاقت اڳتي هلي سنڌ جي سمن اقتدار جي خاتمي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پر ڇا واقعي سمن جي زوال جو سبب رڳو مدينا ماڇياڻي هئي يا ان جي پويان گهڻا سياسي، انتظامي ۽ سپاهه سبب گڏجي ڪم ڪري رهيا هئا؟ تاريخي واقعن کي ڏسجي ته جواب ڪنهن هڪ شخصيت بدران ان دور جي مجموعي حالتن ۾ ڳولهڻو پوندو. ڄام نظام الدين جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ڄام فيروز تخت تي ويٺو. هو عمر ۽ تجربي ۾ ننڍو هو. تنهنڪري رياست جي انتظام ۾ سندس سرپرست دولهه دريا خان جو اثر وڌيو. دريا خان ڄام نظام الدين جي دور جو طاقتور امير، منتظم ۽ سپهه سالار هو. تاريخي روايتن موجب مدينا ۽ دريا خان جي وچ ۾ ڄام فيروز جي اقتدار ۽ درٻاري اثر بابت اختلاف وڌيا. مدينا کي خدشو هو ته دريا خان جي وڌندڙ طاقت سندس پٽ لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿي. جڏهن ته دريا خان رياست جي انتظام ۽ دفاع ۾ اهم حيثيت رکندو هو. نتيجي ۾ دريا خان ٺٽي کان پري پنهنجي جاگير ڪاهان ڏانهن هليو ويو. جنهن کي ڪجهه روايتون موجوده غيبي ديري واري علائقي سان ڳنڍين ٿيون.

مدينا ماڇياڻي جو تعلق ملاحي يا ميربحر برادريءَ سان ٻڌايو وڃي ٿو. ان دور ۾ دريائي ۽ سامونڊي علائقن سان لاڳاپيل اهي برادريون رڳو مڇي مارڻ تائين محدود نه هيون پر دريائي آمدرفت، ٻيڙين ۽ مقامي واپار ۾ به سندن ڪردار هو. تنهنڪري ڄام نظام الدين جي مدينا سان شاديءَ بابت ڪجهه روايتون ذاتي پسند سان، ڪجهه ان کي مقامي سياسي ۽ سماجي لاڳاپن سان جوڙين ٿيون. هوڏانهن دولهه دريا خان جي غيرموجودگيءَ جو فائدو وٺندي ڄام صلاح الدين گجرات جي مدد سان ٺٽي تي حملو ڪيو ۽ ڄام فيروز کي شڪست ڏئي اقتدار تي قبضو ڪيو. پر صورتحال جلد بدلجي وئي. مدينا کي پنهنجي پٽ ۽ سمن جي تخت بچائڻ لاءِ دريا خان کي مدد لاءِ سڏڻو پيو. دريا خان ٻکر ۽ سيوهڻ مان لشڪر گڏ ڪري صلاح الدين کي شڪست ڏني ۽ ٻيهر ڄام فيروز کي تخت تي ويهاريو. هي واقعو ٻڌائي ٿو ته سمن جي درٻار ۾ اختلافن باوجود دريا خان جي سياسي ۽ فوجي اهميت ڪيتري وڏي هئي. ان کان پوءِ تاريخ جو سڀ کان وڌيڪ بحث طلب باب اهو آهي ته مدينا شاهه بيگ ارغون سان رابطو ڪيو. هن بابت مختلف روايتون ملن ٿيون. جن موجب مدينا پاڻ قنڌار وئي ۽ شاهه بيگ کي ڄام فيروز جي مدد لاءِ سڏيو. ٻين موجب خط، قاصد يا پنهنجي مهر وسيلي پيغام موڪليو ويو. هڪ روايت ۾ سندس خاص ٻانهيءَ جي ڳجهي نموني پيغام پهچائڻ جو ذڪر به ملي ٿو. انهن مختلف روايتن مان ڪنهن هڪ کي قطعي تاريخي حقيقت سمجهڻ کان اڳ وڌيڪ مستند ماخذن جي ضرورت آهي.

اهي به روايتون آهن ته ڄام فيروز جي دور ۾ ٺٽي ۾ مغل يا ارغون خاندانن سان لاڳاپيل ماڻهو اچي آباد ٿيا ۽ مغلپورا نالي محلو وجود ۾ آيو. ڪجهه روايتن موجب اتي رهندڙ مغل عورتن مان به ڪجهه درٻاري ماحول تائين پهچ رکنديون هيون ۽ سياسي فضا تي اثرانداز ٿيون. انهن سوچيل سمجهيل سازش تحت مدينا جا ڪن ڀريا ۽ دريا خان خلاف شڪ پيدا ڪرڻ شروع ڪيا. ساڳئي پسمنظر ۾ مدينا جي قنڌار سان ڳجهي رابطي واري روايت بيان ڪئي وڃي ٿي. هي تفصيل به روايتي تاريخ جو حصو آهن ۽ وڌيڪ تحقيق طلب آهن.

شاهه بيگ ارغون کي رڳو مدينا جي دعوت سبب سنڌ ڏانهن ايندڙ حڪمران سمجهڻ به تاريخ جي مڪمل تصوير نه آهي. قنڌار ۾ سندس پنهنجي سياسي ۽ فوجي حالتون هيون ۽ ڪيس نئين طاقت جي بنياد لاءِ علائقو گهربل هو. تنهنڪري جيڪڏهن مدينا جو رابطو ثابت به ٿئي ته اهو سندس اڳ ۾ موجود سياسي ارادن لاءِ هڪ موقعو يا جواز بڻيو پر سندس سنڌ واري مهم جو واحد سبب نه هو. هن دور بابت ڪجهه روايتون شاهه بيگ ۽ ٺٽي جي ڪجهه درٻاري حلقن کي سيد محمد جونپوري جي مهدي تحريڪ سان ڳنڍين ٿيون. جڏهن ته مخدوم بلاول ۽ دريا خان بابت مقامي مزاحمتي يا بلاولي تحريڪ سان لاڳاپيل روايتون ملن ٿيون. اهي مذهبي ۽ سياسي لاڳاپا به ان دور جي پيچيده صورتحال کي سمجهڻ لاءِ اهم آهن پر انهن بابت وڌيڪ تاريخي تحقيق جي ضرورت آهي.

مدينا ماڇياڻي جي آخري زندگي بابت به مختلف روايتون ملن ٿيون. ڪجهه روايتن موجب ڄام فيروز جي جلاوطنيءَ کان پوءِ هن پنهنجي زندگيءَ جا آخري ڏينهن گجرات ۾ گذاريا. پنهنجي پٽ جي تخت بچائڻ لاءِ جنهن سياسي رستي تي هوءَ هلي هئي، ان جي نتيجي ۾ سمن جي اقتدار جي خاتمي ۽ ڄام فيروز جي بي دخليءَ کان پوءِ سندس دل ۾ پڇتاءُ پيدا ٿيڻ جون روايتون به ملن ٿيون. بعد وارين روايتن ۾ سندس طرف منسوب هي لفظ بيان ڪيا وڃن ٿا: "مان پنهنجي گهر کي بچائڻ لاءِ باهه ڪٺي آيس، پر ان باهه منهنجي پوري سنڌ کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو." هڪ ٻي روايت ۾ سندس پڇتاءُ هن ريت بيان ٿئي ٿو: "مون پنهنجي پٽ جي تاج جي حفاظت لاءِ قنڌار مان جنهن لشڪر کي سڏايو، تنهن منهنجي پٽ کي بي تاج ڪري ڇڏيو ۽ سڄي سنڌ کي لٽي ويو."

مدينا ماڇياڻي جي ڪهاڻي سمن جي آخري دور جي ان سياسي بحران جي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ ذاتي اختلاف، درٻاري سازشون، تخت جي ڇڪتاڻ ۽ ٻاهرين طاقت جا مفاد هڪ ٻئي سان ڳنڍجي ويا. جيڪڏهن شاهه بيگ سان مدينا جو رابطو تاريخي طور ثابت ٿئي ٿو ته اهو سندس سياسي زندگيءَ جو انتهائي اهم فيصلو هو. پر سمن جي زوال کي رڳو ان هڪ فيصلي سان بيان ڪرڻ تاريخ جي وسيع پسمنظر کي نظرانداز ڪرڻ ٿيندو. مدينا جي نالي سان جڙيل پڇتاءُ جون روايتون شايد انهيءَ تاريخي الميي جي علامت بڻجي ويون آهن. جنهن ۾ هڪ تخت بچائڻ جي ڪوشش آخرڪار تخت، خاندان ۽ اقتدار ٽنهي جي وڃائڻ تي ختم ٿي. سمن جي زوال جو هيءُ باب اڄ به اهو سوال ڇڏي وڃي ٿو ته تاريخ ۾ سڀ کان خطرناڪ لمحو اهو ڪڏهن ٿيندو آهي، جڏهن اندروني اختلافن جي وچ ۾ ٻاهرين طاقت کي مدد لاءِ سڏيو وڃي ۽ پوءِ ان طاقت کي واپس موڪلڻ جو اختيار پنهنجي هٿ ۾ نه رهي.

اڄوڪو ڏينهن —— 19 آڪٽوبر

ڊاڪٽر جي ايم مهڪري

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ دانشور جي ايم مهڪريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 19 آڪٽوبر 1908ع تي هندستان جي شهر بينگلور ۾ ڄائو. هن جو پورو نالو غلام محي الدين مهڪري هو. هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي ۽ پوءِ ڪراچيءَ کي پنهنجو گهر بڻايائين. هو هڪ ٽليوارو ليکڪ ۽ ڪالم نگار هو. سندس ڪالم "روزاني ڊان" ۽ ٽماهي رسالي "سنڌ ڪوارٽرلي" ۾ ڇپجندا رهندا هئا. هن 1977ع کان 1979ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوشالاجي شعبي ۾ وزيٽنگ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. هن جو ڪتاب "Sorrows of Sindh" ڇپيل آهي. منظور ڪوهيار پنهنجي ڪتاب "ڪي ڪي ماڻهو وديا ساگر" ۾ هن جي شخصيت تي هڪ بهترين خاڪو لکيو آهي. ڊاڪٽر مهڪريءَ جي شخصيت جو هڪ ٻيو بهترين خاڪو ڊاڪٽر غلام علي آگري جي ڪتاب "ماڻهو شهر ڀنڀور جا" ۾ شامل آهي. مرحوم محمد ابراهيم جوئيءَ جي ڪتاب "ڳالهيون ڪتابن جون" ۾ به هڪ باب "مهڪريءَ جا مضمون" شامل آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽر مهڪريءَ جي چونڊ مضمونن جو سنڌي ترجمو شامل ڪيو ويو آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران پڻ ڪتاب A Great Engagement: Sindh, Joyo and Mahekri ڇپايو ويو آهي. هن 15 آگسٽ 1995ع تي وفات ڪئي. هن جي وفات تي مشهور شاعر امداد حسينيءَ هڪ نظم لکيو هو.

دارا عالم ابڙو

سنڌ جي هن مهان چترڪار جو جنم 19 آڪٽوبر 1940ع تي قمبر شهر ۾ ٿيو. هن ايم اي (سنڌي) تائين تعليم حاصل ڪئي. ان کان علاوه آمريڪا مان پينٽنگ، فوٽوگرافي، مجسمي سازي ۽ پرنٽ ميڪنگ جو ڪورس پاس ڪيائين.



هن کي تصويرن ٺاهڻ ۽ مصوريءَ جو شوق ننڍپڻ کان ئي رهيو. پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڊرائينگ ٽيچر طور ڪيائين. ڪجهه عرصو سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائن آرٽس ۽ انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن ۽ ريسرچ ۾ ليڪچرار طور ڪم ڪيائين. ان بعد مستقل طور تي آمريڪا هليو ويو. هن جي فن پارن جون نمائشون ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ منعقد ٿيون. جن ۾ سندس ڏات ۽ ڏانو کي گهڻو پسند ڪيو ويو.

سميع بلوچ

هن مشهور براڊڪاسٽر ۽ شاعر جو جنم 19 آڪٽوبر 1955ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ حاجي عطا محمد لنڊ ۾ ٿيو.



هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان ترتيبوار گورنمينٽ هاءِ اسڪول سيٺارجا ۽ گورنمينٽ فيڊرل ڪاليج اسلام آباد مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان انٽرنيشنل رليشنز واري شعبي ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين. هو 1984ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن سينٽر ڪراچيءَ تي پروڊيوسر مقرر ٿيو. هن ڪراچي، ڪوئيٽا ۽ اسلام آباد جي ٽيليويزن سينٽرن تان يادگار ڊراما، دستاويزي پروگرام ۽ ٻيا پروگرام پيش ڪيا. هو سنڌ جو هڪ سرموڙ شاعر پڻ آهي. سندس شاعري سرمد سنڌي، احمد مغل ۽ صنم ماروئيءَ سميت سنڌ جي ڪيترن ئي مشهور شاعرن ڳائي آهي. سندس شاعريءَ جو ڪتاب "خوابن جا خواب" ڇپجي چڪو آهي.

مير غلام علي خان ٽالپر

هن مشهور سياستدان جو جنم 19 سيپٽمبر 1909ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي شهر مان حاصل ڪيائين. ان بعد ڪراچي علي ڳڙهه ۽ بمبئيءَ مان تعليم حاصل ڪري بمبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيٽ ٿيو. هو 1936ع ۾ بدين ٽنڊوباگو واري تڪ مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ويو. هو به پيرا حيدرآباد لوڪل بورڊ جو صدر به رهيو. هو پهريون پيرو 1940ع ۾ صوبائي وزير ٿيو ۽ ان کان پوءِ ايوب خان جي دور تائين لاڳيتو صوبائي يا مرڪزي وزير رهندو آيو. هن وٽ روينيو، گهرو، صنعتن، تعليم ۽ قانون جهڙين اهم وزارتن جا قلمدان رهيا.



1954ع ۾ هن کي سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر چونڊيو ويو ويو حڪومتي ادارن پاران هن تي دٻاءُ وڌو ويو ته هو ون يونٽ جي حمايت ۾ اسيمبليءَ مان ٺهراءُ منظور ڪرائي. هن ايئن ڪرڻ کان ڪٽو جواب ڏئي ڇڏيو. نتيجي طور ڪيس اغوا ڪري مٺيءَ ۾ نظربند ڪيو ويو. هن ايوب خان واري مارشل لا جي هميشه کلم کلا مخالفت ڪئي. ڪراچيءَ وارو نيشنل اسٽيڊيم سندس ڪوششن سان ٺهي راس ٿيو. هن ٽنڊي محمد خان ۾ تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ پنهنجي 50 ايڪڙ زمين عطيو ڪئي ته جيئن اتي اسڪول ۽ ڪاليج قائم ڪري سگهجن. هن 19 آڪٽوبر 1963ع تي لاڏاڻو ڪيو.

روبينه قريشي

اڄ سنڌ جي مشهور گلوڪاره روبينه قريشيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي.



هن نالي واري گلوڪاره جو اصل نالو عائشه شيخ هو ۽ هن جي والد جو نالو الاهي بخش شيخ هو. هن جو جنم 19 آڪٽوبر 1940ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ جو شوق هئس. هوءَ اسڪول جي تقريبن ۾ شوق سان ڳائيندي هئي. مشهور تعليمي ماهر ۽ موسيقيءَ جي پارکو دادي ليلاوتيءَ هن جي ڳائڻ ۾ گهڻي حوصلا افزائي ڪئي. 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو قيام عمل ۾ آيو. هوءَ اڃا نائين ڪلاس جي شاگردياڻي هئي، جڏهن آڊيشن ڏيڻ لاءِ ريڊيو تي پهچي وئي ۽ ٻهرين ئي ڪوشش ۾ آڊيشن پاس ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. هن جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل شاهه سائينءَ جي وائي "پيرين پوندي سان، چوندي سان، رهي وڃ رات ڀنڀور ۾"، جڏهن ريڊيو تان پهريون ڀيرو نشر ٿي ته هر طرف واهه واهه مچي وئي ۽ هن جو نالو سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويو. ان بعد هن جي آواز ۾ سوَن جي تعداد ۾ شاهه سائينءَ ۽ ٻين صوفي شاعرن جا ڪلام رڪارڊ ٿيا. هن ڪجهه سنڌي فلمن جا گيت پڻ ڳايا. سندس مٺڙي ۽ مڌر آواز جي ڪري هن کي "سنڌ جي بلبل" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هن جيجي زرينه بلوچ، امينه ۽ زيب النساء سان گڏجي ڪيترائي سهرا پڻ رڪارڊ ڪرايا، جيڪي اڄ به سنڌ ۾ شوق سان ٻڌا وڃن ٿا. 1970ع ۾ هن مشهور اداڪار مصطفيٰ قريشيءَ سان شادي ڪئي ۽ پنهنجي ور سان گڏ لاهور ۾ رهائش اختيار ڪيائين. لاهور ۾ هن استاد چوٽي غلام عليءَ کان موسيقيءَ جا گُر سکيا ۽ سنڌيءَ سان گڏ اردو، پنجابي، سرائڪي، پشتو ۽ بنگالي ٻولين ۾ ڳائڻ جاري رکيائين. 2021ع ۾ هن کي پاڪستان سرڪار پاران تمغ امتياز سان نوازيو ويو. تاريخ 13 جولاءِ 2022ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

جهان آرا بتول

جهان آرا بتول جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي محمد خميسي قمبرانيءَ جي گهر ماتلي ضلعي بدين ۾ ٿيو.



هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ اسڪول جي ٽيچر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. هن 1998ع ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪئي اٿس. سندس شاعريءَ ۾ غزل، گيت، وايون ۽ نظم وغيره شامل آهن. ڪجهه ڪهاڻيون، ڊائريءَ جا ورق ۽ مضمون وغيره پڻ لکيا اٿس.

حاجي ساند

مختيار اٽڙ

حاجي ساند ٿر جو مشهور شاعر آهي. هن جو جنم 19 آڪٽوبر 1970ع تي عمرڪوٽ ويجهو ڳوٺ روحل واهه ۾ ٿيو. شاعريءَ ۾ نامور شاعر محمد جمن دربدر سندس استاد هو. سندس شعري مجموعو "پوڄارڻ" 2004ع ۾ ڇپيو. هن جي شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي فنڪارن ڳائي آهي. سندس شاعريءَ ۾ رومانيت جا رنگ، وڇوڙي جا ور ۽ اندر جا اڌما صاف نظر اچن ٿا.

پير پاون شاهه ساقي

پير پاون شاهه ساقي پنهنجي دور جو وڏو بزرگ، شاعر ۽ علم دوست انسان هو. هن بزرگ جي زندگيءَ جو تفصيلي احوال مهراڻ رسالي جي سوانح نمبر ۾ پڙهي سگهجي ٿو. هن بزرگ جي ولادت 1886ع ڌاري بدين ۾ ٿي. ان وقت جي دستور مطابق سنڌي، فارسي، عربي، گجراتي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ تعليم حاصل ڪيائين. اڃا چوڏهن سالن جو مس هو جو سندس والد فقير پير محمد شاهه وفات ڪئي. سندس مريدن ڪيس درگاهه شاهه قادريءَ جو سجاده نشين بڻايو. هن کي ننڍپڻ کان ئي ڪتاب پڙهڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو شوق هو. ان ڪري سندس ذاتي لائبريريءَ ۾ هزارين ناياب ڪتاب موجود هئا. ويهن سالن جي ڄمار ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. شاعريءَ ۾ "ساقي" تخلص استعمال ڪندو هو. سندس ڪلام جو گهڻو حصو ۽ نثري مواد ضايع ٿي ويو آهي. البت شاعريءَ جا ٻه ڪتاب "مناجات" ۽ "ساقيءَ جا سخن" موجود آهن. هن بزرگ 19 آڪٽوبر 1918ع تي وفات ڪئي.

سيد الهندو شاهه

اڄ مشهور سماج سڌارڪ، سياستدان ۽ تعليم دوست انسان سيد الهندي شاهه جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي.

سيد الهندي شاهه جي جنم ڏينهن تي اختلاف آهي. ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ پنهنجي ڪتاب عظيم سنڌي انسان ۾ هن جي جنم جي تاريخ 17 آڪٽوبر 1867ع لکي آهي. سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا 17 آڪٽوبر 1857ع ڄاڻائي آهي. ڪجهه حوالن ۾ سندس جنم جو سال 1883ع به لکيل آهي. هن مهان شخصيت تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهروفيروز جي ڳوٺ ڏيرڙي ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي مان حاصل ڪئي. ان بعد انگريزي به پڙهيو. هن سياست جي شروعات 1897ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ حيدرآباد جي ميمبر طور ڪئي. 1912ع کان 1919ع تائين نوابشاهه ضلعي جي لوڪل بورڊ جي ميمبر طور خدمتون سرانجام ڏنائين. 1903ع ۾ مسلمان ٻارن کي تعليم سان آراسته ڪرڻ لاءِ نوشهري فيروز ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيائين. 1904ع ۾ انهيءَ مدرسي جي ٻارن جي رهائش لاءِ هاسٽل پڻ تعمير ڪرايائين. 1918ع ۾ انهيءَ مدرسي کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو. 1909ع ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ ڪيترائي سال ميمبر رهيو. هن انمول انسان 19 آڪٽوبر 1919ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

آغا عبدالنبي عليگ

آغا عبدالنبي عليگ سنڌ جو مشهور شاعر ۽ نثر نويس هو. شڪارپور ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪندڙ هن امله انسان جي جنم جي تاريخ تي ڪجهه اختلاف نظر اچي ٿو. مهراڻ رسالي جي شاعر نمبر (ڇاپو 1990ع) ۾ هن جي جنم جي تاريخ 16 مارچ 1903ع لکي وئي آهي. مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي مشهور ڪتاب "دُر ناياب عرف ياد رفتگان" ۾ به اهائي تاريخ لکي آهي. امجد دراني جي ڪتاب "ادب ۽ آرٽ سان لاڳاپيل سنڌي پناهه" ۽ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جي ڪالمن ۾ به ساڳي تاريخ لکيل آهي. جڏهن ته سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ هن جي جنم جي تاريخ 3 جولاءِ 1903ع ڄاڻايل آهي. آغا عبدالنبيءَ مئٽرڪ تائين تعليم ڳمبٽ ۽ خيرپور ميرس مان حاصل ڪئي ۽ بي اي (آنرس) جي سند علي ڳڙهه ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) مان حاصل ڪئي. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات شڪارپور ۾ هاءِ اسڪول جي استاد طور ڪئي. بعد ۾ ڪيترن ئي اهم سرڪاري عهدن تي رهي خدمتون سرانجام ڏنائين. جن ۾ مختيارڪار، روينيو کاتي جي سيڪريٽري ۽ ڪمشنر جهڙا عهدا شامل آهن. هن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن، سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس ۽ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي ميمبر طور پڻ ڪم ڪيو. ادبي دنيا ۾ پاڻ هڪ قادرالڪلام شاعر، ڊراما نويس ۽ مقالا نگار طور مشهور هو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "افڪار عليگ"، "سسئي پنهون" (ڊرامون)، "حريص پتلو عرف وفا جي ديوي" (ڊراما)، "افسانا ۽ مقالا" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هن پهرين سنڌي فلم "ايڪتا" جا ڊائلاگ پڻ لکيا. اڪثر حوالن ۾ سندس وفات جي تاريخ 19 آڪٽوبر 1976ع لکي وئي آهي. البت مخدوم طالب المولىٰ هن جي وفات 1977ع ۾ ڄاڻائي آهي.

دادن فقير

سنڌ جي هن عوامي شاعر جي اڄ ورسيءَ جو ڏينهن آهي.



هن جو اصل نالو داد محمد ولد ڏٿي بخش جويو هو پر دادن فقير جي نالي سان عوام ۾ مقبول ٿيو. هن بزرگ جي جنم توڙي وفات جي صحيح تاريخ تي اختلاف آهي. سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۽ ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ جي ڪتاب "عظيم سنڌي انسان" ۾ هن جي جنم جي تاريخ 21 جولاءِ 1906ع لکيل آهي. جڏهن ته ماهوار نئين زندگيءَ جي سيپٽمبر 1995ع واري شماري ۾ علي اڪبر اسير قريشيءَ 17 جنوري 1906ع ڄاڻائي آهي. ساڳي ئي تاريخ اياز لاکير جي ترتيب ڏنل ڪتاب دادن فقير جو ڪلام ۾ ڄاڻايل آهي. هن جي وفات جي تاريخ سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ 18 آڪٽوبر 1979ع ڄاڻايل آهي. جڏهن ته علي اڪبر اسير قريشيءَ، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ ۽ اياز لاکير 19 آڪٽوبر 1979ع لکي آهي. سنڌي ادبي بورڊ پاران جاري ٿيندڙ ٽماهي مهراڻ رسالي جي جلد 28، نمبر 3 ۽ 4 (1979ع) ۾ هن جي جنم جي تاريخ مارچ 1906ع ۽ فوتگيءَ جي تاريخ 20 آڪٽوبر 1979ع ٻڌائي وئي آهي. دادن فقير سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو. علامه محمد هدايت علي تارڪ نجفيءَ جي صحبت ۾ رهي شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. هن پنهنجو ڳوٺ ڇڏي ڪجهه عرصو نصير آباد ۾ سڪونت اختيار ڪئي پر پوءِ مستقل طور راڏڻ ۾ پنهنجو گهر ٺاهيائين. سندس شاعريءَ جو مجموعو "آفتاب عشق" سندس شاگرد فقير سلطان سانگيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو. 2007ع ۾ علي گل ڪوسي "دادن فقير جو چونڊ ڪلام" نالي سان هن جي شاعريءَ جو ڪتاب ڇپرايو. هن سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي ۽ اردوءَ ۾ به شاعري ڪئي آهي.

ٻانهون خان شيخ

ٻانهون خان شيخ شاهه جي شاعريءَ جو وڏو شيدائي ۽ پارکو هو.



هو 19 اپريل 1928ع تي ڀٽ شاهه ۾ ڄائو. هن سنڌ جي روينيو کاتي ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيو ۽ انهيءَ ئي کاتي مان رٽائر ٿيو. هن کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان عشق جي حد تائين محبت هئي. هن ڀٽائيءَ جي درگاهه تي فقير محمد ابراهيم کان شاهه جو راڳ ٻڌو ۽ اهو سمورو ڪلام قلمبند ڪيو. انهيءَ کان علاوه هن شاهه جي رسالي جي ٻين نسخن جو پڻ اڀياس ڪيو ۽ سمورو ڪلام سهيڙي شاهه جو رسالو نئين سِري سان ترتيب ڏئي ڇپرائي پڌرو ڪيو. انهيءَ رسالي ۾ 31 سُر 4 هزار 4 سئو 69 بيت ۽ 3 سئو وايون شامل آهن. هن 19 آڪٽوبر 2008ع تي هيءُ جهان ڇڏيو.

بقايا 1 روزاني عبرت

ڪي هاڻي نڪرڻو پوندو. هڪ ٿي سنڌ ڌرتي ماءُ جي حفاظت ڪرڻي پوندي، محسن نقوي ۽ ڊي آءِ ايس پي آر سميت سمورن کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي: عامر نواز وڙائچ رپورٽ موجب: ٻيرلوءِ کان ڪراچي لاءِ نڪتل وڪلين جو ڌرتي مارچ رات پور پهچڻ تي ڪين جو شاندار استقبال ڪيو ويو. مارچ جي اڳواڻي وڪلين اڳواڻ ايڊوڪيٽ عامر نواز وڙائچ، ايڊوڪيٽ حسيب جمالي، ايڊوڪيٽ ڪي بي لغاري، ايڊوڪيٽ ارشد شر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ريلي رات پور پهچڻ تي ڪين معان گلن جي ورڪا ڪئي وئي. ريلي جو دستگير قومي شاهراهه تي پهچڻ تي قومي شاهراهه جي ٻنهي طرفن کان گاڏين جو وڏيون قطارون لڳي ويون. ان موقعي ريلي کي مختصر خطاب ڪندي ايڊوڪيٽ عامر نواز وڙائچ چيو ته سنڌ سنڌين جي آهي. جيڪا هزارين کان هڪ آهي ۽ هڪ رهندي ان کي ميري اک سان ڏسڻ وارن جا ناپاڪ ارادا ڪڏهن به اسان ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين.مارچ ڪرڻ جو مقصد سنڌي قوم کي متحد ڪرڻ ۽ گهرن کان ٻاهر ڪڍڻ آهي هن چيو ته هاڻي گهرن ۾ ويهڻ جو وقت ناهي اٿو ٻاهر نڪرو هڪ ٿي پنهنجي ڌرتي جي حفاظت ڪريون جيڪي سنڌ اندر وڌيڪ صوبا ۽ انتظامي يونٽ ٺاهڻ جي ڳالهه ڪئي آهي اهي اڳ ٺهيل صوبن ۾ ته گڏ گورنرس آڻن پوءِ وڌيڪ صوبن جي ڳالهه ڪن محسن نقوي، ڊي سي آءِ ايس پي آر سميت جيڪي ڌرتي ماءُ کي ورهائڻ جي ڳالهه ٿا ڪن آهي پاڻ کي ورهائجي ويندا، اسان پنهنجي حق ۽ سنڌ بچائڻ لاءِ نڪتا آهيون. اسان سنڌ جو ورهاڱو ڪڏهن به قبول نه ڪنداسين جنهن بعد مارچ پنهنجي منزل طرف روانو ٿي ويو ان کان اڳ عامر نواز وڙائچ ۽ سندس وفد جي وڪلين پاران دراز شريف ۾ درگاهه حضرت سچل سرمست رح تي حاضري ڀري ۽ گلن جي چادر چڙهي اجتماعي دعا پڻ گهري، ان موقعي تي درگاهه حضرت سچل سرمست رح جي سجادهه نشين خواجه عبدالحق فاروقي سان ملاقات پڻ ڪئي ۽ گڏجي حاضري ڀري.

بقايا 2 روزاني عبرت

نعريبازي ڪئي وئي احتجاج ۾ وفا جاگيراڻي فريد خاصخيلي، علي رضا شيخ، طارق جتوئي، نواز شنباڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ڳالهائيندي چيو ته استاد آصف لاڪائي هڪ سينيئر تعليمدان ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ آهي جيڪو هميشه سنڌ جي مسئلن، عوامي حقن ۽ سماجي معاملن تي پنهنجي لکڻين ذريعي آواز اٿاريندو رهيو آهي هنن استاد آصف لاڪائي خلاف ڳمبٽ ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيڻ واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته اهڙي عمل سان سماجي ۽ عوامي مسئلن تي آواز اٿاريندڙ ماڻهن ۾ ڳڻتي پيدا ٿي آهي.سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن مطالبو ڪيو ته استاد آصف لاڪائي خلاف داخل ڪيل ڪيس جو جائزو وٺي، جيڪڏهن اهو بي بنياد ثابت ٿئي ته ان کي ختم ڪيو وڃي.هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن سندن مطالبن تي ڌيان نه ڏنو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ وڌيڪ احتجاجي سرگرميون شروع ڪيون وينديون

بقايا 3 روزاني عبرت

معاذر خاندان آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي. تفصيل موجب پنو عاقل ۾ سدوجا پوليس اسٽيشن جي حد ۾ واقع ڳوٺ رحمت الله چاچڙ جي رهواسي محمد امين چاچڙ سول اسپتال سکر ٻاهران احتجاج ڪيو ۽ صحافين کي ٻڌايو ته سندس ديهه خيرات، ٽپو سدوجا ۾ 300 ايڪڙ زرعي زمين آهي جنهن جا ڪاغذ پڻ سندس نالي تي آهن محمد امين چاچڙ موجب، سندس برادري جي باثر ماڻهن عبدالشڪور چاچڙ عبدالقيوم، عبدالقدوس، عبدالغفور، عبدالمجيد، عبدالصمد چاچڙ ۽ ٻين ڪيس زمين ڪيٺن کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي انهن جو الزام آهي ته مخالفن زمين ڪيٺن کان روڪڻ جي معاملي تي انهن جي گهر تي هٿيارن لڻن ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪيو معاذر شخص موجب حملي دوران عورتن ٻارن ۽ مردن تي تشدد ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ مائي صالحان، عبدالخالق محمد رمضان محمد لقمان چاچڙ سميت 14 ماڻهو زخمي ٿي پيا زخمين مان چار کي طبي علاج لاءِ سول اسپتال سکر ۾ داخل ڪيو ويو جڏهن ته ٻيا زخمي ڳوٺ ۾ آهن احتجاج ڪندڙ محمد امين چاچڙ ۽ سندس خاندان وڌيڪ الزام لڳايو ته واقعي کان پوءِ اهي ازالي لاءِ سدوجا پوليس اسٽيشن پهتا، جڏهن ته انهن جي مطابق، پوليس انهن جي شڪايت تي اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي ۽ مخالف ڌر جي حمايت ڪري رهي آهي معاذر جي خاندان مطالبو ڪيو ته اختيارين واقعي جي غير جانبدار جاچ ڪن حملي ۾ ملوث مبينا جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪن ۽ انهن کي تحفظ فراهم ڪن معاذر جي خاندان آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کي اپيل ڪئي آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس ورتو وڃي انهن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ زرعي زمين جي تڪرار کي قانون مطابق حل ڪيو وڃي.

بقايا 4 روزاني عبرت

فراهم ڪيو وڃي سورو ۾ آءِ بي اي پاس 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ ايڪشن ڪاميٽي سنڌ جي سڏ تي اميدوارن پاران پنهنجي جائز حقن جي حاصلات ۽ آفر آرڊر جاري ڪرڻ لاءِ احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو احتجاج جي اڳواڻي عارف سولنگي، عطاالله بروهي، عبدالله ڪوسو رياض ڪوسو عبدالله شيخ، عاشق راهوجو ۽ علي رضا راهوجو ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جا 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوار ڪافي عرصي کان پنهنجي روزگار لاءِ پريشان آهن پر اڃا تائين سندن مسئلو حل نه ٿي سگهيو آهي هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته اميدوارن جي پريشانين کي نظر ۾ رکندي جلد کان جلد اسپيشل ڪاميٽي جو اجلاس گهرايو وڃي ۽ سمورن اهل ويٽنگ اميدوارن جي مقرري بابت مثبت فيصلو ڪري آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته اميدوارن کي وڌيڪ انتظار ۾ رکڻ بدران سندن مستقبل بابت عملي قدم کنيا وڃن. جيئن متاثر نوجوانن ۽ سندن خاندانن ۾ پکڙيل بيچيني ختم ٿي سگهي.هنن مطالبو ڪيو ته سڄي سنڌ جي 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن کي بنا ڪنهن وڌيڪ دير جي هڪ ئي مرحلي ۾ رليف ڏئي روزگار فراهم ڪيو وڃي احتجاج ڪندڙن واضح ڪيو ته سندن مطالبو سمورن اهل اميدوارن کي برابري جي بنياد تي انصاف فراهم ڪرڻ ۽ فوري طور آفر آرڊر جاري ڪرڻ آهي.

بقايا 5 روزاني عبرت

يا حراست ۾ ورتو ويو.ڪارروائين دوران هٿيان گوليون، منشيات، چوري ٿيل موٽرسائيڪل ۽ اليڪٽرانڪ ڊوائيسز هٿ ڪيا ويا. جڏهن ته ملير ۾ گهر ٿيل گولي لڳڻ سبب هڪ نوجوان زخمي ٿي پيو.جمشيد ڪوارٽرز ۾ پوليس مقابلي ڪن جوابدارن جي گرفتاري،ضلعي اوير جي جمشيد ڪوارٽرز پوليس جو جبيل چورنگي پل پرسان هٿيارٻند جوابدارن سان مقابلو ٿيو فائرنگ جي ڏي وٽ ڪانپوءِ هڪ زخمي سميت ڪن جوابدارن فياض اسلم ۽ امير حمزه کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندن هڪ ساٿي فرار ٿي ويو ايس ايس پي ايسٽ زبير نذير شيخ موجب، گرفتار جوابدارن وٽان غيرقانوني هٿيان گوليون ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي پوليس موجب، هٿ آيل موٽرسائيڪل فيروزآباد ٿاڻي جي حد مان چوري ٿيل هئي. زخمي جوابدار کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ٻين جوابدارن کان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي عزيزآباد ۽ رضويه ۾ پوليس مقابلا ٻئي پاسي عزيزآباد بلاڪ 2 ۾ ڪراچي اڪيڊمي پرسان پوليس ۽ ڦورو وچ ۾ مقابلي دوران هڪ جوابدار عبيدالله ولد رضا ڪريم کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو پوليس موجب، گرفتار جوابدار وٽان پستول ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون رضويه واري علائقي ۾ پڻ پوليس ۽ ڦورو وچ ۾ مقابلي ڪانپوءِ اسامه ولد ذاڪر نالي جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو سندس ساٿي فرار ٿي ويو جڏهن ته پوليس هٿيار ۽ گوليون هٿ ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي درخشان ۾ ڊانس پارٽي تي ڇاپو 20 کان 25 ڄڻا حراست ۾ ڪراچي جي درخشان ٿاڻي جي پوليس ڪڏا مارڪيٽ پرسان هڪ هنڌ ڊانس پارٽي تي ڇاپو هنيو ذريعن موجب، پوليس کي اطلاع مليو هو ته اتي ڊانس پارٽي جاري آهي ۽ مبينا طور نشي آور شين جو استعمال ڪيو پيو وڃي.ڇاپي دوران مردن ۽ عورتن سميت 20 کان 25 ڄڻن کي حراست ۾ وٺي درخشان ٿاڻي منتقل ڪيو ويو. ذريعن موجب، موقعي تان مبينا طور آئس، ٻيون نشي آور شيون ۽ نشي آور دوائون پڻ هٿ ڪيون ويون پوليس پاران برآمد ٿيل شين جي جاچ ۽ قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي سرجاني ٽائون ۾ رينجرز ۽ پوليس جي گڏيل ڪارروائي، پنج مبينا انساني اسمگلر گرفتار پاڪستان رينجرز سنڌ ۽ ضلعي ويسٽ پوليس ڳجهي اطلاع تي سرجاني ٽائون ۾ گڏيل ڪارروائي ڪندي پنج مبينا انساني اسمگلرن کي گرفتار ڪيو گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ عبدالعزيز بروهي محمد بخش دشتي علي حسن بروهي نديم بروهي ۽ جميل بروهي طور ڪئي وئي رينجرز جي ترجمان موجب، جوابدار مبينا طور غيرقانوني طور رهندڙ افغان شهرين يار محمد ۽ رسول خان کي ڪراچي منتقل ڪري رهيا هئا. جوابدارن وٽان هٿيان منشيات ۽ انساني اسمگلنگ لاءِ استعمال ٿيندڙ سوزوڪي لوڊر گاڏي پڻ هٿ ڪئي وئي ترجمان موجب، گرفتار گروهه مبينا طور حب کان ڪراچي جي مختلف علائقن تائين افغان شهرين کي پهچائڻ لاءِ رقم وصول ڪندو هو جوابدارن جي بيانن موجب، هڪ خاندان کي منتقل ڪرڻ لاءِ تقريبن ٻه لک رپيا ورتا ويندا هئا، جڏهن ته گذريل هڪ مهيني دوران تقريبن 230 افغان شهرين کي ڪراچي منتقل ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي رينجرز موجب جوابدار مبينا طور منگهوپير بند مراد، سرجاني ۽ ناردرن بائي پاس سميت ڪچي رستن جو استعمال ڪندا هئا گرفتار جوابدارن جي ٻين ساٿين جي ڳولا لاءِ ڇاپا جاري آهن

بقايا 6 روزاني عبرت

حميس،صدام،شاهد،ساگر عبدالڪريم خليق،نديم،نويد ۽ ٻين جوابدارن گهر پرسان فائرنگ ڪري حملو ڪيو جنهن سبب گهر ٻاهران بيٺل نوجوان دلبر ڪولاچي کي گوليون هڻي زخمي ڪري فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا آهن هنن چيو ته ساڳين ئي جوابدارن ڀهريان به اسان جي ٻن عورتن کي قتل ڪيو هو جنهن جو ڪيس عدالت ۾ هلندڙ آهي جوابدارن ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ وري حملو ڪيو آهي هنن چيو ته اسان سان ظلم آهي جوابدار بااثر آهن اسان جون زندگين کي خطرو آهي ايس ايس پي دادو واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 7 روزاني عبرت

دنيا جي مشهور قاري، مشهور عالم، عظيم مشائخ، نعت خوان شهري ۽ علائقي جي رهواسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي محفل ۾ قرآن پاڪ جي خوبصورت ۽ دل کي ڇهندڙ تلاوت ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جي لاءِ عقيدت ۽ محبت جا نذرانا پيش ڪيا ويا، جنهن محفل جي روحاني ماحول کي وڌيڪ مالا مال ڪيو محفل قرات دوران دنيا جي مشهور قاري فردان آدم، قاري صلاح عبدالله، قاري سليم عيدي ۽ قاري طاهر طاهري پنهنجي منفرد ۽ دلڪش انداز ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪئي جنهن شرڪت ڪندڙن جي دلين کي روحاني سڪون پهچايو ۽ حاضرين پنهنجي گهري عقيدت جو اظهار ڪيو هن موقعي تي نعت خوان پنهنجي خوبصورت آوازن ۾ نعت رسول مقبول ﷺ پڻ پيش ڪئي جنهن سامعين جي دلين کي رسول ﷺ جي محبت جي نور سان روشن ڪيو تقريب کي خطاب ڪندي مولانا محمد صالح انڌان مفتي سعود افضل هاليجوي، مفتي شفيع محمد انڌان مولانا مفتي محمد ياسين بندهاني مولانا عبداللطيف اشرفي مولانا محمد عابد سنڌي قاري لياقت علي مغل، قاري رفيق احمد توحيدي ۽ مولانا عبدالرشيد ڪانوري ۽ ٻين عالمن چيو ته اهڙين بابرڪت محفلن جي انعقاد جو بنيادي مقصد قرآن پاڪ جي تعليمات کي مشهور ڪرڻ رسول الله ﷺ جي عظيم ڪردار کي اجاگر ڪرڻ ۽ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي تعليمات سان محبت ۽ وابستگي کي فروغ ڏيڻ آهي عالمن چيو ته قرآن پاڪ جي تلاوت انسان جي دل ۽ دماغ کي ايمان جي نور سان روشن ڪري ٿي ۽ ان کي نيڪي، تقويٰ، پائيجاري پائيجارو ۽ باهمي محبت سيکاري ٿي قرآن پاڪ جي تعليمات تي عمل ڪرڻ سان سماج ۾ امن، رواداري ۽ مذهبي قدرن کي مضبوط ڪري سگهجي ٿو هن زور ڏنو ته مسلمانن کي قرآن ۽ سنت جي تعليمات مطابق زندگي گذارڻ گهرجي ۽ رسول الله ﷺ جي زندگي کي پنهنجي عملي زندگي لاءِ بهترين رول ماڊل بڻائڻ گهرجي عالمن وڌيڪ چيو ته مذهبي اجتماع نئين نسل ۾ قرآن پاڪ سان محبت پيدا ڪرڻ اسلامي تعليمات جي آگاهي وڌائڻ ۽ سماج ۾ مذهبي شعور کي فروغ ڏيڻ جو هڪ اهم ذريعو آهن اهڙا واقعا ماڻهن ۾ مذهبي وابستگي کي مضبوط ڪن ٿا ۽ انهن کي پنهنجي زندگي ۾ اسلامي تعليمات جي اپنائڻ جي ترغيب ڏين ٿا اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙ شهري ۽ مقامي ماڻهو قارين جي دل کي ڇهندڙ تلاوت ۽ نعت خوان جي عقيدتمندانه پيشڪش جي تمام گهڻي تعريف ڪئي تقريب دوران قرآن پاڪ جي تلاوت، الله جي ياد ۽ رسول الله ﷺ جي محبت سان ڀريل روحاني ماحول برقرار رهيو اجتماع جو مجموعي ماحول عقيدت، محبت، احترام ۽ مذهبي جذبي سان ڀريل هو جڏهن ته شرڪت ڪندڙن اهو اظهار ڪيو ته اهڙيون بابرڪت اجتماعات منعقد ڪرڻ مذهبي ۽ روحاني تربيت ۽ اسلامي قدرن جي فروغ لاءِ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا.

بقايا 8 روزاني عبرت

پارٽي پاران سنڌ جي هر ضلعي ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ دعائيه تقريبون منعقد ڪري شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي پيپلز پارٽي ڪراچي جي ضلعي ڏکڻ پاران خالق ڏنو هال ۾ ڪارساز جي شهيدن جي 19هين ورسي جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو، جاويد ناگوري ۽ ٻين اڳواڻن ۽ عورتن توڙي مرد ڪارڪنن شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو ته ڪارساز سانحي ۽ لياقت باغ سانحي کي هڪ ئي سازش جي ڪڙي سمجهون ٿا، جنهن سازش تحت شهيد بينظير ڀٽو کي نشانو بڻايو ويو هن چيو ته ڪارساز سانحي ۾ جمهوريت جي قافلي جي ٽرڪ تي بيٺل پيپلز پارٽي جي سموري قيادت کي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي هئي، ان سازش کي سمجهندي شهيد بينظير ڀٽو ٽرڪ تي سوار پارٽي جي ٻين اڳواڻن کي چيو ته پارٽي جا سمورا اڳواڻ هڪ ئي وقت ٽرڪ جي مٿان ساڻس گڏ نه ويهن ڇو ته سازشي عنصر ڪيس سميت سندس سموري پارٽي جي قيادت کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا پر ٽرڪ ۾ موجود پارٽي جي سمورن اڳواڻن شهيد بينظير ڀٽو کي چيو ته سڀئي اڳواڻ ساڻس گڏ ٽرڪ تي بيٺل رهندا هن چيو ته ڪارساز ۽ لياقت باغ جي سانحن ۾ شهيد بينظير ڀٽو ۽ ڪارڪنن کي شهيد ڪري عوام جي اميدن جو قتل ڪيو ويو هن چيو ته ڪارساز سانحي ۾ 180 کان وڌيڪ ڪارڪن پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا ۽ 500 کان وڌيڪ ڪارڪن زخمي ٿيا اسان انهن شهيدن ۽ زخمين کي ڀيٽا ۽ خراج تحسين پيش ڪريون ٿا نثار احمد کهڙو چيو ته پيپلز پارٽي پنهنجي قيادت ۽ ڪارڪنن جي شهادتن باوجود "جمهوريت بهترين انتقام آهي" جي نعري هيٺ ملڪ ۾ آئين قانون ۽ پارليامينٽ جي بالادستي ۽ جمهوريت جي تسلسل لاءِ پنهنجو جمهوري ڪردار ادا ڪري رهي آهي ڇاڪاڻ ته ملڪ جي سمورن مسئلن جو حل جمهوريت جي تسلسل ۾ ئي آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

جنهن سان ملڪ ۾ زراعت جي ترقيءَ ۾ مدد ملندي سنڌ زرعي يونيورسٽي چونڊيل اميدوارن جي تياري، اڳواٽ تربيت ۽ جائزي واري عمل ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو يونيورسٽي جي ڪوشش سان سنڌ لاءِ مختص ڪيل ڪوٽا مڪمل استعمال ٿي ۽ 107 گريجوئيٽس کي چين ۾ تربيت حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چين پهچڻ گريجوئيٽس کي مبارڪ ڏيندي چيو ته اها سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ فخر جي ڳالهه آهي هن اميد ظاهر ڪئي ته نوجوان چين ۾ جديد زرعي ٽيڪنالاجي ۽ عملي تجربن مان فائدو حاصل ڪري وطن واپس اچي ملڪ ۾ زرعي پيداوار وڌائڻ ۽ جديد طريقا متعارف ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا. وائيس چانسلر يونيورسٽي جي استادن آفيسرن ۽ عملي جي گڏيل ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته اهڙا موقعا نوجوانن جي صلاحيتن ۾ واڌ ۽ زرعي شعبي جي بهتريءَ لاءِ اهم آهن ان موقعي تي ميرپورخاص پروفيسر ڊاڪٽر عبدالمبين لوڌي چيو ته اها ڪاميابي يونيورسٽي جي سموري ٽيم جي گڏيل محنت جو نتيجو آهي هن چيو ته سنڌ لاءِ مختص ڪيل ڪوٽا ضايع ٿيڻ کان بچائڻ هڪ اهم چئلينج هو جيڪو وائيس چانسلر جي رهنمائي ۽ سموري ٽيم جي سهڪار سان پورو ٿيو هن وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال جا ٿورا مڃيا، جن سڄي عمل جي پاڻ نگراني ڪئي ۽ ٽيم تي اعتماد ڪيو هن رجسٽرار غلام محي الدين قريشي، ڊاڪٽر سليم مسيح ڀٽي، ڊاڪٽر محمد بچل ڀٽو، ڊاڪٽر ظهير احمد نظاماڻي، ڊاڪٽر غلام علي راهو انور احمد خانزاده، تربيت ڏيندڙ ماهرن ۽ سهڪاري عملي جي خدمتن کي پڻ ساراهيو هن ڊاڪٽر غلام علي راهو ۽ سندس ٽيم پاران آن لائين پورٽل تيار ڪرڻ جي ڪوشش کي به ساراهيو هن تربيت حاصل ڪري واپس ايندڙ گريجوئيٽس جي جديد ڄاڻ ۽ مهارتن سان ملڪ ۾ زرعي پيداوار وڌائڻ نيون ٽيڪنالاجيون اختيار ڪرڻ ۽ پائيدار زراعت کي هٿي وٺرائڻ ۾ مدد ملڻ جي اميد آهي

بقايا 10 روزاني عبرت

پرسان 160 ۾ مينهن جي خريد ۽ وڪري واري معاملي تي ٻن لکن رپين جي مبينا رهتن تان سوڙهن ورهين جي نوجوان کي گذريل لڳ ڀڳ ڇهن مهينن کان مبينا طور روڪي زمينن تي پورهيو ڪرائڻ جو معاملو سامهون آيو آهي متاثر نوجوان جي پيءُ اختر ولد جمعون ڪنڀار لاڳاپيل اختيارين کان فوري نوٽيس وٺي پٽ جي بازيابي ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي متاثر پيءُ اختر ڪنڀار موجب هو مينهن جي خريد ۽ وڪري واري سودي ۾ خريدار ۽ وڪرو ڪندڙ ڌر وچ ۾ رابطي ڪار هو سندس الزام آهي ته خريدار ڌر پاران ٻن لکن رپين جي مبينا رهيل رقم ادا نه ڪرڻ ڪانپوءِ وڪرو ڪندڙ ڌر سندس سوڙهن ورهين جي پٽ مختيار ڪنڀار کي پاڻ وٽ روڪي ڇڏيو آهي.اختر ڪنڀار دعويٰ ڪئي آهي ته سندس پٽ کان گذريل ڇهن مهينن کان زمينن کي پاڻي ڏيڻ چوپائي مال جي سار سنڀال گاهه وڍڻ سميت ٻيا ڪم مبينا طور زبردستي ڪرايا پيا وڃن جڏهن ته انهن ڪمن جو ڪو به معاوضو مقرر نه ڪيو ويو آهي.سندس چوڻ آهي ته ڪيس ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ته جيڪڏهن هن ڪنهن کي به معاملي بابت ٻڌايو ته ان جا سنگين نتيجا نڪرندا. جڏهن ته مبينا طور ڪيس اهو به چيو پيو وڃي ته سموري رقم ادا ڪرڻ ڪانپوءِ ئي سندس پٽ واپس ڪيو ويندو.متاثر پيءُ موجب سندس گهر واري فوت ٿي چڪي آهي ۽ پٽ مختيار گهر ۾ پنهنجن ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن جي سار سنڀال ڪرڻ سان گڏ سندن کاڌي پيتي جو انتظام پڻ ڪندو هو هن اعليٰ پوليس اختيارين، ضلعي انتظاميا ۽ ٻارن جي تحفظ بابت لاڳاپيل ادارن کي اپيل ڪئي آهي ته معاملي جي فوري ۽ غير جانبدار جاچ ڪرائي وڃي، نوجوان جي سلامتي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ مبينا ملوث باثر ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 11 روزاني عبرت

وٽ ڪرش پلانٽ ويجهو سجل ڪمپني جي ٽرالي جو ٽڪر لڳڻ سبب ڳوٺ دودا خان چانڊيو جا رهواسي 10 ورهين جو نادر چانڊيو ۽ 9 ورهين جو طوفيق چانڊيو فوت ٿي ويا، جڏهن ته هڪ زخمي سراج احمد چانڊيو کي فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد لاڙڪاڻي اسپتال ريفر ڪيو ويو حادثي جو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتين ۽ زخمين کي رورل هيلٿ سينٽر اسپتال منتقل ڪيو فوت ٿيل ٻارڙن جا لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيا ويا. پوليس حادثي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي هئي

بقايا 12 روزاني عبرت

ويو شهرين لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي

بقايا 13 روزاني عبرت

۾ اسپتال ،سوئي گيس سميت ڪا به بنيادي سهولت فراهم نه ڪئي وئي آهي هنن چيو ته چونڊيل نمائندن طرفان سندن ڳوٺ کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو ويو آهي، جنهن سبب ڳوٺاڻا سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن مظاهرين ٽڪ جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته سندن ڳوٺ ۾ اسپتال ،سوئي گيس، نيالين جو اسڪول سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪري ڳوٺاڻن جون پريشانيون ختم ڪيون وڃن

بقايا 14 روزاني عبرت

وسيلن خلاف ڪابه سازش ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي سنڌ هزارين سالن جي تاريخ تهذيب، ثقافت ۽ پنهنجي الڳ قومي سڃاڻپ رکندڙ ڌرتي آهي جنهن جي وحدت ۽ وجود جي حفاظت هر سنڌ واسي جو قومي فرض آهي سنڌ جي تقسيم جاگرافيائي حدن ۾ ڦيرڦار يا وسيلن تي قبضي جي ڪنهن به ڪوشش خلاف سنڌ جو عوام متحد ٿي بيهندو ۽ پنهنجي مادر وطن جي حفاظت لاءِ هر قسم جي پرامن جمهوري ۽ آئيني جدوجهد توڙي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن ترقي پسند هائوس حيدرآباد ۾ سنڌ جي نامور اديبن شاعرن دانشورن ۽ ليکڪن سان ٿيل هڪ اهم ڪچهري دوران ڪيو ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته 29 نومبر تي ڪراچي ۾ لکين سنڌي گڏ ٿي پنهنجي مادر وطن جي دفاع، سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ جاگرافيائي حدن جي حفاظت لاءِ ڀرپور آواز بلند ڪندا ۽ ملڪ سميت دنيا کي اهو واضح پيغام ڏيندا ته سنڌ جي ورهاڱي يا ان جي تاريخي حيثيت سان هٿ چراند جو ڪوبه منصوبو سنڌ جي عوام کي قبول ناهي هن چيو ته سنڌ جي وحدت جو سوال رڳو ڪنهن هڪ سياسي پارٽي، طبقي يا ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جو مسئلو ناهي، پر اهو سنڌ ۾ رهندڙ سمورن ماڻهن جي گڏيل وجود، سڃاڻپ، مستقبل ۽ حقن جو سوال آهي سنڌ ۾ رهندڙ هر ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو جيڪو سنڌ کي پنهنجي ماءُ سمجهي ٿو اهو سنڌي آهي اهو مادر وطن سنڌ جي ورهاست کي قبول نه ڪندو. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته قومن جي بقا، سڃاڻپ ۽ تاريخي وجود جي حفاظت ۾ اديبن شاعرن دانشورن ۽ ليکڪن جو ڪردار انتهائي اهم رهيو آهي ڇاڪاڻ ته قلم قومن جي شعور کي بيدار ڪرڻ سماج کي سجاڳ ڪرڻ ۽ قومي حقن جي جدوجهد کي فڪري بنياد فراهم ڪرڻ جو طاقتور ذريعو آهي هن سنڌ جي اديبن، شاعرن دانشورن ۽ ليکڪن کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي قلم شاعري، ادب، تحقيق ۽ فڪري تخليقن وسيلي سنڌ جي عوام خاص طور نوجوان نسل ۾ قومي شعور پيدا ڪن سنڌ جي تاريخي حيثيت، تهذيبي ورثي، قدرتي وسيلن ۽ جاگرافيائي وحدت جي اهميت کي اجاگر ڪن ۽ سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن بابت عوام کي سجاڳ ڪن ڊاڪٽر قادر مگسي وڌيڪ چيو ته سنڌ ترقي پسند پارٽي "سنڌ منهنجي امان" عوامي رابطا مهم کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين ڦهلائيندي، جنهن تحت شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ وستي ۽ جهرجهنگ تائين پهچي عوام کي سنڌ جي وحدت، وسيلن، قومي حقن ۽ جاگرافيائي حدن جي حفاظت لاءِ سجاڳ متحد ۽ منظم ڪيو ويندو هن چيو ته 29 نومبر تي ڪراچي ۾ ٿيندڙ عوامي گڏجاڻي سنڌ جي قومي ٻڌي، وطن سان محبت ۽ پنهنجي وجود جي حفاظت واري عزم جو تاريخي اظهار هوندي هن چيو ته سنڌ جي وحدت تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي نه ٿيندي ۽ سنڌ جي قومي حقن جي تحفظ لاءِ سمورين سياسي، سماجي، علمي، ادبي ۽ عوامي قوتن کي گڏيل ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ان موقعي تي اديبن شاعرن ۽ دانشورن سان سنڌ جي موجوده سياسي صورتحال سنڌ جي وحدت کي درپيش خدشن قومي شعور جي واڌاري، ادب ۽ سياست جي سماجي ڪردار 29 نومبر تي ڪراچي ۾ ٿيندڙ گڏجاڻي ۽ "سنڌ منهنجي امان" عوامي رابطا مهم بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ڪچهري ۾ سنڌ جي نامور اديبن شاعرن ۽ ليکڪن نياز پنهور منصور قادر جوڻيجو ڊاڪٽر اسحاق سميجو امداد چانڊيو ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيو ڊاڪٽر عبدالفتاح داؤدپوٽو غلام مصطفيٰ بلوچ الله بخش ڪنڀر فهيم نوناري ۽ تاج سهتو شرڪت ڪئي جڏهن ته ان موقعي تي سنڌ ترقي پسند پارٽي جو وائيس چيئرمين انجنيئر گلزار سومرو، مرڪزي اڳواڻ هوت خان گاڏهي، ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ قادر چنا، ڊاڪٽر سومار مگريو حيدر ملاح عاشق سولنگي سحر رضوي، خدابخش درس، محمد علي ابڙو ايڊووڪيٽ سرواڻ مگسي ۽ ٻيا پڻ شريڪ هئا.

بقايا 15 روزاني عبرت

هدايتون جاري ڪيون ته جم ڪلب ۾ رهيل ڪم کي تيز رفتاريءَ سان مڪمل ڪيو وڃي جڏهن ته شهيد بينظير پارڪ کي جديد طرز تي خوبصورت ۽ معياري تفريحي ماڳ بڻائڻ لاءِ گهربل قدم کنيا وڃن. هن چيو ته شهر جي ترقي عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ شهرين لاءِ معياري تفريحي ماڳن جي تعمير اهميت رکي ٿي شهيد بينظير پارڪ کي جديد انداز ۾ تيار ڪرڻ ۽ جم ڪلب جي ترقياتي ڪمن جي تڪميل سان شهرين خاص طور تي ٻارن ۽ خاندانن کي بهتر تفريحي سهولتون ميسر ٿينديون

بقايا 16 روزاني عبرت

10 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 1800 رپين ۽ 20 ڪلو وارو ٿيلهو 3600 رپين تائين وڪرو ٿي رهيو آهي، مزدورن ۽ پورهيتن جو چوڻ آهي ته اسان روز 800 کان 1000 روپيه ڪمائيندا آهيون ايتري مهانگائي ۾ ٻچن جو پيٽ ڪيئن پاليون ڳمبٽ جي رهواسين ضلعي انتظاميه خيرپور اسسٽنٽ ڪمشنر ڳمبٽ ۽ ڊي سي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته ڳمبٽ، کهڙا، فقير آباد،اڳڙا ۽ ريڙي ۾ سرڪاري سستي اٽي جا اسٽال لڳائي غريب عوام کي رليف ڏنو وڃي

بقايا 17 روزاني عبرت

تاريخ ۾ هڪ اهڙي عهد جي علامت آهي، جيڪو عوام ۽ قيادت وچ ۾ ناقابل شڪست رشتي کي ظاهر ڪري ٿو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وطن واپسي صرف هڪ سياسي واقعو نه هو پر اهو آمريت جي اونداهين خلاف جمهوريت جي روشني جي واپسي هئي پي پي پي ميڊيا سيل مطابق ڊاڪٽر نفيسه شاهه چيو ته 18 آڪٽوبر جو ڏينهن پاڪستان پيپلزپارٽي جي هر جيالي لاءِ اهم ترين ڏينهن هو جڏهن سندن اڳواڻ جلا وطني ڪاٽيو وطن واپس پهچي رهي هئي عوام جي چهرن تي اميد نظر اچي رهي هئي. دهشتگردن عوام جي جشن کي سوڳ ۾ تبديل ڪيو ڪاساز جي هنڌ تي ٿيل دهشتگرد حملي عوام جي دلين تي هڪ گهرو زخم ڇڏيو آهي اهو حملو اصل ۾ پاڪستان جي جمهوري روح تي حملو هو ان حملي جو نشانو سڌي ريت اسان جي قائد شهيد محترمه بينظير ڀٽو هئي هن چيو ته اهي قوتون جيڪي عورت جي قيادت ۽ عوامي طاقت کان ڊڄل هيون اهي ان ڏينهن جمهوريت جي آواز کي خاموش ڪرڻ چاهيون پيون ان لمحي ۾ اسان جي بهادر جيالن تاريخ قائم ڪئي

بقايا 18 روزاني عبرت

عبدالقادر راڻو نوراحمد ڪاتيار۽ٻين حيدرآباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي اسڪائي ورهاست خلاف ساموندي پٽي کي وفاق جي حوالي ڪرڻ درياءَ زمينن معدني وسيلن تي قبضن خلاف احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيوويو آهي ان سلسلي ۾ 24آڪٽوبر تي بدين ۽خيرپورميرس 30آڪٽوبر تي حيدرآباد ۽لاڙڪاڻو 31آڪٽوبر تي ڄامشورو ۽ڪشمور ڪنڌڪوٽ 1نومبر تي ڪراچي اوير ملير سانگهڙ سجاول ميرپورخاص ۽ٿرپارڪر 7نومبر تي قمبر جڏهن ته 8نومبر تي دادو ٽلو ٽنڊومحمدخان ٽنڊوالهيار ۽نوشروفيروز ۾ سيمينار ڪيا ويندا هنن چيو ته پيپلزپارٽي جي ايم اين اي جاويد شاهه جيلاڻي جي طرفان اهو بيان ڏنو ويو آهي ته ڪراچي بندرگاهه ساموندي پٽي وفاق حوالي ڪرڻ جو "ڪمپرومائز" ڪري سگهجي ٿو عوامي تحريڪ اهڙي بيان جي سخت مذمت ڪري ٿي ۽ عوامي تحريڪ سمجهي ٿي ته پيپلز پارٽي جي قيادت اسٽيبلشمينٽ جي سهولتڪار بڻجي ڪرسي خاطر سنڌ جي ساموندي پٽي کي وفاق جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار آهي هنن چيو ته اسٽيبلشمينٽ سنڌ جي معدني وسيلن، زمينن، درياهه بندر گاهه ڪراچي ۽ ساموندي پٽي تي قبضي ڪرڻ لاءِ سنڌ کي ٽوڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري نوان صوبا يا انتظامي يونٽ ٺاهڻ لاءِ پنهنجي خاص نمائندن محسن نقوي، فيصل واوڊا، ايم ڪيو ايم ۽ مخصوص ٽي وي مالڪن ۽ اينڪر پرسن ذريعي زهريلي پروپيگنڊا مهم کي تيزي سان جاري رکي آهي سنڌ جو عوام سمجهي ٿو ته هي سنڌ جي وجود تي وار سان گڏ پاڪستان جي سالميت خلاف آهي. سنڌ سميت سمورن صوبن جا معدني وسيلا آمريڪا سامراج جي حوالي ڪرڻ جو ملڪ دشمن منصوبو آهي ان جي تصديق مسلم ليگ (ن) جي وفاقي وزير خواجه آصف پنهنجي بيان وسيلي ڪئي آهي هنن چيو ته گذريل 19 سالن کان سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت آهي ان عرصي دوران پيپلز پارٽي سنڌ جون سون جهڙيون زرخيز زمينون معدني وسيلا سنڌ جي حصي جي پاڻي ۽ سنڌ جي اجتماعي قومي ملڪيت، ثقافتي ماڳن کي اقتدار خاطر قسطن ۾ نيلام ڪري وفاقي حڪومت حوالي ڪندي پئي اچي سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون ايس آئي ايف سي ذريعي ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ عسڪري ادارن سان لاڳاپيل ڪمپنين کي ڏيڻ سنڌو درياهه مان ڪينال ڪڍڻ ۽ بوگس ڊجيٽل آدمشماري تي صحيح ڪرڻ واري منافقي واري پاسي کان عوام واقف آهي.هنن چيوته پيپلز پارٽيءَ جي اهڙي ٻهروپئي ڪردار جو چٽو مثال توهان سنڌ ۽ سڄي ملڪ جي عوام اڳيان موجود آهي ته جڏهن سڄي سنڌ ڇهن ڪئنال ڪڍڻ واري پاڻي جي ڌاڙي خلاف روڊن تي هئي ته ان وقت سنڌ جو وڏو وزير اهي اعلان ڪري رهيو هو ته ڪوبه ڪئنال نه پيو نهي، جڏهن ته انهن ڪئنالن جي منظوري 8 جولائي 2024 ع تي اسلام آباد جي صدارتي هاوس ۾ ويٺل پيپلز پارٽي جي صدر آصف علي زرداري ڏني سڄي سنڌ ڏسي رهي آهي ته سنڌ اسيمبلي ۾ نون صوبن انتظامي يونٽن بابت رٿ پيش ڪري بحث ڪرائي قرارداد پاس ڪرڻ کان پوءِ پيپلزپارٽي جي منافقي مڪاري ۽ ٻهروپي جو اندازو ان مان ڪري سگهجي ٿو ته هڪڙي پاسي "مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون" جا نعرا هڻي ٿي ٻئي طرف جيڪي سياسي پارٽيون ۽ ادبي تنظيمون سنڌ جي وحدت تي ٿيندڙ وار خلاف پرامن احتجاج ڪن ٿيون ته انهن جي رستا روڪ ڪري گرفتاريون ڪيون وڃن ٿيون ۽ ٽئي پاسي وري ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ لاءِ ريليون ۽ جلسا ڪري ٿي ته ان کي پيپلز پارٽي جي سنڌ سرڪار مڪمل پروٽوڪول ڏي ٿي هن وقت پيپلزپارٽي جو مڪروهه سياسي چهرو عوام آڏو ننگو ۽ اگهاڙو ٿي چڪو آهي سنڌ جو ڪروڙين عوام پيپلز پارٽي جي ايم اين جي ان بيان کان پوءِ اهو سمجهي ٿو ته پيپلز پارٽي جي قيادت سنڌ جو بندر گاهه سنڌ جا معدني ذخيرا ۽ ساموندي پٽي وفاق ڪرڻ چاهي ٿي ان طرح پنهنجي ڪرپشن ۽ ڪرسي بچائڻ لاءِ سنڌ جي مٿان ايمرجنسي جي لٽڪندڙ تلوار جي به حمايت ڪندي پيپلز پارٽي جي صدر زرداري خيبرپختون خوا صوبي ۾ جٿين غير آئيني ۽ غير قانوني گورنر راڄ ۽ 12 ضلعن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري عملي طور تي 12 ضلعن کي الڳ ڪري نئون يونٽ قائم ڪري ڇڏيو آهي اٿين ئي سنڌ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري ڪراچي کان وٺي ڪيٽي بندر ٺٽي، سجاول ۽ بدين ضلعن جي ساموندي پٽي کي سڌي طرح وفاق جي حوالي ڪرڻ جا سانباها ڪيا پيا وڃن پيپلز پارٽي جي تاريخ رهي آهي ته هن جمهوريت جو چوغو پائي غير جمهوري عمل ڪندي ملڪ ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسيون مڙهيون آهن. پيپلز پارٽي ٻهرين آدمشماري جي انگن اکرن تي اعتراض ڪيا ۽ ان کان پوءِ سي سي آئي جي اجلاس ۾ سنڌ جو وڏو وزير ڊجيٽل آدمشماري جي ڪوڙن انگن اکرن تي صحيحون ڪري آيو عوامي تحريڪ جي آرگنائيزنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو آهي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي ته سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، ساموندي پٽي کي وفاق جي حوالي ڪرڻ درياهه زمينن، معدني وسيلن تي قبضن خلاف جدوجهد کي تيز ڪيو ويندو ان سلسلي ۾ سمورن ضلعي هيڊ ڪوارٽرن ۾ سيمينار ڪيا ويندا. جنهن ۾ سنڌ جي سياسي ساڃاهه وندن اديبن، شاعرن صحافين، وڪيلن هارين، شاگردن ۽ مزدور اڳواڻن کي دعوتون ڏنيون وينديون

بقايا 19 روزاني عبرت

آجيان ڪئي وئي جڏهن ته اسپتال جي ڊائريڪٽر عبدالفتاح ميمڻ حميت الله، صالح ميمڻ سينيئر ڊاڪٽر ولي الله ۽ پروفيسر عطاالله سميت علائقي جي معزز شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي ايمان پولي ڪلينڪ جي سهڪار سان قائم ٿيندڙ هن اسپتال جي قيام کي مقامي ماڻهن پاران صحت جي شعبي ۾ هڪ وڏي اڳڀرائي قرار ڏنو ويو آهي ڇاڪاڻ ته اکين جي علاج لاءِ اڳ ۾ مريضن کي ڏورانهن وڏن شهرن جو سفر ڪرڻو پوندو هو جنهن سان سندن وقت ۽ پئسن جو وڏو زيان ٿيندو هو تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن ۽ شرڪت ڪندڙن چيو ته مقامي سطح تي جديد سهولتن سان ليس اکين جي اسپتال کلڻ سان نه رڳو گولاڙچي ۽ ڀرپاسي جي علائقن جي غريب ۽ مسڪين ماڻهن کي ويجهو مناسب ۽ معياري علاج ميسر ٿيندو، جنهن سان اکين جي مختلف بيمارين جي بروقت سڃاڻپ ۽ علاج ممڪن بڻجي سگهندو علائقي واسين اسپتال انتظاميا جي هن قدم کي ڀرپور ساراهيندي صحت جي ميدان ۾ هڪ وڏي راحت قرار ڏنو

بقايا 20 روزاني عبرت

هفتيوار جدوجهد کي جاري رکندي شهري هن آچر تي به روڊن تي نڪري آيا. ان سلسلي ۾ باهم تعلقه مورمينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳوائيءَ ۾ شهرين باهم ميڊيا هائوس کان حيدر چوڪ تائين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو جنهن ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن علي انور عسڪري، اصغر نوناري، محمد علي خشڪ دودو ديشي مولا بخش ڦليوٽو منور نوناري، عبدالله بروهي غفاري، نور ساريو اياز ساريو غلام شبير حيدري، اصغر بروهي محمد امين سيال الهيار چانڊيو افضل سائيل دلدار ڦليوٽو رونق ڦليوٽو نادر ڦليوٽو غلام شبير ڦليوٽو وزير سيال علي زهري ۽ ٻين شرڪت ڪري "حڪمرانو پنهنجا واعدا پورا ڪيو ۽ باهم کي تعلقو ڪيو" جا زوردار نعرا هنيا. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو ته باهم مان پيپلز پارٽي جي چونڊيل نمائندن شهرين کان باهم کي تعلقي جو درجو ڏيارائڻ واري واعدي جي موٽ ۾ ووٽ ورتا، پر انتهائي افسوس سان چوڻو پئجي رهيو آهي ته هنن پنهنجا واعدا وفا نه ڪيا آهن سندن ان حوالي سان ڪن لاڪار ۽ لاپرواهي باهم جي ماڻهن جي دل آزاري ڪئي آهي جيڪا ناقابل برداشت آهي هنن چيو ته آدمشماري توڙي تڪبندي ٻنهي لحاظن کان باهم تعلقي بڻجڻ جو حق رکي ٿو جنهن جو اقرار پيپلز پارٽي حڪمران ۽ ضلعي لاڙڪاڻي جي واسطيدار بيورو ڪريسي پڻ ڪري چڪي آهي تنهن ڪري هاڻي اها ڪن لاڪار ڪرڻ جي ڪا به گنجائش باقي نه ٿي رهي هنن گهر ڪئي ته باهم کي تعلقي جو درجو ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو ۽ هي جدوجهد تيستائين جاري رهندي، جيستائين باهم کي تعلقي جو درجو نه ٿو ڏنو وڃي

بقايا 21 روزاني عبرت

پارٽي عهديدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي تقريب دوران شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي ۽ دعا گهري وئي.ان موقعي تي بئريسٽر پير مجيب الحق ۽ فياض احمد ڀٽ چيو ته سانحو ڪار ساز پاڪستان جي تاريخ جو هڪ دردناڪ واقعو هو جنهن ۾ جمهوريت ۽ عوامي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙن پنهنجيون جانيون قربان ڪيون هنن چيو ته سانحي ڪار ساز جي شهيدن جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون

بقايا 22 روزاني عبرت

سال اڳ ان ئي ڏينهن لکين پاڪستاني پنهنجي قائد شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي سالن جي جلاوطني بعد وطن واپسي تي سندس آجيان لاءِ ڪراچي ۾ گڏ ٿيا، هو جمهوريت، امن ۽ بهتر مستقبل جون اميدون کڻي آيا هئا پر دهشتگردن اميد ۽ خوشي جي ان تقريب کي رتوڇاڻ ۽ تباهي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ 180 کان وڌيڪ بي گناهه ماڻهو شهيد ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا هن ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڏک ۽ فخر سان ياد ڪندي چيو ته هو رڳو سياسي ڪارڪن نه پر اهڙا پاڪستاني هئا جيڪي پنهنجي ملڪ کي خوف ۽ تشدد کان پاڪ مستقبل ڏانهن وڌندي ڏسڻ چاهن پيا، سندن ڪٽنب ڀاتي اڄ به ان المناڪ رات جو درد پنهنجي دلين ۾ رکيو آهي خاتون اول چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي درپيش خطرن جو علم هو پر هن انتهاپسندي جي قوتن آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان انڪار ڪيو ڪيس يقين هو ته دهشتگردي کي پاڪستان جي تقدير جو فيصلو ڪرڻ يا عوام جي جمهوري خواهشن کي خاموش ڪرڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڪارساز سانحي ۾ محفوظ رهي پر رڳو 70 ڏينهن بعد دهشتگردي سندس جان به وٺي ڇڏي هن چيو ته ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ياد ڪندي دهشتگردي جو نشانو بڻيل هر بي گناهه شهري، ٻار استاد، پوليس اهلڪار ۽ سيڪيورٽي فورسز جي جوانن جي قربانين کي به ياد رکڻ گهرجي هن نوجوانن تي زور ڀريو ته هو انهن قربانين کي رڳو ياد ڪرڻ تائين محدود نه رکن پر پنهنجي روزاني جي عمل سان انهن جو احترام ڪن نفرت خلاف بيهڻ،اختلافن جو احترام ڪن ٻين جي وقار جو دفاع ڪن ۽ تشدد ۽ ناانصافي خلاف آواز اٿارڻ خاتون اول دعا ڪئي ته الله تعالىٰ ڪارساز سانحي جي شهيدن کي جنت ۾ جايون ڏئي ۽ سندن ڪٽنب ڀاتين کي صبر عطا ڪري هن اميد ظاهر ڪئي شهيدن جون قربانيون هڪ پرامن رواداري جمهوري ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير لاءِ تحريڪ جو ذريعو بڻجنديون رهنديون

بقايا 23 روزاني عبرت

ڊاڪٽر غلام حيدر سميجو ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي سينيئر پونجومل ڀيل جنرل سيڪريٽري سشيل ملاڻي ڪامريڊ تندلال مالهي، ويرجي ڪولهي، وڪيل ڪندن مالهي، ڪملا ڀيل، فقير فيصل بلالاڻي سراج سومرو امير علي دل ارباب اڪبر عادل ذوالفقار سميجو سليم راهمون، عمرلنڊ، پيرولال مڪي، وڪيل موهن ڀيل لالا لجپت ڀيل، غلام محمد جوڻيجو انورلنڊ، پرديپ مهراج ارباب خاصخيلي، وڪيل ڪنور اس ناشاد رضوان، سنجڻ مالهي، نبي بخش درس سميت ضلعي ۽ تعلقي جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ڪار ساز سانحي جا شهيد اسان جو فخر آهن. جن پنهنجي جانين جو نذرانو ڏئي جمهوريت جي بالادستي، آئين جي بقا ۽ ملڪ ۾ عوامي راڄ جي بحالي لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي. پ پ پ ڪارڪنن جو اهو قربانين وارو سفر هميشه جاري رهندو ۽ شهيدن جو مشن هر حالت ۾ اڳتي وڌايو ويندو آخر ۾ ڪار ساز سانحي سميت ملڪ ۽ جمهوريت لاءِ زندگيون قربان ڪندڙ سڀني شهيدن جي مغفرت ۽ درجن جي بلندي لاءِ هٿ کڻي دعا گهري وئي.

بقايا 24 روزاني عبرت

عامر خان شهلياڻي جهانگير احمد ڪوسو رفيق احمد ويسر ڪامران خان پيچوهو عبدالنبي لاشاري سميت ٻيا وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. ڪوٺايل تقريب ۾ قرآن خواني ڪرائي شهيدن جي روح کي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ دعا پڻ گهري وئي ان موقعي تي پي پي پي لاڙڪاڻو ڊويزن جي صدر مير اعجاز حسين جکراڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته اسين اڄوڪي ڏينهن تي ڪراچي ڪارساز سانحي ۾ شهيد ٿي ويلن ڪارڪنن کي سرخ سلام پيش ڪيون ٿا جنهن ملڪ جي بقا، جمهوريت جي بحالي ۽ پارٽي جي مضبوطي لاءِ پنهنجي جانين جا نظرانا ڏنا. هنن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي شهيدن جي پارٽي آهي جنهن جي ليڊرشپ ذوالفقار علي ڀٽو وٽي ڪارڪنن به شهادتون ماڻيون آهن جيڪو اسان لاءِ فخر جو مقام آهي، هنن چيو ته ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي سميت پارٽي جي بلند وقار ۽ قيادت جي حفاظت لاءِ پنهنجي جانين جا نظرانا ڏيندڙ ڪراچي ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪيون ٿا

بقايا 25 روزاني عبرت

سندس رهائش تي ادا ڪئي وئي تقريب ۾ تر جي چڱن مڙسن ماڻهن ۽ پي پي اڳواڻن شرڪت ڪئي، مرحوم جي پڳ سندس وڏي فرزند صحافي امير يار شاهاڻي کي برادريءَ جي نيڪ مردن ۽ چڱن پاران ٻڌرائي وئي، تقريب دوران ماحول سوڳوار ۽ هر اک آلي هئي جڏهن ته پڳ واري رسم ۾ ايس ڪي پي اڳواڻ حيدر شاهاڻي، سندس ڀاءُ شڪيل احمد شاهاڻي دريا خان شاهاڻي، ايڊووڪيٽ شهريار شاهاڻي، رحمان علي شاهاڻي فتح علي شاهاڻي، يونين آف جرنلسٽ ضلعي خيرپور جي نائب صدر اڪبر شاهاڻي، پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ سيد معشوق علي شاهه جيلاني، تعلقه نري ميرواهه جي صدر آفتاب شاهه جيلاني، خيرپور يونين آف جرنلسٽس جنرل سيڪريٽري نويد احمد کهڙو جسقم جي مرڪزي اڳواڻ امجد خان مهيسر ڪامريڊ نثار ابڙو تعلقه سوڀوديرو جي صدر الله ورايو چنو نائب صدر عباس راڄپر گدا حسين سهتو عبدالله خان جتوئي، ارشاد راڄپر قلندر بخش راڄپر علي مدد عرف نانا شاهي ايس ايڇ او عبدالجبار ميمڻ سيٺ گل محمد شاهاڻي، جسقم اڳواڻ اياز ڪورائي، هادي بخش ناريجو جي ڊي اي تعلقه سوڀوديرو جو ڪنوينر ڊاڪٽر ذاڪر سولنگي ضلعي ڪائونسل ميمبر امداد سولنگي، پ ٽ ايف اڳواڻ محمد عاصم سولنگي پريس ڪلب راڻيپور صدر رحيم سولنگي، ڪوشش رپورٽر سينيئر صحافي شڪيل شيخ سينئر صحافي علي مردان شاهاڻي، سردار احمد خان لنڊ، ايڊوڪيٽ افتخار شاهاڻي انٽرنيشنل پريس ڪلب راڻيپور صدر وحيد علي شاهاڻي، صحافي فياض حسين راڄپر علي رضا شاهاڻي آمام بخش شاهاڻي، صحافي نثار سهتو خيرپور نيشنل پريس ڪلب جو صدر صحافي محمد بخش راڄپر نوروز شاهاڻي وسيم شاهاڻي سيٺ راشد ڪوڪر ،صدام شاهاڻي، صحافي نديم شيخ اشفاق سولنگي سميت سميت برادري جي معزز سياسي ۽ سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ ڪيهجي جي دعا ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته آخر ۾ خيرات ۾ مانئي تقسيم ڪيو وئي ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ اجتماعي دعا پڻ گهري وئي.

بقايا 26 روزاني عبرت

هزار روپيا چوري ڪري ويا سندن جا غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي خراب ٿي ويا آهن اسانکي بليڪ ميل ڪري سوشل ميڊيا تي گند ڪري ڪوڙا بيان ڏئي رهيا آهن مذڪوره پوڪا منهنجيءَ پٽ جي جان جا ويري بڻجي ويا آهن مونکي هنن پوڪن مان جاني مالي خطرو آهي موٽمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هن وڌيڪ ٻڌايو ته پوڪن اڳ به مونکي تشدد جو نشانو بڻايو آهي هاڻي مونکي هنن مان خطرو آهي اسين هنن کان لاتعلقي جو اظهار ڪيون ٿا هنن سنڌ جي اعلي عدالت ايس ايس پي نوشهرو فيروز ڊي ايس پي مورو کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 27 روزاني عبرت

بهتري لاءِ سنڌ جي تجربن مان سکڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي آهي سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه ان اڳڀرائي کي اهم ڪاميابي قرار ڏيندي چيو آهي ته سنڌ جي ٽيچر لائسنسنگ پاليسي تعليم ۽ تدريس جي شعبي ۾ پاڪستان جي سڌارن واري قيادت جي عڪاسي ڪري ٿي هن چيو ته سنڌ جو اهو تجربو ترقي پذير ملڪن ۾ تعليمي معيار بهتر بڻائڻ ۽ استادن جي پيشورائي صلاحيتن ۾ واڌ لاءِ نوان رستا متعين ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو سنڌ ٽيچرز ايجوڪيشن ڊوليپمينٽ اٿارٽي (STEDA) جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سيد رسول بخش شاهه جي قيادت ۾ سنڌ جي وفد هلندڙ مهيني سريلنڪا جي شهر ڪولمبو ۾ منعقد ٿيل DHIS2 ايشيا پئسفڪ ڪانفرنس 2026ع ۾ سنڌ حڪومت جي اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي کاتي جي نمائندگي ڪئي ڪانفرنس جو اهتمام HISP Asia پاران GPE-KIX EMAP Hubجي سهڪار سان ڪيو ويو جنهن ۾ پاڪستان مصر بنگلاديش تيونس سريلنڪا ۽ مالديپ جي سرڪاري نمائندن تعليمي ماهرن محققن ۽ ترقياتي ڀائيوارن شرڪت ڪئي ڪانفرنس دوران سنڌ حڪومت جي ٽيچر لائسنسنگ پاليسي ۽ STEDA ذريعي ان تي عملدرآمد بابت تفصيل پيش ڪيا ويا. ان قدم جو مقصد تدريس جي شعبي کي پيشورائي بنيادن تي مضبوط بڻائڻ استادن جي معيار کي بهتر ڪرڻ ۽ ٽيچر ايجوڪيشن ۾ معيار جي جاچ ۽ بهتري لاءِ اثرائتو نظام متعارف ڪرائڻ آهي ايجوڪيشن ڊوليپمينٽ فنڊ (EDF) جي سيڪريٽري جنرل ۽ KIX- EMAP Hub۾ ڏکڻ ايشيا، وچ اوڀر ۽ اتر آفريڪا لاءِ نالج ليڊ رشا شرف سنڌ جي ٽيچر لائسنسنگ واري قدم کي ساراهيندي چيو ته ڇهن ملڪن جي نمائندن جو هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿي سنڌ جي تجربن مان فائدو حاصل ڪرڻ مثبت اڳڀرائي آهي هن چيو ته سنڌ ٽيچر لائسنسنگ جي تجويز پيش ڪرڻ ۽ ان تي عملي اڳڀرائي ذريعي خطي ۾ رهنمائي وارو ڪردار ادا ڪيو آهي رشا شرف ان ڳالهه تي به زور ڏنو ته سنڌ جا تجربا ٻين ملڪن لاءِ ان حوالي سان اهم رهنمائي فراهم ڪن ٿا ته ٽيچر لائسنسنگ تي عملدرآمد دوران پيش ايندڙ انتظامي ڏکيائين استادن جي خدشن ۽ ردعمل کي ڪيئن منهن ڏئي سگهجي ٿو ان سان گڏ پاليسي تي عملدرآمد لاءِ حڪومتي ۽ عوامي سطح تي اثرائتي رابطن ۽ هم آهنگي جي اهميت پڻ اجاگر ٿي رشا شرف علم جي متاسنا لاءِ سنڌ جي ٽيم ۽ GPE- KIX EMAP Hubجا ٿورا مڃيا، جن مختلف ملڪن جي نمائندن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو سنڌ جي تجربن جي روشنيءَ ۾ شرڪت ڪندڙ ملڪن پاڪستان جي وفاقي حڪومت ۽ ٻين صوبائي حڪومتن جي نمائندن پاران جنوري 2027ع ۾ پنهنجا پنهنجا ٽيچر لائسنسنگ منصوبا پيش ڪرڻ جي اميد آهي. اها سرگرمي KIX تحت علم جي متاسنا ۽ تعليمي سڌارن لاءِ جاري وسيع تر ڪوشش جو حصو هوندي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ ٽيچر لائسنسنگ پاليسي جو نفاذ پيپلز پارٽي جي حڪومت جي سنجيده ڪوشش ۽ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل سمورن ڌرين جي گڏيل سهڪار ۽ تعاون جو نتيجو آهي. جنهن سان صوبي ۾ استادن جي پيشورائي ترقي ۽ تدريسي معيار کي بهتر بڻائڻ جي راهه هموار ٿي آهي ڪانفرنس دوران ان ڳالهه تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ته استادن جي پيشورائي اهليت ۽ تدريسي معيار ۾ بهتري سان شاگردن جي تعليمي ڪارڪردگي ۽ مجموعي تعليمي ترقي تي مثبت اثر پئجي سگهن ٿا

بقايا 28 روزاني عبرت

ڪندي چيو ته ڪارساز جا شهيد پارٽي جا شهيد ۽ شهيد راڻي بينظير ڀٽو جا جانثار آهن جن کي هميشه ياد رکيو ويندو انهن چيو ته پ پ سدائين جمهوريت جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ جمهوريت لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن پ پ سنڌ ۽ ملڪ جي عوام جي وڏي خدمت ڪئي آهي ۽ خدمت جو اهو سلسلو جاري رهندو انهن چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ دهشتگردي خلاف پ پ جدوجهد ڪئي آهي اسان جي اڳواڻن ڪندڙ ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي توڙي امن ۽ امان سميت روزگار لاءِ ميدان عمل ۾ آهي انهن چيو ته 18 آڪٽوبر جي شهيدن جون قربانيون رائگان نه وينديون

بقايا 29 روزاني عبرت

نوٽيس وٺن ۽ انهن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي ينگ شيرازي ويلفيئر جي نوجوانن جو چوڻ هو ته ڪوٽڙي جا چونڊيل نمائندا ڪين مسلسل نظرانداز ڪري رهيا آهن. جڏهن ته هو انهن جا ووٽر آهن ۽ هر اليڪشن ۾ ڀرپور نموني سان چونڊ مهم ۾ حصو وٺندا رهيا آهن ان باوجود ڪين روزگار جي حوالي سان نظرانداز ڪيو پيو وڃي، جيڪا ساڻن ناانصافي آهي نوجوانن چيو ته ڪوٽڙي ۾ هزارين فيڪٽريون ۽ صنعتي ادارا موجود آهن پر افسوس جو مقامي نوجوانن خاص طور سنڌي نوجوانن لاءِ روزگار جا دروازا بند نظر اچي رهيا آهن بيروزگاري سبب نوجوان سخت معاشي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ پنهنجي خاندانن جي ڪفالت ڪرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته مقامي نوجوانن کي روزگار ڏيڻ سان نه رڳو بيروزگاري ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي پر نوجوانن کي به پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو موقعو ملندو چونڊيل نمائندن جي ذميواري آهي ته هو پنهنجي علائقي جي نوجوانن جي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ سنجيده ڪوششون ڪن ينگ شيرازي ويلفيئر جي نوجوانن پ پ ايم پي اي، ايم اين اي، ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته سندن جائز مطالبي جو فوري نوٽيس وٺي ڪوٽڙي جي مقامي نوجوانن، خاص طور سنڌي نوجوانن کي فيڪٽرين ۽ صنعتي ادارن ۾ روزگار جا مناسب موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن جيئن نوجوانن ۾ پکڙيل بيروزگاري ۽ مايوسي جو خاتمو اچي سگهي

بقايا 30 روزاني عبرت

منگنيجو سميت 5 کان وڌيڪ ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين کي رورل هيلٿ سينٽر هنگورجا منتقل ڪيو ويو جتان وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال خيرپور ريفر ڪيو ويو واقعي خلاف منگنيجا برادري پاران نيشنل هاءِ وي بند ڪري احتجاج ڪيو ويو جنهن سبب گاڏين جون قطارون لڳي ويون اطلاع تي ايس ايڇ او هنگورجا امداد شيخ پوليس نفري سميت پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري روڊ کولرائي ٽريفڪ بحال ڪرائي ڇڏي واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ برقرار آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ٽنڊوآدم ۾ ورياهه هائوس تي قرآن خواني ۽ دعائيه تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي سانگهڙ جي صدر ايم پي اي علي حسن هنگورجو جنرل سيڪريٽري جهانگير جوڻيجو عمران ڏامراهه تعلقي ٽنڊوآدم جي صدر جاويد شورو پي پي ٽنڊوآدم سٽي صدر تاج محمد ورياهه ايم پي اي چامر شبير علي خان ايم پي اي شاهد سلام ٿهيم پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ ضلعي صدر رخسانه شر ميونسپل ڪاميٽي ٽنڊوآدم جي چيئرمين غلام مرتضيٰ جوڻيجو. ملڪ ذوالفقار روشن . رئيس اسامر سري، اختر زرداري، وڏيرو سالم ابڙو ، ڏاڏا شير محمد ڏيرو اعجاز زرداري، وقار قادر جوڻيجو ذوالفقار سانڊ، سيد سبطين شاهه محمد آچر سانڊ، مقبول نظاماڻي، نثار وساڻ، چوڌري اشرف آرائين سميت پارٽي اڳواڻن عهديدارن ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب دوران ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪئي وئي، جڏهن ته سندن مغفرت بلند درجن ۽ ملڪ ۾ امن سڪون سلامتي ۽ جمهوريت جي مضبوطيءَ لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته 18 آڪٽوبر 2007ع پاڪستان جي تاريخ جو هڪ ڏکوئيندڙ ڏينهن آهي جڏهن شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جلاوطنيءَ کان پوءِ وطن واپس موٽي هئي ۽ ڪراچيءَ ۾ لکين ماڻهن سندس تاريخي آجيان ڪئي هئي هنن چيو ته شهيد راڻي جي آجيان لاءِ آيل بيگناهه ماڻهن جي ان ميڙ تي ڪارساز وٽ دهشتگرد حملو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جا سوين جيالا، بهادر ڪارڪن ۽ جمهوريت جا متوالا شهيد ٿي ويا، جڏهن ته ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿيا. اهو سانحو رڳو هڪ سياسي جماعت لاءِ نه پر سڄي سنڌ سميت ملڪ جي عوام لاءِ ناقابل فراموش ڏک ۽ صدمي جو سبب بڻيو اڳواڻن چيو ته ڪارساز جا شهيد پنهنجي رت سان جمهوريت جي ڏيئي کي روشن ڪندڙ اهي اڏول انسان هئا، جن پنهنجي جانين جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ عوام جي حقن، آزاديءَ ۽ جمهوري قدرن لاءِ قربانيون ڏنيون سندن رت رائگان نه ويو پر تاريخ جي ورقن تي هميشه لاءِ امر ٿي ويو شهيدن جي بهادري، همت ۽ ايثار جو ذڪر ايندڙ نسلن لاءِ به اتساهه جو ڪارڻ رهندو.هنن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي تاريخ جدوجهد، جاکوڙ قربانين ۽ عوام سان وفاداريءَ جي تاريخ آهي پارٽيءَ جي ڪارڪنن هر ڏکئي وقت ۾ جمهوريت جو جهنڊو بلند رکيو آهي ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي آهي اڳواڻن چيو ته شهيدن کي سچي ڀيٽا تڏهن ئي پيش ڪري سگهجي ٿي جڏهن سندن ڇڏيل واٽ تي هلندي عوام جي خدمت، غريبن جي سار سنڀال مظلومن جي واهر ۽ جمهوري قدرن جي پاسداري ڪئي وڃي

بقايا 32 روزاني عبرت

مرڪزي تقريب ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ۾ منعقد ڪئي وئي تقريب جو مقصد ٽراما ڪيئر طبي تحقيق ۽ عوامي آگاهي جي شعبن ۾ گذريل ڏهن سالن دوران ڪيل خدمتن ۽ ڪاميابين کي اجاگر ڪرڻ هو تقريب ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبر نفيسه شاهه ايس ايم بي بي آءِ ٽي جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد صابر ميمڻ ڊائو يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر سعيد قريشي، سينيئر صحافي جبار خٽڪ ڊاڪٽر بيٽش سميت سياسي، سماجي ۽ طبي شعبن سان لاڳاپيل اهم شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو خطاب ڪندي چيو ته اهڙي اهم موضوع تي منعقد ٿيندڙ تقريب ۾ شرڪت ۽ خطاب ڪرڻ سندس لاءِ اعزاز آهي هن چيو ته حادثن کان بچاءُ ۽ هنگامي حالتن کي مؤثر نموني منهن ڏيڻ لاءِ عوام ۾ شعور ۽ آگاهي پيدا ڪرڻ انتهائي ضروري آهي هن چيو ته حادثن دوران بروقت قدم کڻڻ فوري طبي امداد فراهم ڪرڻ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ طبي مرڪزن وچ ۾ اثرائتو سهڪار انساني جانيون بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو آءِ جي سنڌ موجب سنڌ پوليس حادثن ۽ هنگامي حالتن ۾ ترت ردعمل کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڪيمرائن کان مدد ورتي آهي ٽريفڪ ريگيوليشن اينڊ سٽي ڪنٽرول سسٽم (TRACS)جي نفاذ سان ٽريفڪ جي نظم ۽ ضبط کي بهتر بڻائڻ ۽ حادثن ۾ گهٽتائي آڻڻ ۾ مدد ملي آهي جاويد عالم اوڍو چيو ته ٽراما کان بچاءَ لاءِ شهرين ۾ احتياطي تدبيرن حادثن جي روڪٿام ۽ ابتدائي طبي امداد بابت شعور اجاگر ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هنگامي حالتن ۾ پوليس ۽ طبي ادارن وچ ۾ بهتر رابطي ۽ بروقت ڪارروائي سان انساني جانيون بچائي سگهجن ٿيون هن وڌيڪ چيو ته پوليس اهلڪار اڪثر حادثن واري هنڌ تي سڀ کان پهريان پهچندڙ امدادي اهلڪارن ۾ شامل هوندا آهن جيڪڏهن اسپتالن پاران پوليس اهلڪارن کي ابتدائي طبي امداد جي باقاعده تربيت فراهم ڪئي وڃي ته اهي حادثن ۾ زخمي ٿيندڙ ماڻهن کي بروقت ۽ بهتر مدد فراهم ڪري سگهن ٿا. آءِ جي سنڌ چيو ته حادثي ڪانپوءِ شروعاتي ڪجهه لمحا انتهائي اهم هوندا آهن جن دوران بروقت ۽ درست قدم زخمي جي جان بچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. صحيح طريقي سان ڏنل ابتدائي طبي امداد زخمين جي حالت وڌيڪ خراب ٿيڻ کان روڪڻ ۽ سندن زندگيون بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي هن چيو ته شهرين کي حادثن کان بچاءَ هنگامي حالتن ۾ ذميوارانه رويي ۽ ابتدائي طبي امداد جي بنيادي تربيت بابت آگاهي ڏيڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي جاويد عالم اوڍو جو چوڻ هو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو ڪردار صرف امن امان برقرار رکڻ تائين محدود ناهي پر هنگامي حالتن ۾ شهرين جي حفاظت ۽ امدادي ڪارروائين ۾ سهڪار فراهم ڪرڻ به سندن اهم ذميواري آهي هن شهيد محترمه بينظير ڀٽو ٽراما سينٽر جي هنگامي طبي سهولتن جي فراهمي ۽ حادثن بابت عوامي آگاهي وڌائڻ لاءِ ڪيل ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته حادثن جي روڪٿام بروقت طبي امداد ۽ عوامي شعور جي واڌاري لاءِ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت آهي آءِ جي سنڌ چيو ته انساني جانين جو تحفظ اسان جي اولين ترجيح آهي. جنهن لاءِ سڀني لاڳاپيل ادارن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو حادثن کان بچاءُ ۽ هنگامي حالتن کي مؤثر نموني منهن ڏيڻ لاءِ عوامي شعور ادارن وچ ۾ سهڪار ۽ بروقت قدم کڻڻ انتهائي ضروري آهن

بقايا 33 روزاني عبرت

گٽڪا ۽ منشيات کڻڻ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪار پڻ هٿ ڪري مٿين منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته آهي گٽڪا ٽنڊوآدم جي منشيات فروش لالومري کي پهچائڻا هئا

بقايا 34 روزاني عبرت

جنهن ۾ پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪري ڪار ساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي ۽ سندن مغفرت لاءِ دعا گهري. تقريب پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي حيدرآباد جي صدر سيد طارق شاهه ڄاموٽ، جنرل سيڪريٽري وسيم راجپوت جي اهتمام هيٺ منعقد ٿيل تقريب ۾ ضلعي انفارميشن سيڪريٽري عمير چانڊيو صنم ڪاليس زاهد پگهڙ، ڊپٽي ميئر صغير قريشي، اظهر سيال عشرت مغل سميت ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پارٽي اڳواڻن پنهنجي مختصر خطابن ۾ چيو ته 18 آڪٽوبر پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو هڪ اهم ڏينهن آهي. جڏهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وطن واپسيءَ جي موقعي تي ڪراچيءَ جي ڪار ساز واري علائقي ۾ ٿيل دهشتگرد حملي ۾ ڪيترائي ڪارڪن شهيد ۽ زخمي ٿيا هئا.هنن چيو ته ڪار ساز جا شهيد جمهوريت، عوامي حقن ۽ جمهوري جدوجهد جي تاريخ جو حصو آهن جن جي قربانين کي هميشه ياد رکيو ويندو اڳواڻن چيو ته پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن جمهوريت جي بحالي ۽ عوامي حقن لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن جڏهن ته ڪار ساز سانحي جا شهيد پارٽيءَ جي تاريخ ۾ خاص مقام رکن ٿا. هنن شهيدن جي مشن کي اڳتي وڌائڻ ۽ جمهوريت جي مضبوطيءَ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو تقريب دوران قرآن خواني ڪري شهيدن جي روحن کي ايصال ثواب پهچايو ويو جڏهن ته شهيدن جي مغفرت، بلند درجات، ملڪ جي سلامتي، استحڪام ۽ خوشحاليءَ لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي، هوڏانهن ٻئي طرف حيدرآباد پريس ڪلب جي سامهون پ پ ڪلچر ونگ پاران لياقت شاهاڻي، جي اڳوائي ۾ ڪار ساز سانحي جي ياد ۾ ڏيئا ٻاري شهيد ٿيلن جون تصويرون رکي گلن جي ورکا ڪري ڀيٽا پيش ڪئي وئي، جنهن ۾ عورت ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 35 روزاني عبرت

هاري تحريڪ عوامي تحريڪ ۽ ٻين ساڃاهه وندن شرڪت ڪري عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ آواز بلند ڪيو احتجاجي ريلي جي اڳواڻي سنڌي هاري تحريڪ ضلعي ٿرپارڪر جي صدر عالم پاتاڻي سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزنگ سيڪريٽري دريا خان زنئون عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ڪرشن ميگهواڙ دولت رام ايڊووڪيٽ ديوتراءِ عوامي تحريڪ تعلقي ننگرپارڪر جي صدر ڏاهو ڪولهي ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته روزمره جي استعمال وارين شين جا اگهه گهٽايا عوام کي وڌندڙ مهانگائيءَ کان ڇوٽڪارو ڏنو وڃي، پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه گهٽايا وڃن ۽ عام ماڻهن جي معاشي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ هنگامي قدم کنيا وڃن هنن چيو ته مهانگائيءَ سبب پورهيت، هاري، مزدور ۽ غريب خاندان سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن جڏهن ته سندن آمدنيءَ ۾ واڌ بدران زندگيءَ جا خرچ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن اڳواڻن سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ وارين سازشن جي خاتمي جو مطالبو ڪندي چيو ته سنڌ جي وحدت، وسيلن ۽ عوام جي حقن جو تحفظ ڪيو وڃي سنڌ جي زمينن، وسيلن ۽ قومي حقن بابت ڪنهن به اهڙي پاليسيءَ کي قبول نه ڪيو ويندو جيڪا سنڌ جي عوام جي مفادن جي ابتڙ هجي هنن ٿرپارڪر جي زرعي مسئلن تي ڳڻتي ظاهر ڪندي مطالبو ڪيو ته ٿر ۾ زرعي پيداوار وڌائڻ هارين کي مالي سهائتا فراهم ڪرڻ، فصلن جي نقصان جو ازالو ڪرڻ ۽ ڏڪار ستيل علائقي ٿرپارڪر لاءِ خصوصي امدادي پيڪيج جو اعلان ڪيو وڃي ٿر جي هارين کي فوري رليف، مالوند ماڻهن کي چوپائي مال لاءِ مناسب چارو ۽ پاڻي فراهم ڪيو وڃي، جيئن سندن مال کي بک ۽ بيمارين کان بچائي سگهجي

بقايا 36 روزاني عبرت

ماڻهن معذور عورتن ۽ ٻارن کي مفت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ ڏينهن واري مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي، جنهن دوران 50 کان وڌيڪ ماڻهن جو طبي معائنو ڪري ڪين مفت دوائون فراهم ڪيون ويون ڪوٽڙي ۾ قائم پاڪستان انڊيپينڊنس لوِنگ سينٽر ۽ گاهه گڪٽيڊ اسپيشل پرسن ويلفيئر اڪيڊمي ۾ سول فارما جي سي اي او شاهه فيصل جي ڪوشش سان هيءَ مفت ميڊيڪل ڪيمپ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڪراچيءَ کان آيل ڪنسلٽنٽ پروفيسر ماجد عابدي پنهنجي ٽيم سان گڏ شرڪت ڪئي ڪيمپ دوران پروفيسر ماجد عابدي ۽ سندس ٽيم ذهني مرضن ۾ مبتلا مريضن، معذور عورتن ۽ ٻارن سميت ٻين ضرورت مند ماڻهن جي طبي چڪاس ڪئي ان موقعي تي مريضن کي سندن طبي ضرورتن موجب مفت دوائون پڻ فراهم ڪيون ويون. جڏهن ته سمورن مريضن جي چڪاس ۽ ڪيمپ جي انتظامن جي نگراني شيخ عبدالڪوهستاني ۽ نصيبا ملاح ڪئي . ڪيمپ جو مقصد ذهني مرضن ۾ مبتلا ماڻهن ۽ خاص طور تي معذور عورتن ۽ ٻارن کي سندن ويجهو مفت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ انهن جي صحت بابت مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ هو جيئن محدود وسيلن سبب علاج کان محروم رهندڙ ماڻهن کي طبي سهولتن تائين رسائي ملي سگهي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪئمپ جي منتظمين چيو ته ذهني مرضن ۾ مبتلا ماڻهن ۽ معذور ماڻهن کي خاص ڌيان مناسب علاج ۽ طبي سهولتن جي ضرورت آهي اهڙن ماڻهن جي وقت سر طبي چڪاس ۽ علاج سان سندن زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. هنن چيو ته معاشري جي محروم ۽ خاص ضرورتن وارن ماڻهن جي مدد ڪرڻ گڏيل سماجي ذميواري آهي، تنهن ڪري اهڙيون سرگرميون جاري رکڻ ۽ ضرورت مند ماڻهن تائين طبي سهولتون پهچائڻ لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي.ڪئمپ ۾ 50 کان وڌيڪ ماڻهن جي طبي چڪاس ۽ مفت دوائن جي فراهمي کي ضرورت مند ماڻهن لاءِ هڪ اهم سهولت قرار ڏنو ويو

بقايا 37 روزاني عبرت

بيڊمنٽن ايسوسيئيشن پاران سنڌ حڪومت جي اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز ڊپارٽمينٽ جي سهڪار سان منعقد ڪئي پئي وڃي جيڪا 18 کان 22 آڪٽوبر 2026 تائين جاري رهندي افتتاحي تقريب ۾ ايم پي اي سنڌ اسيمبلي صائم آغا، مختيار ڪار سکر سٽي بابر بالي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر اخلاق ميمڻ ۽ ٻين شخصيتن شرڪت ڪئي چيمپئن شپ ۾ سڄي ملڪ مان نوجوان رانديگر پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪري رهيا آهن جڏهن ته سنڌ، بلوچستان خيبر پختونخوا پنجاب، گلگت بلتستان ۽ اسلام آباد جون ٽيمون مقابلن ۾ حصو وٺي رهيون آهن پاڪستان آرمي پاڪستان واپڊا ۽ سوئي گئس سميت مختلف شعبن جون ٽيمون پڻ چيمپئن شپ جو حصو آهن انهن قومي سطح جي مقابلن ۾ نوجوان رانديگرن کي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ ۽ تجربو حاصل ڪرڻ جا موقعا ملندا. سکر لاءِ اهو اعزاز آهي ته هو هن چيمپئن شپ جي ميزباني ڪري، جيڪا حوصلا افزائي لاءِ منعقد ڪئي وئي آهي

بقايا 38 روزاني عبرت

غلام قادر دل . تعلقه انفارميشن سيڪريٽري شوڪت خاصخيلي . ڪلچرونگ ضلعي صدر عباس وساڻ . ڪلچرونگ نائب صدر منظر داؤداڻي . فقير سليم . جاويد لنڊ . محبوب پتافي . عبدالستار گراڙ . شڪور ڪنڀار ۽ ٻين تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا جن پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي وقت جي آمر کي ڳوڏا ڪوڙڻ تي مجبور ڪيو ۽ ملڪ ۾ مسلط آمريت جو خاتمو آڻي جمهوريت قائم ڪئي هنن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قائدين ۽ ڪارساز جي شهيدن ملڪ جي عوام جي حقن لاءِ پنهنجي خون جو نذرانو ڏنو شهيدن جي پارٽي جو قافلو اڄ به عوام جي حق جي پاسداري لاءِ جهدوجهد ڪري رهيو آهي ۽ پارٽي ڪڏهن به پنهنجي شهيد ورڪرن ۽ جيالن کي ناهي وساريو ۽ نه ڪڏهن وساريندي هنن چيو ته پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي ڪارساز جي شهيدن سميت پارٽي جو هر ورڪر پنهنجي جان کان وڌيڪ عزيز آهي ۽ حقيقت ۾ پارٽي ورڪر ۽ ملڪ جو مظلوم غريب ۽ مفلس ماڻهون ئي پارٽي جو اصل سرمايو آهن هنن وڌيڪ چيو ته نوجوان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي والده جي مشين تي ڪم ڪندي ملڪ جي عوام جي حقن لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري رهيو آهي جو ته ملڪ جي مسئلن جو حل صرف پاڪستان پيپلز پارٽي وٽ آهي اسان ڪارساز جي شهيدن جي وارثن سان به گڏ آهيون ۽ هر سال ساڳين طرح ڪين سنهري لفظن سان ڀيٽا پيش ڪئي ويندي

بقايا 39 روزاني عبرت

پڇيون ٻڌي دهل وڄائي بيٺو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪري انوکو احتجاج ڪيو جڏهن ته ميهڙ جي گهنٽا گهر چوڪ وٽ سنڌ جي نالي واري صوفي راڳي فقير خالد حسين پٽي به احتجاج ۾شامل ٿي گيت ڳائي ميهڙ واسين سان همدردي جو اظهار ڪيو احتجاجي مظاهري ۾ سياسي سماجي شهري واپاري دڪاندار، بلدياتي ادارن جا چونڊيل ڪائونسلر، ضلع ڪائونسل ميمبر ، يونين ڪائونسل جا چيئرمين ۽ وڏي تعداد ۾ ميهڙ واسين شرڪت ڪئي مظاهرين شهر ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف زوردار نعريبازي ڪئي ، ٽڪ جي نمائندن ۽ ضلع ، تعلقي انتظاميه خلاف چٽي تنقيد ڪئي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو ، پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو ، هاءِ ڪورٽ بار جي وڪيل عابد ڪلهوڙو ، اي جي پي اڳواڻ وڪيل ساجد چانڊيو ، ڪائونسلرن عبدالمجيد مهيسر ، سيد فتاح شاهه ،زبير علي سمون ڪرياڻ مرچنٽ جو صدر محبوب علي ڪوسو ،محمد هاشم برڙو ، ايس يو پي اڳواڻ فقير محمد ٽيو ، حبيب حضوري ، حسن پنهور ۽ ٻين چيو ته پيپلزپارٽي جي 17 سالا اقتداري دور ۾ ميهڙ شهر جا بنيادي مسئلا حل نه ٿي سگهيا آهن هر جديد دور ۾ به ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن واٽرسپلائي جون لائنون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن جنهن سبب شهري گندو پاڻي پيئڻ تي مجبور بڻيل آهن هنن چيو ته ميهڙ شهر جا 14 وارڊ آهن شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهه آهن ، شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهي گندگي سبب مڇرن جو آزار ۽ مختلف بيمارين وڌي ويون آهن شهري انتهائي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته تعلقي اسپتال ميهڙ ۾ ماڻهن کي دوائون نه ٿيون ملن سمورا شعبا غير فعال بڻيل آهن جڏهن ته ميهڙ ۾ ٻن ٿاڻن ، ڊي ايس پي آفيس هجڻ باوجود به بدامني وڌي وئي آهي امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب ٿي وئي آهي شهري غير محفوظ بڻيل آهن ميهڙ مسئلن جو ڳڙهه بڻجي ويو آهي چونڊيل نمائندا ڪرپشن ۾ پورا آهن هنن مطالبو ڪيو ته شهر ۾ امن امان بحال ڪري بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن بنيادي مسئلن جي حل تائين روز جي بنياد تي احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

خيرپور کان ڪراچي ويندڙ سنڌ ڌرتي مارچ جي راڻيپور، گمبٽ ۽ هنگورجا ۾ آجيان

اسان سيني کي هاٿي هڪ ٿي سنڌ ڌرتي ماءُ جي حفاظت ڪرڻي پوندي: عامر نواز وڙائچ

محسن نقوي ۽ ڊي آءِ ايس پي آر سميت سمورن کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي

اسان پنهنجي حق ۽ سنڌ بچائڻ لاءِ نڪتا آهيون، سنڌ جو ورهاڱو ڪڏهن به قبول نه ڪنداسين

خيرپور، هنگورجا، گمبٽ، راڻي پور(نمائندن وڪان) وڪيلن جو ڌرتي مارچ راڻي پور پهچڻ تي سنڌين جو ڳلن جي ورڪا ڪري استقبال ڪيو ويو سنڌ ورهاڱي وارا ڪجهه وقت ۾ پاڻ ئي ورهائجي ويندا، اسان سيني بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: ڪراچي بار ايسوسيئيشن پاران نڪتل مارچ کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

فقيرآباد ۾ استاد آصف لاڪائي تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

فقيرآباد (ن ع) : سينيئر تعليمدان ۽ ليکڪ استاد آصف لاڪائي خلاف گمبٽ ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيڻ واري عمل خلاف پريس ڪلب فقيرآباد اڳيان سماجي تنظيمن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري سخت بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڄامشورو جي روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل ناري مهڪ ملاح جي خيالي جي تصوير ۽ گرفتار ڪيل رڪشہ ڊرائيور نوجوان

دادو ۾ پراڻي زميني تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ فائرنگ، هڪ ڄڻو زخمي

ڳوٺ دائو چانڊيو ۾ رستم چانڊيو ۽ اڪبر چانڊيو ڌرين وچ ۾ فائرنگ

فائرنگ جي نتيجي ۾ اعجاز چانڊيو گولين لڳڻ سبب زخمي، اسپتال منتقل

دادو(د-ر) جهلو ٿاڻي جي حد ڳوٺ دائو چانڊيو ۾ پراڻي زميني تڪرار تي سخت فائرنگ، رستم چانڊيو ۽ اڪبر چانڊيو ڌرين جي وچ ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري، فائرنگ جي نتيجي ۾ اعجاز چانڊيو گولين لڳڻ سبب زخمي، واقعي ڪانپوءِ پوليس طرفان اڃا تائين ڪا به قانوني ڪارروائي عمل ۾ نه اچي سگهي

ڪراچي ۾ پوليس،رينجرز، ايف آءِ اي ۽ اين سي سي آءِ اي جي ڪارروايون ۾ 51 ڄڻا گرفتار

ڪارروايون دوران هٿيار، گوليون، منشيات، چوري ٿيل موٽرسائيڪل ۽ اليڪٽرانڪ ڊوائيسز هٿ ڪيا ويا

جمشيد ڪوارٽرز ۾ پوليس مقابلي ۾ ٽن جوابدارن جي گرفتاري ظاهر،جيل چورنگي پل پرسان مقابلي ۾ زخمي سميت ٽن جوابدارن گرفتار

درخشان پوليس جو ڪلفٽن مارڪيٽ پرسان ڊانس پارٽي تي ڇاپو، هٿيار، نشي آور شين جو استعمال ڪندڙ مردن ۽ عورتن سميت 25 ڄڻا ڪي ٿاڻي منتقل

رينجرز ۽ ضلعي ويسٽ پوليس ڳجهي اطلاع تي سرجاني ٽائون ۾ ڪڍيل ڪارروائي ڪندي پنج مبينا انساني اسمگلرن کي گرفتار ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلي،ڊانس پارٽي تي ڇاپي ۽ پاڪستان رينجرز ايف آءِ اي ۽ اين سي سي آءِ اي جي ڪارروايون دوران مجموعي طور 46 کان 51 ڄڻن کي گرفتار بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

فريدآباد لڳ جوابدارن جو حملو،صحافي جو ڀاڻج مرٽينگ،اسپتال منتقل

ڳوٺ فيض ڪولاچي ۾جوابدار دلبر ڪولاچي کي گوليون هڻي فرار ٿي ويا

ساڳين ئي جوابدارن پهريان به اسان جي ٻن عورتن کي قتل ڪيو هو:راحب ڪولاچي

فريدآباد(ن ع)فريدآباد ٿاڻي جي حد ڳوٺ فيض محمد ڪولاچي ۾ جوابدارن جو حملو ميهڙ جي صحافي مير صابر ڪولاچي جو ڀاڻج نوجوان دلبر ولد گلزار ڪولاچي مرٽينگ ڳنڀير حالت ۾ لاڙڪاڻو اسپتال منتقل،زخمي نوجوان جي وارثن راحب ڪولاچي ، گلشير ڪولاچي ، اعجاز ڪولاچي ۽ ٻين تعلقي اسپتال ميهڙ ۾ احتجاج ڪندي دانهيو ته اسان جي ڳوٺ جي ٽي بااثر جوابدارن عطاءالله ۽ طارق ڪولاچي جي چپ تي جوابدارن بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

قرآن پاڪ جي تلاوت انسان جي دل ۽ دماغ کي ايمان جي نور سان روشن ڪري ٿي: قاري فردان آدم

سکر (بيورو رپورٽ) مولانا امان الله سکراوي پاران پراڻي سکر جي نصرت ڪالوني نمبر 5 ۾ واقع اولياء مسجد جي سرپرستي هيٺ هڪ شاندار ۽ باوقار محفل حسن قرات منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سڄي سنڌ ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي 19هين ورسي ملهائي وئي، تقريبون منعقد، ڀيٽا پيش

پيپلز پارٽي پاران هر ضلعي ۾ شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ دعائيه تقريبون ڪوٺايون ويون

ڪارساز ۽ لياقت باغ جي سانحن ۾ شهيد بينظير ڀٽو ۽ ڪارڪنن کي شهيد ڪري عوام جي اميدن جو قتل ڪيو ويو: نثار کهڙو

پ پ ملڪ ۾ آئين، قانون ۽ پارليامينٽ جي بالادستي ۽ جمهوريت جي تسلسل لاءِ جمهوري ڪردار ادا ڪري پئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن جي 19هين ورسي سنڌ جي سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي ان ڏس ۾ پاڪستان پيپلز بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ڪلام پاڪ جي تلاوت ڪئي پئي وڃي

سکر ۾ پنوعاقل واسي ڳوٺاڻن جو ٻاٿرن پاران گهر تي حملي خلاف مظاهرو

ڳوٺ رحمت الله چاچڙ جي رهواسي محمد امين چاچڙ ۽ ٻين سول اسپتال آڏو احتجاج ڪيو

ٻاٿرن زمين تي قبضي ڪوشش تان حملو ڪري 14 ڄڻن کي زخمي ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) پنوعاقل ۾ هڪ گهر تي حملي ۾ عورتن، ٻارن ۽ مردن سميت چوڏهن ماڻهو زخمي ٿي پيا، مبينا طور تي زرعي زمين جي ملڪيت جي تڪرار تي زخمين مان چار کي علاج لاءِ سول اسپتال سکر منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ٻيا زخمي پنهنجن ڳوٺن ۾ آهن پوليس تي واقعي خلاف اثرائتي ڪارروائي نه ڪرڻ ۽ بااثر جوابدارن جي مدد ڪرڻ جو الزام لڳائيندي، بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ اميدوارن پاران آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج

اميدوارن عارف سولنگي، عطاالله بروهي، عبدالله ڪوسو رياض ڪوسو ٻين احتجاج ڪيو

سمورن اهل ويٽنگ اميدوارن جي مقرري بابت مثبت فيصلو ڪري آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن

مورو (ن ع) مورو ۾ آءِ بي اي پاس 40 پلس بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن پاران آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته اسپيشل ڪاميٽي جو اجلاس فوري طور گهرائي سنڌ جي سمورن اهل ويٽنگ اميدوارن کي هڪ ئي مرحلي ۾ آفر آرڊر جاري ڪري روزگار بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: ايس ٽي پي اڳواڻ قادر مگسي اڳوڻي يوسي چيئرمين ضمير شاهاڻي جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

سنڌ جا 107 گريجوئيٽ جديد زرعي ٽيڪنالاجيءَ جي تربيت لاءِ چين پهچي ويا

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي سهڪار سان چونڊيل گريجوئيٽس خاص تربيت حاصل ڪندا

جديد زرعي ٽيڪنالاجي ۽ عملي تجربن سان نوجوانن جي صلاحيتن ۾ واڌ ٿيندي: وائيس چانسلر

ٽنڊوڄام (اي پي پي) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي سهڪار سان سنڌ جا 107 زرعي گريجوئيٽس وزيراعظم جي پروگرام تحت ٽن مهينن جي خاص تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ چين پهچي ويا آهن هو تربيت دوران کين جديد زرعي ٽيڪنالاجي ۽ نون طريقن بابت سکڻ جو موقعو ملندو، بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ نوجوان کان ڇهن مهينن تائين مبينه جبري پورهيو وٺڻ جو انڪشاف

ميڍهن جي خريد جي ٻه لک رپين جي مبينه رهڻ تان نوجوان کي روڪڻ جو الزام

غير جانبدار جاچ ڪرائي وڃي، نوجوان جي سلامتي کي يقيني بڻايو وڃي:اختر ڪنڀار

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي ويجهو سورنهن ورهين جي نوجوان کان ڇهن مهينن کان مبينه جبري پورهيو وٺڻ جو انڪشاف، پيءُ انصاف لاءِ پريشان .ميڍهن جي خريد ۽ وڪرو جي معاملي ۾ ٻن لکن رپين جي مبينا رهڻ تان نوجوان کي روڪي رکڻ جو الزام اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڏگهڙي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڦبوسعيدخان ويجهو ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب ٻه معصوم ٻارڙا فوت، هڪ زخمي

چانڊيا مگسي دنگ وٽ حادثي ۾ 10 ورهين نادر، 9 ورهين جو توفيق چانڊيو ٿڏي تي فوت ٿي ويا

حادثي ۾ زخمي سراج احمد ۽ لاشن کي پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪري لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيا

آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي

ڦبوسعيدخان (رپورٽ : فراز نظيرڪوسو) سڄل ڪمپني جي ٽرالي ۽ موٽر سائيڪل ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٽڪر جي نتيجي ۾ ٻه معصوم ٻارڙا فوت، هڪ زخمي ڦبوسعيدخان ۾ چانڊيا مگسي دنگ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5


SYED BABAR ALI
A CENTENNIAL TRIBUTE
MUHAMMAD AZFAR AHSAN
Hosted by the CORPORATE PAKISTAN GROUP Adabi Committee and the Arts Council of Pakistan, Karachi
SYEDBABARALI
A CENTENNIAL TRIBUTE
ڪراچي: سي بابرعلي تي لکيل ڪتاب جي مهورتي تقريب ۾ مهمان اسٽيج تي ويٺل آهن

هنگورجا ويجهو پوليس پڪٽ سامهون ڦر مزاحمت تي نوجوان زخمي، اسپتال داخل

هنگورجا (ن ع)هنگورجا ٿاڻي جي حد ۾ نو لکي پوليس پڪٽ سامهون نامعلوم هٿيارٻندن موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن فائرنگ ڪري نوجوان رضوان چنو کي زخمي ڪري ڇڏيو ۽ واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا. زخمي نوجوان کي علاج لاءِ خيرپور اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: ڦر دوران زخمي ٿيل فوجي نوجوان کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

ڳوٺ غلام حيدر جويو بنيادي سهولتن کان محروم، ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڳوٺ جا رهواسي بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف سراپا احتجاج بڻجي ويا

چونڊيل نمائندن طرفان سندن ڳوٺ کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو ويو آهي:ڳوٺاڻا

مسوڀرڳڙي(ن ع)ايم پي اي مخدوم فخرالزمان ۽ ايم اين اي مخدوم جميل الزمان جي تڪ يونين ڪائونسل 22 جيئندل ڪوٽ جي ڳوٺ غلام حيدر جويو جا رهواسي بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف سراپا احتجاج بڻجي ويا مظاهرين احتجاج ڪندي چيو ته اسان جا ابا ڏاڏا پيپلز پارٽي کي ووٽ ڏيندي ڏيندي هن دنيا مان هليا ويا، پر افسوس جو اڄ تائين اسان جي ڳوٺ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون پر سنڌ ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين: نادر مگسي

سنڌ جي وحدت، جاگرافيائي حدن ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ لاءِ عوامي رابطا مهم سڄي سنڌ ۾ هلائي ويندي

اديب، شاعر ۽ دانشور پنهنجي قلم ذريعي سنڌ جي تاريخي حيثيت ۽ قومي شعور کي اجاگر ڪن

سنڌ جي زمينن، درياهه، سمنڊ، ٻيلن ۽ معدني وسيلن تي پهريون حق سنڌ جي عوام جو آهي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته سنڌ اسان جو مادر وطن آهي، جنهن جي جاگرافيائي حدن تاريخي وحدت، قومي تشخص ۽ قدرتي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ايم پي اي امتياز شيخ پاران شهيد بينظير پارڪ ۽ جم ڪلب جو دورو

امتياز شيخ جم ڪلب ۾ جاري ترقياتي ڪمن جو تفصيلي جائزو ورتو

پارڪ کي خوبصورت ۽ معياري ماڳ بڻائڻ لاءِ گهربل قدم کنيا وڃن: امتياز شيخ

شڪارپور(د ر)پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ، اڳوڻي صوبائي وزير ۽ ميمبر سنڌ اسيمبلي جناب امتياز احمد شيخ شڪارپور ۾ شهيد بينظير پارڪ ۽ جم ڪلب جو دورو ڪري پارڪ جي موجوده صورتحال ۽ جم ڪلب ۾ جاري ترقياتي ڪمن جو تفصيلي جائزو ورتو.ان موقعي تي امتياز احمد شيخ لاڳاپيل عملدارن کان ترقياتي منصوبن بابت تفصيل معلوم ڪيا ۽ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

تعلقي گمبٽ ۾ اٽي جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافو، مزدورن طبقو پريشان

گمبٽ (ت ر) سڄي سنڌ جيان تعلقي گمبٽ ۾ به اٽي جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافو ٿي ويو آهي گمبٽ، کهڙا، فقير آباد، اگڙا ۽ ريڙهي سميت سڄي تعلقي ۾ اٽي جو بحران پيدا ٿي ويو آهي جڏهن ته بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪارساز سانحو پاڪستان جي جمهوري روح تي حملو هو: ڊاڪٽر نفيسه شاهه

شهيد بينظير ڀٽو جي وطن واپسي آمريت جي اونداهين خلاف جمهوريت جي روشنيءَ جي واپسي هئي

عورت جي قيادت ۽ عوامي طاقت کان خوفزده قوتن جمهوريت جي آواز کي خاموش ڪرڻ چاهيو پئي

بهادر جيالن جون قربانيون عوام ۽ قيادت جي ناقابل شڪست رشتي جي علامت بڻجي ويون آهن

اسلام آباد (اي پي پي) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر ڊاڪٽر نفيسه شاهه ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته 18 آڪٽوبر جو ڏينهن اسان جي جمهوري بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

PPP DISTRICT LARKANO
سانحه ڪارساز
OCTOBER
سنڌ جي مختلف شهرن ٺٽي بدين دادو ٽنڊو آدم ۽ لاڙڪاڻي ۾ پ پ پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن لاءِ ٿيل تقريبن جو ڏيک

سنڌ حڪومت جي ٽيچر لائسنسنگ پاليسي کي عالمي سطح تي مڃتا حاصل ٿي آهي:سردار شاهه

اهو تجربو ترقي پذير ملڪن ۾ تعليمي معيار بهتر بڻائڻ ۽ استادن جي صلاحيتن ۾ واڌ لاءِ نوان رستا متعين ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو

ٽيچر لائسنسنگ پاليسي جو نفاذ پيپلز پارٽي جي سنجيده ڪوششن ۽ سمورن ڌرين جي گڏيل سهڪار ۽ تعاون جو نتيجو آهي

استادن جي پيشه ورانه اهليت ۽ تدريسي معيار ۾ بهتري سان شاگردن جي تعليمي ڪارڪردگي ۽ مجموعي تعليمي ترقي تي مثبت اثر پئجي سگهن ٿا

ڇهن ملڪن جي نمائندن جو هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿي سنڌ جي تجربن مان فائدو حاصل ڪرڻ مثبت اڀرائي آهي:رشا شرف

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سنڌ حڪومت جي ٽيچر لائسنسنگ پاليسي کي عالمي سطح تي مڃتا حاصل ٿي آهي، جتي ڇهن ملڪن جي نمائندن استادن جي پيشه ورانه تربيت، تدريسي معيار ۽ تعليمي نظام ۾ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي 19هين ورسي ملهائي وئي، ڀيٽا پيش

ڪارساز جي شهيدن جي قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون: صادق ميمڻ/رياض شاهه شيرازي

پيپلز پارٽي جمهوريت لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن عوام جي خدمت جو سلسلو جاري رهندو

ٺٽو(د ر) ڪارساز جي شهيدن جي 19 هين ورسي جي سلسلي ۾ ٺٽي ۾ به تقريب منعقد ڪري شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي تقريب ۾ پي پي ٺٽي جو ضلع صدر ايم اين اي صادق علي ميمڻ صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو پي پي اڳواڻن عاشق زرداري عبدالحميد ڀنڀرو امتياز قريشي پير غلام رحماني ممتاز جلباڻي ۽ ٻين اڳواڻن خطاب بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ سماجي تنظيم جي نوجوانن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڪوٽڙي: سائيٽ (ن ع) ينگ شيرازي ويلفيئر جي نوجوانن پاران هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج پ پ ايم پي اي ۽ ايم اين اي اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺن ينگ شيرازي ويلفيئر جي نوجوانن پاران مقامي نوجوانن کي روزگار فراهم ڪرڻ لاءِ آواز اٿاري ڇڏيو پ پ ايم پي اي، ايم اين اي ۽ اعليٰ اختياريون اسان جي احتجاجن کي ترجيح ڏين نوجوانن جي بيروزگاري جو بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو: حادثي جا زخمي اسپتال ۾ داخل آهن

هنگورجا پرسان منگنيجا ۽ شيخ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 5 ڄڻا زخمي، احتجاج

زمين جي پيل جي معاملي تان زخمي معصوم ٻارڙي سميت ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

متاثرن پاران نيشنل هاءِ وي بند ڪري احتجاج، پوليس انصاف جو يقين ڏيارڻ احتجاج ختم ڪرايو

هنگورجا (ن ع)هنگورجا پرسان زمين جي پيل جي معاملي تان منگنيجا ۽ شيخ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو فائرنگ، لٺين ۽ ڪهاڙين جي استعمال سبب 13 ورهين جي نينگر گلزار احمد بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: جهيڙي جا زخمي صحافين آڏو دانهي رهيا آهن

18آڪٽوبر 2007ع پاڪستان جي تاريخ جو ڏکوئيندڙ ڏينهن آهي: علي حسن هنگورجو

سانحو سنڌ سميت ملڪ جي عوام لاءِ ناقابل فراموش ڏک ۽ صدمي جو سبب بڻيو

ٽنڊوآدم (ن ع) پيپلز پارٽي ضلعي سانگهڙ پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ قرآن خواني ۽ دعائيه تقريب، شهيدن جون قربانيون جمهوريت جو اهم ورثو آهن: پ پ اڳواڻ رپورٽ موجب پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي سانگهڙ پاران 18 آڪٽوبر 2007 ع واري بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

حادثن کان بچاءَ ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ ضروري آهي: آءِ جي سنڌ

فوري طبي امداد فراهم ڪرڻ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ طبي مرڪزن وچ ۾ اثرائتو سهڪار انساني جانيون بچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو

ٽريفڪ ريگيوليشن اينڊ سيفٽي ڪنٽرول سسٽم جي نفاذ سان ٽريفڪ جي نظم ۽ ضبط کي بهتر بڻائڻ ۽ حادثن ۾ گهٽتائي اچڻ ۾ مدد ملي آهي

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو ڪردار صرف امن امان برقرار رکڻ تائين محدود ناهي، پر هنگامي حالتن ۾ سهڪار فراهم ڪرڻ به ذميواري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو عالمي ڏينهن ٽراما 2026 ع جي موقعي تي ڪراچي ۾ منعقد ڪيل مرڪزي تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي شهيد محترمه بينظير ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف ٽراما (SMBBIT) پاران عالمي ڏينهن ٽراما جي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم پوليس پاران ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن پوليس ايس ايڇ او بشير احمد چانڊيو جي اڳواڻيءَ ۾ ڪارروائي ڪندي ڪراچيءَ سان تعلق رکندڙ 3 منشيات فروشن پوليس هيڊ ڪانسٽيبل محمد نويد ڪرول . عديل احمد تنولي ۽ محمد حميد شيخ کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 11 هزار پڙيون بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سانحه ڪارساز کے
شہداء کو سرخ سلام
پيپلز پارٽي
حيدرآباد: ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڏيا ٻاري ڀيٽا پيش ڪئي پئي وڃي

ٽنڊوالهيار ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريب

ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا:لياقت شاهاڻي

شهيدن جان جو نذرانو ڏئي وقت جي آمر کي ڳوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو

ٽنڊوالهيار(د ر)ٽنڊوالهيار ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ڪلچر ونگ طرفان باءِ پاس لڳ خاصخيلي هائوس تي تقريب ڪوٺائي وئي تقريب ۾ پ پ جيالن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جتي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي دعا پڻ ڪئي وئي ان موقعي تي پ پ پ ڪلچرل ونگ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري لياقت شاهاڻي تعلقه صدر بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ يوم شهداءِ ڪار ساز جي تقريب، قرآن خواني ۽ ڏيئا ٻاري شهيدن کي ڀيٽا پيش

پيپلز پارٽي ضلعي حيدرآباد پاران ضلعي ڪائونسل ۾ قرآن خواني، شهيدن جي مغفرت ۽ ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ خصوصي دعا

ڪار ساز سانحي جا شهيد جمهوريت، عوامي حقن ۽ جمهوري جدوجهد جي تاريخ جو اهم حصو آهن: اڳواڻ

حيدرآباد پريس ڪلب آڏو پ پ ڪلچر ونگ پاران ڏيئا ٻاري، شهيدن جون تصويرون رکي گلن جي ورکا سان ڀيٽا پيش ڪئي وئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي حيدرآباد پاران 18 آڪٽوبر يوم شهداءِ ڪار ساز جي موقعي تي ضلعي ڪائونسل حيدرآباد ۾ قرآن خواني ۽ ايصال ثواب جي تقريب منعقد ڪئي وئي، بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ سماجي تنظيم پاران ذهني مرضن ۾ مبتلا ماڻهن لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وئي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ۾ ذهني مرضن ۾ مبتلا ماڻهن لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپ، 50 کان وڌيڪ مريضن جو طبي معائنو. ڪوٽڙي ۾ ذهني مرضن ۾ مبتلا بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر ۾ مهانگائي، زرعي بحران ۽ سنڌ جي ورهاست خلاف هاري تحريڪ جي ريلي

مهانگائي سبب هاري، مزدور ۽ پورهيت پريشان آهن، پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه گهٽايا وڃن: اڳواڻ

ٿرپارڪر کي ڏڪار سٽيل علائقو قرار ڏئي خصوصي امدادي پيڪيج فراهم ڪيو وڃي

ٿرپارڪر (ن ع) ٿرپارڪر ۾ سنڌي هاري تحريڪ ۽ پاڪستان ڪسان رابطا ڪميٽي جي سڏ تي عوام دشمن مهانگائي، پيٽروليم شين جي وڌندڙ اگهن، زرعي بحران، ٿر جي هارين ۽ مالوند ماڻهن سان ٿيندڙ ناانصافين ۽ سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ وارين سازشن، ٿر کي ڏڪار سٽيل علائقو قرار نه ڏيڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ سنڌي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ سنڌ حڪومت جي ميزباني ۾ نيشنل جونيئر بيڊمنٽن چيمپئن شپ جو آغاز

چيمپئن شپ جو سيڪريٽري اسپورٽس سنڌ منور علي ميسر ۽ ڪمشنر عابد سليم قريشي افتتاح ڪيو

سنڌ، بلوچستان، خيبر پختونخوا، پنجاب، گلگت بلتستان ۽ اسلام آباد جون ٽيمون سکر پهچي ويون

قومي سطح جي مقابلن ۾ نوجوان رانديگرن کي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ۽ تجربو حاصل ڪرڻ جا موقعا ملندا: مقرر

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ميزباني هيٺ نيشنل جونيئر بيڊمنٽن چيمپئن شپ 2026 جو اسپورٽس ڪلب سکر ۾ شاندار آغاز ٿيو آهي جنهن جو افتتاح سيڪريٽري اسپورٽس سنڌ منور علي ميسر ۽ ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي ڪيو هي چيمپئن شپ سنڌ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

پريس ڪلب عمرڪوٽ
عمرڪوٽ: اٽي جا اگهه وڌڻ خلاف ڀيل برادري پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميهڙ شهر ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف شهري اتحاد جي سڏ تي 37 ڏينهن بعد پيادل مارچ

ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي دهل وڄائي بيهڙو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪري انوکو احتجاج ڪيو ويو

نالي واري صوفي راڳي فقير خالد حسين پڻ احتجاج ۾ شامل ٿي گيت ڳائي ميهڙ واسين سان همدردي جو اظهار ڪيو

جديد دور ۾ به ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن:نياز علي برڙو

امن امان بحال ڪري مسئلا حل ڪيا وڃن،مسئلن جي حل تائين روز جي بنياد تي احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

ميهڙ(ن ع)ميهڙ شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ،صفائي نه ٿيڻ،فلٽر پلانٽ جو ناڪاره هجڻ ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي ميهڙ واسين 37 ڏينهن به ٻانهن تي ڪاريون بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

پيپلز پارٽي سنڌ جي وسيلن ۽ ساموندي پٽي بابت سوديبازي ڪري رهي آهي: عوامي تحريڪ

پيپلزپارٽي جي جاويد شاهه جيلاني جي ڏنل بيان عوامي تحريڪ سخت مذمت ڪري ٿي:لال جروار

جيڪي پارٽيون ۽ تنظيمون سنڌ وحدت تي ٽينڊر وار خلاف پرامن احتجاج ڪن ٿيون ته انهن جون گرفتاريون ڪيون وڃن ٿيون:راحيل پٽو

ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ لاءِ ريليون ۽ جلسا ڪري ٿي ته ان کي پيپلز پارٽي جي سنڌ سرڪار مڪمل پروٽوڪول ڏئي ٿي: عمره سمون

سنڌ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري ڪيٽي بندر، ٺٽي، سجاول ۽ بدين جي ساموندي پٽي کي سڄي طرح وفاق حوالي ڪرڻ جا سانباها ڪيا پيا وڃن:وسند ٿري

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار مرڪزي ڪميٽي جي سيڪريٽري ايڊووڪيٽ راحيل پٽو سنڌياڻي تحريڪ جي صدر عمره سمون ڊاڪٽر سنڌو مگهڻهار ايڊووڪيٽ وسند ٿري بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ۾ اکين جي علاج لاءِ "الابراهيم آءِ اسپتال" جو افتتاح

صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو اسپتال جو افتتاح ڪيو، سياسي، سماجي اڳواڻن جي شرڪت

علاج لاءِ اڳ ۾ ڏورانهن شهرن جو سفر ڪرڻو پوندو هو جنهن سان وقت ۽ پئسن جو زيان ٿيندو هو:اڳواڻ

گولاڙچي (ت ر) گولاڙچي ۾ مقامي سطح تي اکين جي معياري علاج جي فراهمي لاءِ قائم ڪيل "الابراهيم آءِ اسپتال" جو شاندار افتتاح سنڌ جي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو هٿان عمل ۾ آيو. افتتاحي تقريب ۾ سياسي، سماجي، واپاري ۽ صحافتي تنظيمن جي نمائندن توڙي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اسپتال انتظاميا پاران مهمانن جي شاندار بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

باڊهه کي تعلقي جو درجو نه ملڻ خلاف رهواسين جو اٺن سالن کان لڳاتار هفتيوار احتجاج جاري

باڊهه (ن ع) ڏيڍ لک جي آبادي رکندڙ لاڙڪاڻي ضلعي جي ٻئين نمبر وڏي ۽ قديمي شهر باڊهه کي تعلقي جو درجو نه ملي سگهيو. گذريل اٺن سالن کان لڳاتار بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

دهشتگردي جو جواب نفرت سان نه پر پرامن گڏيل بقا جي عزم سان ڏئي سگهجي ٿو: آصفه ڀٽو زرداري

ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون وساري نٿيون سگهجن، 180 کان وڌيڪ بيگناهه ماڻهو شهيد ٿيا

نوجوان نفرت ۽ انتهاپسندي رد ڪري جمهوريت، امن ۽ انساني وقار جي تحفظ لاءِ ڪردار ادا ڪن

دهشتگردن کي پاڪستان جي تقدير جو فيصلو ڪرڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي: پيغام ۾ اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري نوجوانن تي زور ڀريو آهي ته هو نفرت، عدم برداشت ۽ انتهاپسندي کي رد ڪندي جمهوريت، امن، رواداري ۽ انساني وقار جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. دهشتگردي جو جواب وڌيڪ نفرت نه پر تعليم، انصاف، موقعا ۽ پرامن گڏيل بقا جي عزم سان ڏئي سگهجي ٿو ڪارساز سانحي جي ورسي جي موقعي تي آچر تي پنهنجي پيغام ۾ خاتون اول چيو ته 19 بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ ڪار ساز سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ تقريب منعقد

پير هائوس ۾ پ پ پاران منعقد تقريب پير مجيب، فياض احمد ٻٽ ۽ ڪارڪنن جي شرڪت

سانحو ڪار ساز جمهوريت ۽ عوامي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙن جي قربانين جو دردناڪ باب آهي: پير مجيب

دادو(رپورٽ-ولي محمد لنڊ) سانحي ڪار ساز جي شهيدن جي ياد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي دادو پاران پير هائوس ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پ پ ضلعي دادو جي صدر ۽ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق، جنرل سيڪريٽري ايم پي اي فياض احمد ٻٽ، ثاقب مهيسر، امداد حسين ڏاريچ، سجاد احمد جوڻيجو، ايم عمر ڀنڀرو، محمد يونس سولنگي، سميت بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

THALASSEMIA
بدين: سيڪريٽري مينارٽي افيئرز تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پ پ ٿرپارڪر پاران ڪارساز شهيدن جي ياد ۾ تقريب

شهيدن جي درجن جي بلندي لاءِ قرآن خواني ۽ دعائون گهريون ويون

پ پ ڪارڪنن جو اهو قربانين وارو سفر هميشه جاري رهندو:مهيش ملاڻي

مٺي (د ر)پ پ ضلع ٿرپارڪر پاران ڪار ساز سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ضلعي ڪائونسل هال مٺي ۾ هڪ تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ سانحي جي شهيدن جي درجن جي بلندي لاءِ قرآن خواني ۽ دعائون گهريون ويون کين شاندار خراج تحسين پيش ڪيو ويو. تقريب ۾ پ پ ڊويزنل صدر ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ضلعي صدر بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

راڻيپور لڳ پ پ اڳواڻ ضمير حسين شاهاڻي جو ٽيجهو، وڏي پٽ صحافي امير يار کي پڳ ٻڌرائي وئي

راڻي پور(ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي اڳواڻ يونين ڪائونسل گڏيجي جي اڳوڻي چيئرمين شاهاڻي برداري جي معزز شخصيت مرحوم ضمير حسين شاهاڻي جي ٽيجهي جي دعا ۽ پڳ جي رسم ڪوٺ پلاڙو لڳ ڳوٺ فتح علي شاهاڻي جي ڳوٺ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريب

ڪوٺايل تقريب ۾ اڳواڻ ۽ ڪارڪنن جي شرڪت، شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي

مير اعجاز حسين جکراڻي ۽ ٻين اڳواڻن پاران شهيد ڪارڪنن کي سرخ سلام پيش ڪيو

شهيدن ملڪ جي بقا، جمهوريت جي بحالي ۽ پارٽي جي مضبوطي لاءِ جانين جا نذرانا ڏنا: اعجاز جکراڻي

جيڪب آباد (د ر) 18 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ ڪارساز سانحي ۾ شهيد ٿي ويلن ڪارڪنن جي 19هين ورسي جي موقعي تي کين ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ جيڪب آباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پاران جکراڻي هائوس تي تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ پي پي پي لاڙڪاڻو ڊويزن جي صدر ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي، سينيئر نائب صدر محسن خان سرڪي، بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ڪوٺايل تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

مورو ۾ ڳوٺاڻي جو پرڻن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

مورو (ن ع) مورو پرسان: ڳوٺ نور محمد جي رهواسي شمس الدين عالماڻي پنهنجي پٽ سان گڏجي مورو پريس ڪلب ۾ دانهيندي چيو آهي ته منهنجا پوٽا هرهڪ روشن علي جبان غفان ذوالفقارعلي ولد روشن علي عالماڻي گهر اندر رکيل 78 بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

مٺي روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان حيدرآباد اسپتال ۾ فوت

مٺي (د-ر) تعلقي مٺي جي ڳوٺ ارنيارو جو رهواسي نوجوان پرٽ لال ولد موهن سارنگاڻي ڪجهه ڏينهن اڳ روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيو هو ۽ ڪوما ۾ هليو ويو جيڪو ڪالهه حيدرآباد جي اسپتال ۾ زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو.

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.